# بدرُوحن تي فتح

ليکڪ:

**وِوين اسٽيسي**

مترجم:

**افتخار بلوچ**

**مسيحي ادبي انجمن**
Masihi Adabi Anjuman
پوسٽ باڪس نمبر 358
حيدرآباد، سنڌ
Phone: 0301 354 6751
E-Mail: maasindh@gmail.com



(انجمن جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | بدروحن تي فتح |
| دفعو | : | ٻيون |
| سال | : | 2014ع |
| تعداد | : | 500 |
| ڇپائيندڙ | : | مسيحي ادبي انجمن، باڪس نمبر 358، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | : | ايس گرافڪس حيدرآباد |
| قيمت | : | 100 روپيا |

Originally published in Lahore, Pakistan
by Masihi Isha'at Khana under the title,
"Christ Supreme Over Satan"
By: Vivienne Stacey
Sindhi edition published with permission
from MIK

Copyright ©Vivienne Stacey 1986

1990NT (2002 Ed)
2009OT

# مضمونن جي فهرست


| نمبر | مضمون | صحفو |
|---|---|---|
| .1 | پيش لفظ | 4 |
| .2 | عيسيٰ مسيح عمارتن کي پاڪ صاف ڪندو آهي | 10 |
| .3 | عيسيٰ مسيح ماڻهن کي آزاد ڪندو آهي | 26 |
| .4 | فرشتا ۽ بدروح | 41 |
| .5 | ابليس جا نالا | 54 |
| .6 | ابليس جا ڪم | 64 |
| .7 | لڪل طاقتن جي دلفريبي | 72 |
| .8 | حقيقت ۽ جعل سازي | 86 |
| .9 | عوامي يا لوڪ مذهب | 104 |
| .10 | عيسيٰ مسيح فتحمند آهي | 117 |
| .11 | خدا جا هٿيار | 126 |
| .12 | شيطان جي ڇوٽڪاري کان پوءِ تعليم | 141 |
| .13 | علم نجوم تي ضميمو | 153 |




# پيش لفظ

ڪيترن ئي سالن کان منهنجي خواهش هئي تہ روحاني جنگ جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکان. جڏهن مسيحي اشاعت خاني وارن هن موضوع تي لکڻ جي فرمائش ڪئي تہ مان سمجهي ويس تہ هاڻي قلم کڻڻ جو وقت اچي ويو آهي. پاڪستان ۾ خدمت جي پهرين اٺن سالن ۾ مون کي جادو منتر جي خراب اثرن ۽ بد روحن جي مخالفت جو ڪوبہ تجربو نہ هو. اهڙيون ڳالهيون منهنجي مغربي علم الاهيات جي نصاب ۾ نہ هيون، ۽ نہ وري منهنجي مشرقي تجربي ۾. پوءِ مون کي ٿل جي علائقي ۾، هڪ پنجابي آباديءَ ۾ ٻن مهينن تائين خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. اتي جن تجربن کي منهن ڏيڻو پيو، مان انهن لاءِ بلڪل تيار نہ هيس. اتي وڃڻ جو مقصد هي هو تہ پنجابي ٻولي، ڳوٺاڻي زندگي ۽ وهمن جو مطالعو ڪريان. منهنجي رهڻ سان اتي روحاني بيداريءَ جي هڪ لهر آئي. هن آباديءَ ۾ تقريباً 80 خاندان هئا. انهن ۾ اڪثريت مسيحين جي هئي، جيڪي گهڻو ڪري گوجره جي علائقي مان اچي اتي آباد ٿيا هئا. حڪومت انهن ”معاشي مهاجرن“ کي زمين ڏني هئي. انهن پنهنجن هٿن سان گاري مٽيءَ جا گهر ٺاهيا هئا. اهڙيءَ طرح هڪ ڪچو عبادت خانو تعمير ڪيو هئائون، جنهن جي ڇت ڪانين جي اڏيل هئي.

1962ع جي اونهاري ۾ جڏهن مان اتي رهندي هيس

تڏهن خدا جو پاڪ روح تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ انهن مسيحين کي مسيح جي قربت ۽ قوت جو هڪ نئون تجربو حاصل ٿيو. هو روزانو رات جو گڏ ٿي دعا ۽ عبادت ڪندا هئا. هر روز واريءَ واريءَ سان مختلف گهرن ۾ عبادت ڪئي ويندي هئي. هاڻي شيطاني طاقتون به پنهنجو رنگ ڏيکارڻ لڳيون. ڪاري ۽ اڇي جادوءَ جا عمل، ڪڏهن بنا ڪنهن سبب جي رت جا دٻا نظر اچڻ، ڪڏهن اوچتو پئو ۽ خوف ڇائنجي ويندو هو ۽ شيطان جي دهشتناڪ موجودگيءَ جو احساس ٿيڻ لڳندو هو. نيڪي ۽ بدي جي ان جنگ کان ته واقف هيس، جيڪا اسان جي چوڌاري ڪائنات ۾ هر وقت جاري رهندي آهي. هتي اهي قوتون ۽ اختيار موجود هئا جن تي صليب ذريعي فتح حاصل ڪئي. ”خدا حڪومتن ۽ اختيار وارن کان هٿيار کسي ڪين ڪليو ڪلايو تماشو بڻايو ۽ صليب جي وسيلي انهن تي، جيڪي قيدين وانگر هئا، فتحيابيءَ جو شاد مانو وڄايائين.“ (ڪلسين 15:2)

اُن کان اڳيئين سال مون اڍائي مهينا ضلعي رحيم يار خان ۾ گذاريا. هن علائقي جي ڳوٺن ۾ مسيح جي خوشخبريءَ جي منادي (اعلان) ڪندي، عجيب و غريب حالتون اسان جي سامهون آيون. شيطاني ۽ مافوق الفطرت طاقتن سان هڪ جنگ ۽ ڪشمڪش جي ڪيفيت هئي. اُن کان پوءِ مختلف علائقن ۽ ملڪن ۾ مون کي ڪيئي ڀيرا اهڙين ئي حالتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. پاڪستاني ۽ غيرملڪي دوستن به گهڻن ئي اهڙن تجربن جو ذڪر ڪيو آهي. مان انهن سڀني جي شڪر گذار آهيان، جو انهن مون کي پنهنجي تجربن ۾ شريڪ ڪيو ۽ هن ڪتاب جي لکڻ ۾





مدد ڪئي. مان انهن عزيزن جي به شڪر گذار آهيان جن منهنجي هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ دعا ڪئي. خاص ڪري مان ڊاڪٽر روت ڪاگن جي مشڪور آهيان، جنهن پنهنجي تنقيد ۽ حوصله افزائيءَ سان منهنجي لاڳيتي مدد ڪئي.

جيستائين مون کي علم آهي ته هن موضوع تي پاڪستان ۾ ڪو به مسيحي ڪتاب شايع نه ٿيو آهي، جنهن سان شيطان ۽ ان جي فوجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ عملي مدد حاصل ٿي سگهي. مون ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ وارن محسوس ڪيو آهي ته اهڙي عملي ڪتاب جي تمام گهڻي ضرورت آهي، جيڪو انهن ڳالهين جي باري ۾ بائيبل مقدس جي تعليم کي وضاحت سان پيش ڪندو هجي. اسان کي اهڙي قسم جي سوالن جا عملي جواب کپن جهڙوڪ:

اسان کي ڪهڙيءَ طرح معلوم ٿي سگهي ٿو ته ڪو ماڻهو بدروح جي قبضي ۾ آهي يا نه؟ جيڪڏهن آهي ته هن جو علاج ڇا آهي؟ اسان کي عملي طرح ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڇا ڪو گهر بدروحن جو اڏو ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن آهي ته ان کي ڪهڙيءَ طرح پاڪ ڪري سگهجي ٿو؟

ڪهڙيءَ طرح معلوم ڪري سگهجي ٿو ته اهڙين حالتن ۾ انسان جي عام گمراهيءَ جو ڪيترو اثر آهي ۽ شيطاني قوتون براہ راست ڪيترو اثر ڪري رهيون آهن؟

وهَم ۽ شيطاني طاقت ۾ امتياز ڪيئن ٿو ڪري سگهجي؟

ذهني بيماري ۽ شيطاني قبضي ۾ ڪهڙيءَ طرح فرق معلوم ڪري سگهجي ٿو؟ پوءِ اهو به ڏسڻو آهي ته آيا شيطان

فقط دباءُ وڌو آهي، زور ۽ زبردستي ڪري رهيو آهي يا پوريءَ طرح ڪنهن تي قابض ٿي چڪو آهي؟

ڪهڙا شيطاني حربا (داءُ) يا رسم آهن، جيڪي پاڪستان ۾ مسيحين تي خاص طور اثر انداز ٿين ٿا؟

مسيحي، پيرن فقيرن جي پويان ڇو پڇندا آهن؟

غير مسيحي رسم ۽ رواج، ڪليسيا ۽ ان جي خدمت تي ڪهڙي طرح اثرانداز ٿي سگهن ٿا؟

ڇا پاڪ ڪلام جون اهڙيون خاص آيتون، دعائون ۽ عبادتون آهن، جيڪي هن روحاني جنگ ۾ خاص طور تي ڪارائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون؟

جڏهن خدا ڪنهن کي شيطان جي قبضي مان آزاد ڪندو آهي ته ان کي ڪهڙي تعليم ڏيڻ کپي، ته جيئن هو خراب ڏينهن ۾ قائم رهي سگهي؟ (افسين 6:10-18)

اهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيئي سوال آهن، جن لاءِ عملي جواب تمام ضروري آهن.

شايد منهنجا ڪجهه پاڪستاني ۽ غير پاڪستاني دوست اتفاق نه ڪن ته اهڙي ڪتاب جي ضرورت آهي. ڪجهه ماڻهو ته منهنجي ڳالهين کي وهم قرار ڏيندا، جن جو علاج گهٽي تعليم ۽ خاص ڪري بائيبل مقدس جي تعليم آهي ۽ ڪي شايد اهو چون ته اهڙين سمورين قوتن جي ڪشمڪش جو تعلق پهرين صدي عيسويءَ سان ئي آهي. ڪجهه ماڻهو لاديني ۽ سائنسي سوچ کان ايتري قدر متاثر آهن جو انهن جي مطابق ايڪويهين صديءَ ۾ اهڙن موضوعن جي ڪابه گنجائش نه آهي.

اهڙن سيني ماڻهن کي درخواست آهي ته اهي تعجب





۽ بي يقينيءَ کي پاسيرو رکي، في الحال پنهنجو فيصلو ملتوي ڪن ۽ بائيبل هٿ ۾ جهلي دعا ۽ غور سان هنن صفحن جو مطالعو ڪن. هي ڪتاب حرف آخري نه آهي، مان پڙهندڙن جي راءِ ۽ تنقيد کي خوشيءَ سان قبول ڪنديس. جيڪڏهن اهي اهڙا وڌيڪ واقعا ۽ گهربل واسطيدار معلومات موڪليندا ته مان سندن شڪر گذار رهنديس.

آخر ۾ مان پڙهندڙن کي التجا ڪريان ٿي ته جاڏي واٽي ڪڏهن به لڪل طاقتن سان ملوث ٿيڻ يا ڳنڍجڻ جي ڪوشش نه ڪن. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن کي تجسس ٿئي ته ڏسان ته ڪجهه ٿئي ٿو يا نه. رڳو تجربي يا شغل جي طور به ڪڏهن اهڙي حرڪت نه ڪريو. بائيبل مقدس انهن حرڪتن کان ڇٽيءَ طرح منع ڪري ٿو. جادو، افسون گري، ٽوٽڻ ٽوٽڪن ۽ دست شناسيءَ (palmistry) کان سيني ايماندارن کي بلڪل منع ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هر اهڙي حرڪت کان بچڻ گهرجي، جنهن ۾ توهم پرستي شامل هجي.

**مثال:** هدايت ۽ رهنمائيءَ جي خاطر بائيبل کي اتفاقي طور کولڻ، عشاءِ رباني جي مانيءَ جو ٽڪرو بچائي گهر کڻي وڃڻ، ته جيئن اُن مان گهر ۾ برڪت ٿئي، تعويذ پائڻ وغيره . اهڙي ڪا به ڳالهه انهن ماڻهن کي نه ٿي سونهين، جنهن ۾ پاڪ روح جي وسيلي سان خدا جي قربت وسندي هجي.

”آءٌ پنهنجو هڪ پيغمبر موڪلڻ وارو آهيان، جيڪو منهنجي لاءِ راهه تيار ڪندو. اهو پيغمبر جنهن جي اوهان کي آرزو آهي، سو اچي اوهان کي مون سان ڪيل عهد ياد ڏياريندو. پوءِ آءٌ خداوند جنهن جي اوهين عبادت ڪريو ٿا،

سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندس...... قادرِمطلق خداوند فرمائي ٿو تہ ’آءٌ اوهان وٽ ايندس ۽ جادوگرن، زناڪارن، ڪوڙا قسم ڪٽندڙن، پورهيت ڪي پوري مزوري نہ ڏيندڙن، رنن زالن ۽ يتيمن تي ظلم ڪندڙن ۽ اوهان منجهہ رهندڙ ڌارين سان ناحق ڪندڙن، انهن سڀني جو آءٌ تڪڙو فيصلو ڪندس ڇوتہ هو اهي ڪم ڪندي مون کان ڪين ٿا ڊڄن.“ (ملاڪي 3:1،5)

وين اسٽيسي، بنون، جنوري 1986



## باب پهريون

# عيسيٰ مسيح عمارتن کي پاڪ صاف ڪندو آهي

هڪ دفعي ڏکڻ آمريڪا جي هڪ عورت مون کي پنهنجي ٻالڪپڻي جو هڪ واقعو ٻڌايو. هن جي پيءُ تبليغي دوري تي گهر کان پري ويل هو. گهر ۾ صرف ماءُ ۽ ٻار هئا. ڪجهہ چورن، انهن جي گهر کي ڦرڻ جو منصوبو ٺاهيو، مگر جڏهن هو رات جو آيا تہ انهن ڏٺو تہ ڪيئي ماڻهو اڇن ڪپڙن ۾ گهر جي چوڌاري پهرو ڏيئي رهيا آهن. هو مايوس ٿي واپس هليا ويا. پوءِ انهن ماڻهن، انهيءَ عورت جي والد کان، انهن پهريدارن جي باري ۾ معلوم ڪيو تہ هو حيران ٿي ويو. گهر وارن مان ڪنهن بہ اهڙي پهريدار کي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. شايد اهي فرشتا هئا، جيڪي خدمتگار روح آهن. ”ڇا اهي سڀ ملائڪ خدمت ڪندڙ روح نہ آهن، جيڪي ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ وارن لاءِ موڪليا وڃن ٿا؟“ (عبرانين 14:1)

مون يونائيٽڊ بائيبل ٽريننگ سينٽر گوجرانوالا ۾ 20 سالن تائين خدمت ڪئي آهي. اتي ڪوبہ باقاعده چوڪيدار نہ هوندو هو. شاگردياڻيون دل و جان سان دعا ڪنديون هيون تہ خدا پنهنجن فرشتن کي اسان جي حفاظت لاءِ موڪلي ۽ مون

کي يقين آهي تہ خدا جا فرشتا واقعي اسان جي حفاظت ڪندا هئا. اڪثر اوقات اسان کي توفيق نہ ٿي ٿئي جو جسماني اکين سان خداوند جي انهن لشڪرن کي ڏسي سگهون، مگر بائيبل مقدس انهن جي موجودگيءَ جي باري ۾ واضح تعليم ڏي ٿو.

زڪريا 5:2 ۾ يروشلم جي چوڌاري باهہ جي ڀت جو بيان آهي: ”..... خداوند ٿو فرمائي تہ ’آءٌ پاڻ انهيءَ جي حفاظت لاءِ ان جي چوڌاري باهہ جي ڀت وانگر ٿيندس ۽ آءٌ ئي منجهس رهي ان جو شان وَ شوڪت وڌائيندس.“ هڪ دفعي مون بہ باهہ جي ڀِت ڏٺي هئي. اسان ٿي عورتون ڏهن ڏينهن تائين رحيم يار خان جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ترسيل هيونسين. رات جو اسين مسيحين سان گڏجي عبادت ڪنديون هيونسين ۽ ڏينهن جي وقت مسيحين ۽ مسلمانن جي گهر ۾ وڃي خداوند عيسيٰ مسيح جي خوشخبري ٻڌائينديون هيونسين. اسان کي خبر هئي تہ اسان جي پيغام جي مخالفت ٿي رهي آهي. ڪجهہ مقامي ماڻهو جادوءَ جي مدد سان اسان جي ڪوشش کي بي اثر ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا. نيڪي ۽ بدي، نور ۽ اوندهہ، خدا جي لشڪر ۽ جهنم جي طاقتن جي وچ ۾ ڪشمڪش وڏي شدت اختيار ڪري وئي. اسان تي ظاهر ٿي ويو تہ اسان جو مقابلو ”انسان سان نہ آهي. پر اسين هن اونداهيءَ دنيا وارين طاقتن سان، اختياريءَ وارن سان، حاڪمن سان ۽ آسماني جاين وارن بڇڙن روحن جي لشڪرن سان وڙهون ٿا.“ (افسين 12:6) اسان کي يقين هو تہ فتح خداوند جي آهي، مگر اسان خدا جي فضل لاءِ دعا ڪئي تہ جيئن هنن خراب ڏينهن ۾ قائم رهي سگهون.





هڪ رات تقريباً 2 بجي آءٌ بيت الخلا ۾ ويس. جڏهن ڪمري جو دروازو کوليم ۽ ٻاهر نهاريم تہ مون کي باهہ جي هڪ ڀت نظر آئي. آءٌ جلديءَ ۾ جاڳي ويس تہ اها هن دنيا جي روشني ناهي. آءٌ غور سان ان کي ڏسڻ لڳس. ڀت جي اوچائي تقريباً 6 فوٽ هئي. ڳوٺ جي چونڪ ۾ هڪ عمارت هئي، جنهن جي ڪري اُن نوراني ڀت جو هڪ حصو منهنجي نظر کان اوجهل هو، مگر ان عمارت کان اڳتي اها ڀت ڪيترن ئي فوٽن تائين نظر اچي رهي هئي. اهڙيءَ طرح مون اُن ڀت جي ڊيگهہ جو اندازو لڳايو تہ اها ڪٿان کان شروع ٿي ۽ ڪٿي ختم ٿي رهي هئي. ڪجهہ منٽن کان پوءِ جڏهن مان ڪمري ڏانهن واپس آيس تہ منهنجون اکيون اُن ڀت کي نہ ڏسي سگهيون.

ٻئي صبح آءٌ پنهنجي هڪ ساٿي سان گڏجي ڏسڻ لاءِ نڪتيس تہ اهو ڪهڙو گهر آهي جيڪو الاهي حفاظت ۾ آهي. انهن ڏينهن ۾ اسين هڪ خاندان جي لاءِ خاص دعا ڪنديون هيونسين. اهو خاندان شيطان جي پرستش ڪندو هو. اسان جي التجا هئي تہ اهي توبهہ ڪن، مسيح وٽ اچن ۽ نجات حاصل ڪن. اسان کي علم نہ هو تہ اهي پنهنجو پهريون گهر ۽ چارديواريءَ وارا باغ ڇڏي ٻئي گهر ۾ هليا ويا آهن. باهہ واري ڀت، انهيءَ گهر جي چوڌاري هئي، جنهن ۾ اهي هاڻي رهن پيا. اسين ان جي اندر ويونسين انهيءَ ماڻهن سان مليونسين ۽ انهن کي ٻڌايوسين تہ هن گهر ۾ نجات اچي وئي آهي. خاندان جي هڪ فرد، انهيءَ وقت عيسيٰ مسيح کي پنهنجو خداوند ۽ نجات ڏيندڙ قبول ڪيو. پوءِ ڪجهہ مهينن ۾ هڪ هڪ ٿي باقي فرد بہ خداوند جي قدمن ۾ اچي ويا.

سوال پيدا ٿئي ٿو تہ اهڙو نظارو مون کي ڇو ڏيکاريو ويو؟ ڪڏهن ڪڏهن خداوند اهڙي طرح اسان جي حوصلہ افزائي فرمائيندو آهي ۽ همٿ بخشيندو آهي. انهن ڏينهن ۾ شيطاني قوتن سان مقابلو تمام ڏکيو هو. ڪيئي ڀيرا اسين اوچتو تمام گهڻو بيمار ٿي پونديون هيونسين. ڪڏهن ڪمري ۾ ڪارا ڪارا پاڇا نظر اچڻ لڳندا هئا. سمهڻ وقت اوچتو منهنجي ڪٽ هلڻ لڳندي هئي. ڊيڄاريندڙ خواب نظر اچڻ لڳندا هئا. ڪيئي ڀيرا ڪڙ ڪڙا هٽ جا آواز اسان کي ڊيڄاري ڇڏيندا هئا ۽ ڪمري ۾ بنا سبب جي رت جا ڌبا پيا هوندا هئا. اهڙيءَ ريت خداوند اسان تي ظاهر ڪري ڇڏيو تہ آخرڪار فتح خدا جي آهي. ڪڏهن ڪڏهن خداوند خدا پنهنجي نوڪرن کي رويا جي ذريعي همٿائيندو آهي، جيئن پولس رسول کي ڪرنٿيس ۾ (رسولن جا ڪم 18:9-10) ۽ اليشع نبيءَ جي نوڪر کي رويا بخشيائين (2- بادشاهہ 6:15-17) ڪيئي ڀيرا مسيحي ايماندار هن قسم جي حفاظت کان بي خبر رهيا آهن. اهي بي حوصلہ ٿي ويندا آهن. مگر اسين ايمان رکندا آهيون. ايمان جي ذريعي اسين ڄاڻون ٿا تہ: ”جيڪي خداوند جو خوف رکن ٿا، تن کي سندس ملائڪ هر خطري کان دور ٿو رکي. هو انهن جي چوڌاري پهرو ڏيئي سندن حفاظت ٿو ڪري.“ (زبور 34:7) جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو، خداوند جي مرضيءَ ۽ اجازت سان ٿيندو آهي. ايوب نبيءَ جي ڪهاڻيءَ مان اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي (ايوب 1:11-12).

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن گهر تي شيطاني قوتن جو ايترو شديد حملو هوندو آهي ۽ اهي ان ۾ ايتري تعداد ۾ رهندا آهن، جو انهن کي باقاعده ڪڍڻ جي ضرورت پئجي ويندي آهي. مون کي ان ڳالهہ جو ظاهري تجربو انهن ڏينهن





۾ ٿيو، جڏهن مان سلطنت عمان جي مسقط شهر ۾ هئس. پيٽر زويمر جيڪو مشهور خادم سموئل زويمر جو ڀاءُ هو، تنهن کي 1893 ۾ هڪ گهر تمام گهٽ قيمت ۾ مليو ويو. مقامي عربن جو خيال هو تہ هي گهر بدروحن جي جاءِ آهي. ڪوبہ هن ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ هو. انهيءَ لاءِ انهن معمولي قيمت ۾ گهر پيٽر زويمر کي وڪڻي ڏنو.

پوءِ ڇا ٿيو؟ گهڻن سالن تائين ان ۾ رهڻ وارن کي اهڙين مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن جو ڪارڻ شايد شيطاني قوتن جو نتيجو هو. پيٽر زويمر 29 سالن جي گهٽ عمر ۾ مالڪ حقيقيءَ سان وڃي مليو. هڪ ٻئي مشنريءَ جو موت وڏي پراسرار حالت ۾ ٿيو. شايد هن خودڪشي ڪئي هئي. هڪ ٻئي مشنريءَ تي دماغي مرض جو حملو ٿيو، ان کي اهو گهر ڇڏڻو پيو ۽ هڪ ٻيو جوڙو تمام مايوس ٿي اتان هليو ويو.

ڪجهہ عرصو اڳ تائين عربن جو اهو ئي خيال هو تہ اجا تائين بدروح هن گهر ۾ موجود آهن ۽ خاص طور ڏاڪڻ ۽ ڇت تي انهن جو قبضو آهي. جڏهن مون کي خبر پئي تہ عماني مسلمان اهو چون ٿا تہ جنهن گهر ۾ مسيحي خادم رهندا آهن، ان تي بدروحن جو قبضو آهي، تہ مون کي ڏاڍي غيرت آئي. ڪجهہ مهينن کان پوءِ مان ٻيو دفعو مسقط وڃي رهيس، تہ خداوند مون کي خاص طور تي حڪم ڏنو تہ ان جي نالي سان ان جي باري ۾ قدم کڻان.

اهڙو حڪم ڪهڙيءَ طرح پورو ڪيو وڃي؟ اتي منهنجي رهڻ جو وقت صرف اٺ ڏينهن هو ۽ مون کي هڪ آمريڪي نرس سان گڏ انهيءَ گهر ۾ رهڻو هو. پهرين ئي

رات مانيءَ جي مهل مون ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. مون پنهنجي ميزبان کي چيو ته مون کي پنهنجي گهر جي متعلق ڪجهه ٻڌائي ۽ خاص ڪري اهو ته عربن جو اهو خيال ڇو آهي ته هن تي بدروحن جو قبضو آهي.

هوءَ گهڻو حيران ٿي ته پوءِ مون پاڻ ئي ان موضوع تي ڳالهه شروع ڪئي هئي، ڇا لاءِ جو هن به ڪجهه اهڙن مريضن جي باري ۾ مون کان مشورو وٺڻ چاهيو پئي، جيڪي بدروحن جي قبضي ۾ هئا. مون واعدو ڪيو ته مان پاڻ اڪيلي سر به ۽ ان سان گڏ پڻ انهن مريضن لاءِ دعا ڪنديس. مگر هي واضح ڪيو ويو ته خداوند جيڪو مون کي حڪم ڏنو آهي، اهو گهر جي باري ۾ آهي، ماڻهن جي باري ۾ ناهي. مان اهو به واضح ڪري ڇڏيو ته هن ڪم ۾ اسان ٻنهي جو مڪمل اتفاق ضروري آهي. اهڙي طرح اسان فيصلو ڪيو ته اسان ٻنهي مان جڏهن به ڪنهن کي ضرورت پوي ته اها ٻئي کي آواز ڏي. هن ڳالهه جو خيال نه ڪري ته ڏينهن آهي يا رات. اسان فارغ وقت کي دعا ۽ بائيبل جو مطالعو ڪرڻ ۾ گذاريندي يونسين. عام طور تي اسان کي هر روز ٻن ٽن ڪلاڪن جو وقفو ملي ويندو هو جنهن ۾ اسين خدا جي ساراهه ۽ ثنا ڪنديون هيونسين، دعا گهرنديون هيونسين ۽ بائيبل جو مطالعو ڪنديون هيونسين. اسان انهن ڏينهن ۾ يسعياه نبيءَ جو پورو صحيفو پڙهي پڇايو.

مسقط جي ٽن طرفن کان جبل آهن ۽ چوٿين طرف سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي. هڪڙي شام اسان ڇت تي دعا گهري رهيون هيونسين، ته هڪدم مون واري ساٿياڻي اوچتو رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي: ”هن ڇپ کي ڏس! اها





ڪيتري نه روشن آهي!“ مون کي ڪاري ڇپ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه اچي رهيو هو. هن کي اها ڇپ ٽي دفعا روشن ڏسڻ ۾ آئي ۽ ٽئين دفعي مون به ان کي ڏٺو ته پٿر تي آسماني نور وسي رهيو هو. مون يڪدم چيو، ”شيطاني قوتن جي باوجود هي ٽڪريون خداوند جي لشڪر سان ڀريون پيون آهن.“ (2- بادشاه 6:15-17)

پهريون ڪم هي هو ته معلوم ڪريان ته گهر ۾ اصل خرابي ڇا آهي؟ تشخيص گهڻي اهميت رکندي آهي. مون خداوند کي درخواست ڪئي ۽ هي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪجهه عملي قدم به کنيا ته شيطاني قوت خاص طور ڪٿي موجود هئي. مان گهر جي مختلف حصن ۾ وڃي غور ويچار ڪندي هيس ۽ دعا گهرندي هيس ڪڏهن بورچي خاني ۾، ڪڏهن ويهڻ واري جاءِ ۽ ڪڏهن ڏاڪڻ تي. ڪيئي ڀيرا رات جو شيطاني قوتن مون کي سمهڻ واري ڪمري مان ٻاهر ڌڪي ڇڏيو. ڪنهن وقت ڪٽ جي ڀرسان گوڏا کوڙي ويهي رهندي هيس، پوءِ به خوف محسوس ٿيندو هو ۽ مان اٿي ٻاهر نڪري ويندي هيس. هڪ رات مون پنهنجي ساٿياڻيءَ کي پڪاريو. اسان ملي دعا ڪئي ۽ باقي سڄي رات آءٌ سندس ڪمري ۾ فرش تي ستيس. انهن اٺن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن به مسلسل هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ نه سمهي سگهيس. چوويهن ڪلاڪن ۾ مشڪل سان پنج ڪلاڪ سمهي سگهندي هيس. خداوند مون کي وڌيڪ قوت ۽ طاقت عطا ڪندو رهيو، آءٌ دعا ۽ غور ويچار سان گڏوگڏ انهيءَ علائقي ۾ رهڻ وارن پاڪستانين ۾ بائيبل جي تعليم ڏيندي، تبليغي سرگرمين ۾ حصو وٺندي رهيس.

هڪ رات چڻ تہ قيامت اچي وئي. ائين لڳي رهيو هو چڻ تہ جهنم جون سڀ طاقتون منهنجي مقابلي ۾ اچي ويون آهن. مون فيصلو ڪيو تہ اوطاق ۾ ويهي يسعياه نبي جي ڪتاب جي خادم جي گيتن جو مطالعو ڪريان جنهن ۾ خداوند عيسيٰ جي موت ۽ فتح جو بيان آهي. ”ڏسو، منهنجو ٻانهو ڪامياب ٿيندو. هو سرفراز ۽ سربلند ڪيو ويندو، ۽ وڏي درجي کي رسندو.“ (يسعياه 52:13-53:12) مون ارادو ڪري ڇڏيو تہ ڪجھ بہ ٿئي سڄو وقت خدا پيءُ جي حمد ۽ ساراه ۾ گذاريندس. مون کي خبر هئي تہ مقامي ماڻهو اڪثر چوندا هئا تہ اسان بدروحن کي ڇت تي ڏنو آهي. انهيءَ لاءِ مون بہ هڪ ڏينهن ڇت تي جاڳڻ ۽ دعا ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو.

انهيءَ وقت خداوند مون کي چڱيءَ طرح آگاه ڪيو تہ جيڪڏهن مان ڇت تي ويس تہ ماري ويندس. هڪدم منهنجي ذهن ۾ اهي لفظ گونجڻ لڳا، جيڪي عشاءِ رباني جي موقعي تي استعمال ڪيا ويندا آهن تہ: ”شل هو اوهان جي روح، جان ۽ بدن.... خداوند عيسيٰ مسيح جي اچڻ تائين بي عيب رکي،“ ۽ مون کي يقين ٿي ويو تہ مان بلڪل محفوظ رهنديس، بشرطيڪ ان وقت ڇت تي نہ وڃان.

ڪجھ ڏينهن ڪان، مان خاص اها دعا گهري رهي هيس تہ مون کي ٻڌايو وڃي تہ هن گهر ۽ هن جي باغيچي ۾ ڪهڙي قسم جي بدروحن جو نڪاڻو آهي. آخرڪار مون کي بلڪل صاف طور تي ٻڌايو ويو تہ هتي خودڪشي، خوف ۽ بي دلين جي بدروحن جي رهائش گاه آهي. مون خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ انهن کي حڪم ڏنو تہ هتان هليا





وڃن. انهن جي نڪرڻ جو ڪوبہ واضح ثبوت نہ هو ۽ اجا تائين شيطاني حرڪتن جو ڪجھ اظهار ٿيندو رهندو هو. مثال طور هڪ رات منهنجي ساٿياڻيءَ جو ساه بري طرح منجهڻ لڳو. مون ان جي اجازت سان ان جي ڳلي تي هٿ رکي عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ دعا گهري تہ جلدي ان جي حالت بلڪل نيڪ ٿي وئي. ان کان اڳ ۾ هن پنهنجي ڪمري ۽ اوطاق جي وچ ۾ عجيب و غريب گوڙ ٻڌو هو. اوطاق جي پٽ ۾ هڪ ڪٻٽ هو. ٻئي صبح مون ان ڪٻٽ جي ۽ ان جي سپني شين جي چند ڦوڪ ڪئي. انهن مان ڪيئي شيون آفريڪا جون سوکڙيون هيون. منهنجي ساٿياڻيءَ پڇيو تہ تون ڇا ڪري رهي آهين؟ مون ٻڌايو تہ مان هر هڪ شئي تي دعا ڪري رهي آهيان تہ جيئن اها خداوند عيسيٰ مسيح جي رت سان پاڪ صاف ٿي وڃي. هوءَ بہ مون سان گڏ ٿي ويني. ڪجھ هفتن ڪان پوءِ ان مون ڏانهن هڪ خط لکيو ۽ ٻڌايو تہ هڪ شيءِ ملي آهي، جنهن جي ڪري شايد ان جي ڪمري اندر تڪليف وارا واقعا ظاهر ٿيا هئا. اهو هڪ مُڙيل عماني خنجر هو، جيڪو ڪنهن وقت هڪ ماءُ ۽ پٽ کي بدروحن کان بچائڻ جي عمل ۾ استعمال ڪيو ويو هو. ان نرس انهيءَ مريض کان حاصل ڪيو هو ۽ ان کي منهنجي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏيو هو ۽ هن کان ڳالھ وسري وئي هئي.

مسقط ڇڏڻ کان پهرين مون کي ان ڳالھ جي تسلي ٿي وئي هئي تہ خداوند عيسيٰ مسيح جي رت جي قدرت جي وسيلي، هي گهر بلڪل پاڪ صاف ٿي ويو آهي. تنهنڪري مون پنهنجي ميزبان کي اهو ئي ڪجھ ٻڌايو تہ ”جيڪڏهن

اجا بہ ڪو شيطاني اثر نظر اچي تہ اهو گهر ڪان ٻاهر هوندو ۽ عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ آسانيءَ سان پري، بلڪ رد ڪري سگهجي ٿو. هاڻي عربن وٽ ڪوبہ بهانو نہ هوندو تہ هو چئي سگهن تہ مسيحين جي گهر ۾ بدروحن جو ديرو آهي. پاڪستان اچي، مون ان ڪي خط لکيو ۽ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ ان گهر جي باري ۾ يسعياه 18:60 جو حوالو صحيح ٿو چوي تہ، ”تنهنجي پٽين کي ’خداوند جو بچاءُ‘ سڏيو ويندو، تنهنجي دروازن کي ’خداوند جي واکاڻ‘ چيو ويندو.“ خداوند ان طويل ڪشمڪش کان پوءِ مون کي بہ تقويت بخشي آجو ڪيو. مون کي ڇهن هفتن تائين مسلسل موقعو ملندو رهيو تہ عشاءِ ربانيءَ ۾ شرڪت ڪريان. جڏهن آءٌ ماني ۽ مئي کڻڻ وقت هي لفظ ٻڌندي هيس تہ: ”خداوند عيسيٰ مسيح جو بدن، جيڪو تنهنجي واسطي ڏنو ويو، تنهنجي روح ۽ بدن کي هميشہ جي زندگيءَ لاءِ پناهہ ۾ رکي.“ منهنجي جسم، جان ۽ روح کي نئين طاقت حاصل ٿيندي هئي. سچي پچي عيسيٰ مسيح حفاظت ڪري ٿو ۽ پاڪ صاف رکندو آهي.

مٿي ڄاڻايل واقعن مان هيٺيان نقطا واضح ٿين ٿا:

1. هن قسم جي هر خدمت لاءِ خداوند جو فرمان ضروري هوندو آهي.
2. هيءَ خدمت ٽيم جي خدمت آهي ۽ ان جو بنياد خداوند جي فرمان ۽ حڪم تي هوندو آهي. ان جي لاءِ دعا، حمد، ساراهہ، بائيبل مقدس جو مطالعو ۽ فرمانبرداريءَ جي سخت ضرورت هوندي آهي.
3. جڏهن خداوند ضروري سمجهندو آهي تڏهن سمجهہ ۽ ساڄاهہ عطا ڪندو آهي.





4. شيطان ۽ بدروحن کي ڄاڻي واڻي للڪارڻ سان جوابي حملو ٿيندو آهي ۽ جنگ ۾ وڏي شدت پيدا ٿي ويندي آهي.
5. فتح عيسيٰ مسيح جي آهي. ان فتح جو دارومدار خداوند جي ڪلام، ان جي قدرت، اختيار ۽ ايمان تي آهي.
6. پنهنجي خادمن جي مدد، تسلي ۽ حوصلہ افزائيءَ جي لاءِ، ڪنهن وقت خداوند رويا (خواب) بہ بخشيندو آهي.
7. جلال فقط خداوند جو ئي آهي. اهوئي سر بلند ٿيندو. ”آءٌ پنهنجي عظمت ۾ ڪنهن بئي کي شريڪ ٿيڻ ڪونہ ڏيندس.“ (يسعياه 11:48) انهن سڀني واقعن ۾ حمد ۽ ساراهہ کي مرڪزي مقام حاصل هو.
8. اهڙن واقعن متعلق غير ضروري ڳالهيون ڪرڻ دانائي نہ آهي. مون يارهن سالن کان پوءِ ئي انهن تجربن جو ذڪر ڪيو آهي. يا هڪ اڌ دفعو پهريون ڪيو هو ۽ اهو بہ جڏهن خاص ضرورت محسوس ٿي.
9. عيسيٰ مسيح جي حڪم جي مڪمل پيرويءَ سان گهر جو بدروحن کان پاڪ ٿيڻ مستقبل ۾ عمان وڏي برڪت ۽ ثمر جو باعث ٿيو. هڪ سال کان پوءِ مان واپس عمان ويس. هن دفعي منهنجي ذمي بائيبل مقدس جي تعليم ڏيڻ جي خدمت هئي. منهنجو ترسڻ انهيءَ ساڳئي گهر ۾ ٿيو. هاڻي اتي بيحد امن ۽ سڪون هو ۽ ڪلام جي ڳالهين ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ ٿيندي هئي.

10. خداوند اسان کي جيڪو حڪم ڏيندو آهي، ان کي پوري ڪرڻ لاءِ جسماني ۽ روحاني طاقت به بخشيندو آهي.

هڪ دفعي، سعودي عرب ۾ هڪ پاڪستاني جوڙي وٽ مانيءَ جي دعوت هئي. انهن جا ٻه ننڍڙا ٻار هئا. انهن ڪيئي سال اتان جي ڳاديءَ واري هنڌ رياض ۾ خير خيريت سان گذاريا هئا. پنهنجي موجوده گهر ۾ ايندي، انهن کي ڪجهه ئي مهينا ٿيا هئا. هاڻي هو اڪثر بيمار رهندا هئا. انهن جي ننڍڙي ڇوڪري ته ڪافي بيمار هئي. منهنجن ميزبانن هن صورتحال متعلق مون کان راءِ پڇي. مون جواب ڏنو ته بيماري ڪنهن به سبب جي ڪري ٿي سگهي ٿي. مثلاً: ممڪن آهي ته هن جڳهه جو پاڻي ميرو هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته بيماري اهڙين شيطاني قوتن جي ڪري هجي، جيڪي هن گهر ۾ رهنديون هجن. ان ڳالهه تي هڪ مهمان ڪلڻ لڳو ۽ مون وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو. مون واعدو ڪيو ته انهن لاءِ دعا ڪنديس. واپس وڃي انهن ماڻهن کي به هن مسئلي جي جاڻ ڏنم، جن وٽ آءٌ ترسيل هيس. اهڙيءَ طرح اسان انهن جي صحتيابيءَ جي لاءِ ۽ خاص ڪري هن ڳالهه لاءِ دعا گهرڻ شروع ڪئي ته خداوند جي فتح ٿئي.

بئي ڏينهن اوچتو انهن جي گهر هلي ويس مذاق ڪرڻ وارو شخص موجود نه هو، ننڍڙي ڇوڪري اڃا تائين بيمار هئي. ٽي ٻيا به مهمان موجود هئا. مون انهن کي صلاح ڏني ته اچو اسان گڏجي هن گهر جي هڪ هڪ ڪمري لاءِ دعا گهرون ته جيئن اهي پاڪ صاف ٿي وڃن. اسان هر هڪ





ڪمري ۾ وڃي دعا گهري ته مسيح جي رت جي صدقي اهي بدروح اتان نڪري وڃن ۽ اهي پاڪ صاف ٿي وڃن. پوءِ اسان خداوند جي حمد ۽ واکاڻ ڪئي ۽ انهن لاءِ دعا ڪئي جيڪي خاص طور اهو ڪمرو استعمال ڪندا هئا ۽انهن ڳالهين يا مقصدن لاءِ به جن جي لاءِ ڪمرو استعمال ڪيو ويندو هو. مثلاً: بورچي خاني ۾ اسان انهن لاءِ دعا ڪئي جيڪي اتي کاڌو پچائيندا هئا ۽ جيڪو کاڌو اهي کائيندا هئا .

بدروحن کي ڪڍڻ جي هن عبادت جي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ هڪ مسلمان پاڙيسرياڻي اوچتو اچي وئي. وڏي حيرانيءَ ۽ تعجب مان چوڻ لڳي "توهان جي ننڍي ڇوڪري هاڻ بلڪل تندرست آهي ۽ توهان جي گهر جي هوا ئي بدلجي وئي آهي. ڇا ٿيو آهي؟" گهر جي مالڪياڻيءَ ان کي خداوند عيسيٰ مسيح جي قدرت جي باري ۾ ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو ته ايماندارن جي دعائن سان بدروح هي گهر ڇڏي ويا آهن. اهڙيءَ طرح مؤثر طور تي ان کي عيسيٰ مسيح جي خوشخبري ٻڌائي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته اهو گناهه ۽ شيطاني قوتن تي هميشه فتحمند آهي.

## مختلف هنڌن تان بدروحن کي ڪڍڻ لاءِ دعائون

**پهرين دعا:**

اي خداوند عيسيٰ!
تون جيڪو خداوند جو فرزند آهين،
تو پنهنجي موت جي وسيلي موت کي برباد ڪيو،

۽ ان تي فتح حاصل ڪئي،
جنهن کي موت تي قدرت حاصل هئي،
تون هاڻي شيطان کي ماري ڀڄاءِ،
هن جاءِ (گهر، ڪمري ۽ ڪليسيا) کي سڀني بدروحن کان آزاد ڪر،
اجاين خيالن، شيطاني منصوبن ۽ ڏوڪي بازي کي دور هٽاءِ!
بخشش ڏي ته اهي ڪنهن کي به نقصان نه پهچائين،
بلڪ هن جاءِ مان نڪري انهيءَ ڏانهن هليا وڃن جيڪا انهن لاءِ مقرر آهي،
۽ هميشه هميشه لاءِ اتي قيد ۾ رهن.
اي خدوند عيسيٰ؛ تون جو امن ۽ سڪون عطا ڪرڻ لاءِ آئين، هن جاءِ تي مڪمل امن ۽ سڪون قائم ڪر. (آمين)

**ٻي دعا:**

عيسيٰ ناصريءَ جي نالي ۾،
قادر مطلق جي پٽ جي نالي ۾،
اي بدروح! آءٌ تو کي ٻڌايان ٿو،
۽ تو کي حڪم ڏيان ٿو ته
جلدي هن جاءِ مان نڪري وڃ.
ڪنهن کي به نقصان نه پهچاءِ ۽
انهي جاءِ ڏانهن هليو وڃ جيڪا تو لاءِ مقرر آهي،
۽ وري واپس نه اچ.
(آمين)





## بدروحن کي ڪيڍڻ کان پوءِ واريون دعائون

**پهرين دعا:**

خدا،
قادر مطلق پيءُ،
پٽ ۽ روح القدس جي برڪت
هن جاءِ تي هجي،
۽ هميشه رهي. (آمين)

**ٻي دعا:**

اي خداوند!
اسين منت ٿا ڪريون
ته تو هن هنڌ (گهر يا جڳهه وغيره ) تي حاضر رهه!
دشمنن جي سمورن منصوبن کي ختم ڪري ڇڏ،
تنهنجا پاڪ فرشتا هتي قيام ڪن،
۽ اسان کي امن ۽ حفاظت ۾ رکن.
تنهنجي برڪت هميشه اسان تي ٿيندي رهي،
پنهنجي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان. (آمين)

**ٽين دعا:**

اي خدا، قادرمطلق پيءُ!
اسين وڏي عاجزيءَ سان تنهنجي حضوريءَ ۾
هن گهر ۽ هن گهر جي سمورين شين،
۽ هن ۾ رهڻ وارن جي لاءِ منت ڪريون ٿا،
ته زندگيءَ جي لاءِ جيڪي زميني ۽ آسماني برڪتون

درڪار آهن،
تون عنايت فرماءِ،
انهن جي خواهشن ۽ آرزوئن کي اهڙيءَ طرح پنهنجي ضابطي ۾ رک،
تہ جيئن اهي تنهنجو فضل ۽ رحم حاصل ڪري سگهن،
هن جاءِ کي پاڪ ڪر ۽ برڪت ڏي،
بخشش ڏي تہ جيئن نوراني فرشتا هتي قيام ڪن،
۽ هن جي ۽ هن ۾ رهڻ وارن جي حفاظت ڪن،
پنهنجي عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان. (آمين)



## باب ٻيون

# عيسيٰ مسيح ماڻهن کي آزاد ڪندو آهي

مرقس 1:21-28 ۾ هڪ اهڙي شخص جو ذڪر آهي جنهن ۾ ناپاڪ روح هو. خداوند عيسيٰ مسيح ان کي آزاد ڪيو. اسين سڀ کان پهرين انهيءَ واقعي تي غور ڪنداسين ۽ ڏسنداسين تہ ڪهڙا اصول اسان جي سامهون اچن ٿا. پوءِ اسين ڏسنداسين تہ ٻين واقعن ۾ مسيح بدروحن سان ڇا ڪيو، ۽ آخر ۾ اسين پنهنجي زماني جي ڪجھ اهڙن ماڻهن جي حالتن جو تجزيو ڪنداسين، جن کي بدروح تنگ ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح اسين ڪجھ اهڙيون ڳالهيون سکنداسين جيڪي مسيحين جي ان خدمت طور استعمال ٿي سگهن ٿيون، جن جو تعلق بدروحن کان آزادي ڏيارڻ سان آهي.

مرقس خداوند عيسيٰ مسيح ۽ ان جي شاگردن جي متعلق لکي ٿو: ”پوءِ هو ڪفرناحوم شهر ۾ آيا ۽ عيسيٰ سبت جي ڏينهن تي عبادتخاني ۾ وڃي تعليم ڏيڻ لڳو. ماڻهو هن جي تعليم تي حيران ٿي ويا، ڇاڪاڻتہ هو انهن کي شريعت جي عالمن وانگر نہ پر اختياريءَ سان تعليم ڏئي رهيو هو. ايتري ۾ ڀوت ورتل هڪڙو ماڻهو عبادتخاني ۾ آيو ۽ رڙ ڪري چيائين تہ ’اي عيسيٰ ناصري! تنهنجو

اسان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ تون اسان کي ناس ڪرڻ آيو آهين ڇا؟ آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون ڪير آهين، تون خدا جي هڪ ئي پاڪ هستي آهين.‘ پر عيسيٰ هن کي ڇينڀي ڇيو ته ’ماٺ ڪر، هن مان نڪري وڃ.‘ ڀوت ماڻهوءَ کي خوب جهنجهوڙيو ۽ وڏي واڪي رڙ ڪري هن مان نڪري ويو. تنهن تي سڀ ماڻهو ايترو ته حيران ٿي ويا جو هڪٻئي کان پڇڻ لڳا ته ’هي آهي ڇا؟ هيءَ ته نئين تعليم آهي. هو ڀوتن تي به اختياريءَ سان حڪم هلائي ٿو ۽ اهي ڪيس مڃين ٿا.‘ جلد ئي هن جي هاڪ سڄي گليل جي علائقي ۾ جتي ڪٿي پئجي ويئي.“ (مرقس 1:21-28)

مرقس جي هن بيان مان هينيان نقطا سامهون اچن ٿا:

1. عيسيٰ مسيح وڏي اختياريءَ سان تعليم ڏيندو ۽ ڪم ڪندو هو. (1:22، 27) خدا زمين ۽ آسمان جو ڪل اختيار انهيءَ کي سونپي ڇڏيو هو. (متي 28:18) ڪفرناحوم شهر جا ماڻهو ان جي اختيار کي ڏسي حيران ٿي ويا.
2. ممڪن آهي ته عيسيٰ مسيح جي انهيءَ صاحب اختيار جهڙي تعليم ۽ حضوريءَ جي سبب، اهو بدروح (ڀوت) عبادت خاني ۾ آيو هجي، ته ٻنهي قوتن جو مقابلو ٿي وڃي (مرقس 1:23، 24).
3. انهيءَ ماڻهوءَ ۾ ناپاڪ روح يا ’ڀوت جو پاڇو‘ هو (لوقا 4:33). بدروحن جا ڪيئي عام قسم آهن، مثال طور: گونگو روح (لوقا 11:14)، غيب دان روح (رسولن جا ڪم 16:16) ۽ هيٺائي جو روح (لوقا 13:11).
4. اهو ماڻهو نه، بلڪ هن جي اندر جيڪو ناپاڪ روح هو،





اهو خداوند عيسيٰ مسيح سان مخاطب ٿيو. (مرقس 1:24)

5. انهيءَ ناپاڪ روح ڄاڻي ورتو ته عيسيٰ ڪير آهي. عيسيٰ ناصري خدا جو قدوس آهي. (مرقس 1:24)
6. ناپاڪ روح پنهنجي شڪار کي بريءَ طرح ستائيندو ۽ تنگ ڪندو هو، ان هن کي مروڙيو ۽ جڏهن ملامت ڪئي ويئي ته وڏي آواز سان رڙيون ڪرڻ لڳو (مرقس 1:26).
7. خداوند عيسيٰ مسيح ناپاڪ روح کي حڪم ڏنو ته چپ رهه! يعني ان جو وات بند ٿي وڃي ۽ ان مان نڪري وڃي. (مرقس 1:25)
8. ڪشمڪش اچانڪ وڌيڪ ٿي، مگر ناپاڪ روح (ڀوت) کي ان ماڻهوءَ مان نڪرڻو پيو (مرقس 1:26).
9. جيتوڻيڪ بدروح ”اسان کي“ چئي ڳالهايو مگر عيسيٰ مسيح ڄاتو ٿي ته اهو اڪيلو آهي، ان سان گڏ ٻيا بدروح نه هئا (مرقس 1:24).
10. عيسيٰ مسيح کي پنهنجي شهرت جي سوال کي به منهن ڏيڻو پيو (مرقس 1:28).

پاڪ ڪلام ۾ ست ٻيا اهڙا واقعا بيان ٿيل آهن، جن ۾ خداوند عيسيٰ مسيح مختلف ماڻهن کي بدروحن جي قبضي مان ڇڏايو. انهن بيانن جي مطالعي مان انهن اصولن جي تصديق ۽ وضاحت ٿئي ٿي. انهن مان ڪن واقعن جو ذڪر هڪ يا ٻن پاڪ انجيلن جي ڪتابن ۾ ۽ ڪن جو ٽن پاڪ انجيلن جي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهن جي فهرست هينين نموني سان مرتب ڪري سگهجي ٿي:

(1) مريم مگدليني جنهن مان ست بدروح نڪتا هئا. (مرقس

9:16 ۽ لوقا 2:8)

(2) ڪبڙي عورت کي شفا ڏيڻ. (لوقا 10:13-17)

(3) ڇوڪري کي مرگهيءَ مان آزاد ڪرائڻ. (متي 17:14-21، مرقس 9:14-29، لوقا 9:37-43)

(4) گونگي بدروح کي ڪڍڻ. (متي 9:32-33، لوقا 14:11)

(5) هڪڙي ماڻهوءَ کي انڌي ۽ گونگي روح کان ڇڏائڻ. (متي 22:12)

(6) هڪڙي ماڻهوءَ مان تمام گهڻا بدروح ڪڍڻ. (مرقس 1:5-20، لوقا 8:26-33)

(7) سورفينڪي قوم جي ڇوڪريءَ مان ناپاڪ روح کي ڪڍڻ. (مرقس 7:24-30)

اهي اهڙا واقعا آهن، جن ۾ هڪ هڪ فرد کي آزاد ڪيو ويو. انهيءَ کان علاوه پاڪ انجيل ۾ بدروحن کي ڪڍڻ جا ٻيا بہ عام حوالا آهن:

مرقس 1:32-39 جي ڀيٽ متي 8:16-17 سان ڪريو.

مرقس 3:11-12، لوقا 4:40-41، لوقا 6:18، لوقا 7:21، متي 24:4

پهرين واقعي (مرقس 1:21-28) جي تجزيي کان پوءِ مون ڪجهہ اصول پيش ڪيا هئا. عيسيٰ مسيح جي خدمتن جي مطالعي کان پوءِ ڪجهہ ٻيا اصول بہ سامهون اچن ٿا، جن جو ذڪر مرقس 1:21-28 جي تجزيي ۾ ناهي ٿيو.

1. ماڻهوءَ مان بدروح جي نڪري وڃڻ جي حڪم کي دهرائڻ، مرقس 8:5 ۾ فعل "نڪري اچ" استعمال ٿيو آهي. پاڪ انجيل جي اصل زبان يوناني ۾ جيڪو فعل استعمال ٿيو آهي سو فعل استمراري (جاري) آهي، جنهن





مان حڪم جو دهرائجڻ ظاهر ٿئي ٿو.

2. نئين عهدنامي ۾ جڏهن بہ ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ اڪثر بدروحن کي عام ماڻهن جي سامهون ڪڍيو ويو. مثال: عبادت خاني ۾ (مرقس 23:1) يا ڪليل جاءِ تي. هڪ دفعي بدروح کي ائين ڪڍيو ويو، جڏهن سُور سهڻ وارو پاڻ خود موجود نہ هو. (مرقس7:24-30) ان جي ڀيٽ متي 15:21-28 سان ڪريو.

3. بدروحن کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ، پاڪ روح سان معمور ٿيڻ جي ضرورت هوندي آهي. 'بعل زبول' (شيطان) جي جهيڙي (لوقا 11:14-26) مان اهو اصول بہ چڱيءَ طرح واضح ٿي وڃي ٿو.

4. عيسيٰ مسيح جي بدروحن کي ڪڍڻ جو وڏو ۽ گهرو تعلق دعا ۽ ايمان سان آهي. (مرقس 19:9 ۽ 29، ان سان گڏ متي 17:17 ۽ 20 ۽ لوقا 41:9 پڻ ڏسو)

5. خداوند عيسيٰ جي صاحب اختيار هئڻ جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ هو وڏي تيزيءَ سان صحيح تشخيص ڪري معاملي جي تهہ تائين پهچندو هو. واقعي، "ڪهڙي نہ سهڻي نموني سان هو هر هڪ ڪم ڪري ٿو." (مرقس 37:7)

ساڃهہ يا سڃاڻپ يا تميز تمام ضروري آهي. عيسيٰ مسيح پنهنجي خادمن کي اختيار ڏيندو آهي ۽ انهن کي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ پاڪ روح عطا ڪندو آهي، مگر جيستائين تشخيص يا امتياز جي صحت تي پورو پورو يقين نہ هجي تيستائين بدروحن کي ڪڍڻ جي خدمت ۾ هٿ وجهڻ دانائيءَ جي ڳالهہ نہ آهي، ڇالاءِ جو اهو وڏو خطرناڪ

ڪم آهي. هڪ مسيحي ڪتابڙو ”شفا ڏيڻ ۽ بدروحن ڪان ڇوٽڪاري ڏيارڻ واري مسيحي خدمت“ * شايع ڪئي جنهن جي تشخيص جي موضوع تي ان جو مطالعو تمام ضروري ٿيندو. ان جو واسطيدار حصو هتي پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ وڏي احتياط جي تاڪيد ڪئي وئي آهي: ”طبي معائني يا تشخيص سان گڏوگڏ ٻي خدمت مثال طور: روحاني صلاح ڪاريءَ مان پڻ لاڀ پرائڻ کپي. تنهن بعد ئي بدروحن کي ڪڍڻ جو فيصلو ڪجي. ڪن حالتن ۾ ته شروعات ۾ ئي يعني پهرين قدم طور ئي ان عمل جي ضرورت پوندي آهي. مگر اڪثر، بدروحن کي ڪڍڻ هڪ ڊگهي روحاني سارسنڀال ۽ خبر گيريءَ جي عمل جو حصو بڻجيو پوي.“

تشخيص جي قابليت سان گڏ تميز ڪري سگهڻ جي روحاني نعمت به ضروري آهي. هڪ مسيحيءَ کي گهڻن ئي طريقن سان اهڙي توفيق ملي سگهي ٿي. مثال: غور ويچار ڪرڻ، بيمار جي حالت جي سيني پهلوئن تي گهري نظر رکڻ، دعا يا اندازي لڳائڻ وسيلي. مٿي ڄاڻايل ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ”روح پريل پادريءَ کي به ڪڏهن ڪڏهن رسڪ کڻڻ ۽ سڀ ڪم عاجزيءَ سان خداوند جي هٿن ۾ ڏيڻ واسطي تيار رهڻ گهرجي........ جهڙيءَ طرح اهڙو ماڻهو ڄاڻي ويندو آهي ته ڪنهن شخص ۾ پاڪ روح ڪم ڪري رهيو آهي يا نه (اهو پاڪ ڪلام جي روشنيءَ ۾ ان جي هلت چلت، حرڪتن ۽ ڪردار کي پرکيندو آهي)، اهڙيءَ طرح اُهو اِهو به ڄاڻي وٺندو آهي ته ڪنهن شخص تي بدروح جو قبضو آهي يا نه .... ٻي ڍنگيون حرڪتون، هلت چلت ۽

* The York Group, The Christian Ministry of deliverance and healing, The York Group, p.8.





ڪردار پنهنجي ذات ۾ شيطاني عمل جي نشاندهي نه ڪندا آهن. مگر جيڪڏهن انهن سان گڏ، خواهه ڪڏهن ڪڏهن ئي ڇو نه هجي، جيڪڏهن عيسيٰ جي ۽ پاڪ روحن جي ڪمن جي مخالفت به شامل هجي، ته پوءِ ان خيال کي تقويت پهچندي آهي ته بيماريءَ ۾ شيطاني قوتن جو هٿ آهي. ان سان گڏ اهو به ڏسڻ کپي ته ان شخص جو ڪٿي لڪل قوتن سان ڪڏهن ڪو تعلق ته نه رهيو آهي مثال: قسمت جو حال ٻڌائڻ ۽ نجومي وغيره سان.“

1977ع جو ذڪر آهي ته آءٌ پاڪستان جي هڪ وڏي شهر ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ غير ملڪي ماڻهن وٽ مهمان هيس. اسين منجهند جي ماني کائي رهيا هئاسين. پاڙي ۾ ڇوڪرين جو هڪ اسڪول هو. اسڪول جي هيڊماسترياڻي تيزيءَ سان گهبرائيندي پڄندي آئي ۽ چوڻ لڳي ته ”مهرباني ڪري مون سان گڏ هلو. توهان جي مدد جي فوراً ضرورت آهي. هڪ ڇوڪريءَ ۾ بدورح آهن ۽ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڇا ڪريان.“ منهنجي ميزبان مون کي به گڏ هلڻ لاءِ چيو. اسين جلديءَ ۾ هاسٽل وياسين جتي پاڪستاني ميٽرن هڪ چوڏهن سالن جي نوجوان ڇوڪريءَ جي کٽ جي پرسان موجود هئي. ڇوڪري هاسٽل ۾ ئي رهندي هئي. ان جا ماءُ پيءُ وچ اوڀر ۾ ملازم هئا. مون ڇوڪريءَ جي خاندان بابت پڇيو، ته معلوم ٿيو ته خاندان جو تعلق لڪل قوتن سان به رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريءَ کي بدروح ستائيندا هئا ۽ ڪڏهن اها بلڪل صحيح رهندي آهي. ڪڏهن اها بلڪل ننڍن ٻارن وانگر حرڪتون ڪرڻ لڳندي آهي ۽ ڪڏهن ان جي زبان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي. ڪڏهن ان کي هسٽريا

جا دورا پوندا آهن ۽ ڪڏهن ائين لڳندو آهي تہ ڄڻ بيهوش آهي، مگر هن جون اکيون ڪليل رهنديون آهن. ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن کي غور سان ڏسي رهي آهي. اهو بہ ٻڌايو ويو تہ هن ۾ چار بدروح آهن. جيترا بہ ماڻهو اتي موجود هئا انهن کي اها اميد هئي تہ آءٌ ان صورتحال ۾ انهن جي رهنمائي ڪريان، ڇالاءِ جو هاسٽل ۽ اسڪول تي ان جو خراب اثر پئجي رهيو هو.

مون پهريون اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي تہ ڇا ڳالهہ آهي؟ ڇوڪري پوريءَ طرح پنهنجي حواسن ۾ نہ هئي. هن جي زبان اٽڪي رهي هئي پر ٻين جون ڳالهيون سمجهڻ جي قابل هئي. مون هن کان ڪجهہ سوال پڇيا ۽ پوءِ چيومانس تہ يوحنا جي پهرين خط جي پهرين باب جون ڪجهہ آيتون پڙهہ. ستين آيت تي پهتي. ”پر جيڪڏهن اسين روشنيءَ ۾ هلون ٿا، جيئن خدا پاڻ بہ روشنيءَ ۾ آهي، تہ پوءِ اسان جي هڪ ٻئي سان صحبت آهي ۽ سندس فرزند عيسيٰ مسيح جو رت اسان کي سيني گناهن کان پاڪ ڪري ٿو ڇڏي.“ هاڻي ان جي زبان وڌيڪ اٽڪڻ لڳي. هو ائين پڙهڻ لڳي، جيئن پهرين ڪلاس جو ٻار پڙهندو آهي. ان کي خداوند عيسيٰ جي رت جي باري ۾ پڙهندي ڏاڍي پريشاني ٿي رهي هئي ۽ خودبخود بيهندي بيهندي وئي. وڏي ڪوشش کان پوءِ ان آيت مڪمل ڪئي. ٻيون قوتون ان تي حاوي ٿي رهيون هيون ۽ هوءَ تقريباً بيهوش ٿي چڪي هئي. مون سڌو سنئون بدروحن سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. انهن کي آزمائڻ جي خاطر مون چيو: ”توهان پنج آهيو نہ؟“ مون کي پهرين ئي ٻڌايو ويو هو تہ ڇوڪريءَ ۾ چار بدروح آهن. پوءِ ان جلديءَ ۾





جواب ڏنو تہ ”اسين چار آهيون.“ مگر آواز ڇوڪريءَ جي آواز کان بلڪل مختلف هو. پوءِ مون انهن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجا نالا ٻڌايو. هڪڙي جو نالو متي، ٻئي جو فرعون، ٽئين جو پرڪاش، ۽ چوٿين جو نالو ڪانتا هو. هي نالا عام طور تي ٽن مخصوص مذهبي گروهن سان تعلق رکن ٿا، مسيحي يا يهودي، قديم مصري ۽ هندو. هاڻي مون کي يقين ٿي ويو هو تہ ڇوڪري بدروحن جي قبضي ۾ آهي. اسين ان جي کٽ جي چوڌاري ويهي رهياسين، دعا ڪرڻ ۽ خدا جي تعريف جا گيت ڳائڻ لڳاسين. هاڻي ان جي دوري ۾ شدت اچي وئي ۽ هسٽريا جهڙي ڪيفيت تيز ٿي وئي. منجهس عام حالتن کان وڌيڪ طاقت اچي وئي ۽ مون محسوس ڪيو تہ ٻن ماڻهن کي هن سان گڏ رهڻ کپي.

اهڙي صورتحال ۾ مضبوط ايمان وارن مسيحين جي ٽيم جي ضرورت پوندي آهي. جيڪي ماڻهو موجود هئا، انهن مان ٻن جي باري ۾ مون کي ڪا خاص ڄاڻ نہ هئي. ميٽرن وهمڻ عورت هئي جيئن تہ هوءَ چئي رهي هئي تہ هتي ميڻ بتيون ٻارڻ ۽ پاٺي ڇڙڪڻ کپي. مون کي هيڊماسترياڻي صاحبہ جي روحاني حالت جي متعلق ڪابہ خبر نہ هئي، مگر انهيءَ مدد جي درخواست ڪئي هئي. پوءِ بہ خداوند مون کي قائل ڪيو تہ انهيءَ ماڻهن کي استعمال ڪرڻو آهي. تنهنڪري مون مشنري صاحبہ ۽ هيڊماسترياڻي صاحبہ کي موڪليو تہ اسڪول ۽ هاسٽل جي سيني ڪمرن مان بدروحن کي ڪڍڻ لاءِ ۽ خداوند جي برڪت لاءِ دعا گهرن. ميٽرن ۽ آءٌ ڇوڪريءَ وٽ ويٺيون رهيونسين. بعد ۾ هڪ ٻي مشنري عورت اسان سان اچي ملي. اسين ڪلام

پاڪ پڙهڻ، خدا جي تعريف جا گيت ڳائڻ ۾ مشغول رهيونسين ۽ ڇوڪريءَ جي حالت اڃا بہ وڌيڪ بگڙڻ لڳي. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ هوءَ ڪجھ خاموش ٿي وئي. هاڻي هوءَ ٿوري هوش ۾ آئي. مون ان کي چيو تہ زبور 136 جي هر آيت کان پوءِ وراڻي اسان سان گڏ چئو تہ: ”انهيءَ جو رحم هميشہ هميشہ تائين قائم آهي.“ اسين هر آيت جو پهريون حصو پڙهي ٻڌائيندا رهياسين ۽ هوءَ وراڻي اسان سان پڙهندي آئي. آهستي آهستي ان جو ذهن صحيح ٿيڻ لڳو، مگر جڏهن اسين پندرهين آيت تي پهتاسين: ”هن فرعون کي لشڪر سوڌو ڳاڙهي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو.“ تہ اها تمام بريءَ طرح ڏڪڻ لڳي. اسان کي ياد آيو تہ بدروحن مان هڪڙي جو نالو فرعون هو. مون خاص انهيءَ سبب ڪري زبور چونڊيو هو بلڪ مون کي ياد بہ نہ هو تہ هن زبور ۾ فرعون جو ذڪر ايندو آهي. مون تہ هي زبور انهيءَ ڪري پسند ڪيو هو جو ڇوڪريءَ لاءِ هڪ ئي سٽ وري وري ورجائڻ سولو ٿيندو. ان جي حالت اهڙي هئي جو ڪلام جو ڪوبہ حصو يا واري سان آيتون پڙهڻ ان جي لاءِ ممڪن نہ ٿي سگهي ها.

اسان ڇوڪريءَ سان وڌيڪ ڳالھ ٻولھ ڪئي ۽ ان کان پڇيو تہ ڇا تون بدروحن کان آزاد ٿيڻ چاهين ٿي؟ هوءَ انهن کان تمام گهڻي خوفزده هئي. اهي ڪيس ايندڙ واقعن جي خبر ڏيندا هئا. مثال فلاڻو ماڻهو فلاڻي وقت تي ايندو، جيتوڻيڪ ڪنهن کي ان جي اچڻ جي ڪا اميد بہ نہ هوندي هئي. عام طور تي هي پيشنگويون بلڪل درست ثابت ٿيون. اڳئين رات بدروحن ڪيس ٻڌايو تہ تون سانجهي ٻين وڳي مري ويندينءَ. پوين واقعن جي بنياد تي هن ان تي يقين





ورتو. اسان ڪيس ٻڌايو تہ اهو سراسر ڪوڙ آهي. بدروح تو کي خوفزده ڪرڻ لاءِ اهو چئي رهيا آهن. انهن تي يقين ڪرڻ جي بجاءِ عيسيٰ مسيح تي ايمان رکڻ کپي. ڇا لاءِ جو ان صليب تي موت ۽ اونداهيءَ سيني طاقتن تي هميشہ جي لاءِ فتح حاصل ڪئي آهي. اسان ان کي ٻڌايو تہ اسين سڀ تو لاءِ دعا ٿيون ڪريون تہ بدروح تو کي آزاد ڪن. اسان مان هر هڪ ڪين حڪم ڏنو تہ ڇوڪريءَ کي ڇڏي انهيءَ جاءِ تي وڃن جيڪا قيامت تائين انهن لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. مگر ڪوبہ اهڙو نشان نظر نہ آيو جنهن مان خبر پوي تہ بدروح نڪري ويا آهن. اسان واعدو ڪيو تہ سڄي رات ساڻس گڏ رهنديونسين ۽ دعا گهرنديونسين. اسان ڪيس يقين ڏياريو تہ تون بلڪل تندرست ٿي ويندينءَ.

هن جي حالت جي ڪري هاسٽل ۽ اسڪول ۾ خوف پکڙجي ويو هو. مون هيڊ ماسترياڻيءَ کان اجازت ورتي تہ اسڪول ۾ خطاب ڪريان. اهڙيءَ طرح مون اسٽاف ۽ شاگردياڻين جي سامهون وضاحت ڪئي تہ شيطان هن ڇوڪريءَ کي ستائي رهيو آهي مگر عيسيٰ مسيح جي نالي ۾، ان جي تعريف، ان جي خون ۽ قدرت جي سامهون طاقت نہ ٿي ٻيهي سگهي. (انهن عنوانن تي بائيبل جي مطالعي لاءِ هن ڪتاب جو يارهون باب ملاحظ فرمايو.) جيڪي ڇوڪريون هاسٽل ۾ رهنديون هيون انهن کي تاڪيد ڪئي وئي تہ جڏهن بہ خوف محسوس ڪريو تہ خدا جي تعريف ڪرڻ شروع ڪريو. مون انهن کي عيسيٰ مسيح جي متعلق ڪيترين ئي ڳالهيون ياد ڪرايون ۽ انهن کي ٻڌايو تہ خداوند عيسيٰ جي هر صفت جو بيان ڪرڻ کان پوءِ زور

سان چئو: ”عيسيٰ بادشاهه آهي!“ ائين هڪڙي ڇوڪري چوي ته: ”عيسيٰ نجات ڏيندڙ آهي“ ۽ پوءِ پنيان ٻيون چون: ”عيسيٰ بادشاهه آهي“، ”عيسيٰ سنو ڌنار آهي“ ۽ سڀ چئو: ”عيسيٰ بادشاهه آهي!“ اسان اسڪول جي ڇوڪرين سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ائين ڪن عيسيٰ مسيح کي پنهنجو خداوند ۽ نجات ڏيندڙ قبول ڪري ورتو. انهن سيني جو تعلق مسيحي گهراڻي سان هو، ليڪن زندهه ايمان جو تجربو نه رکنديون هنيون.

اسان مان ٻه عورتون، ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون ان ڇوڪريءَ سان گڏ رهيون. اسان ان جي سنڀال ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ وارا مقرر ڪيا. ان کي اجا ٻه دورا پوندا هئا، ليڪن اسان جو ايمان هو ته فتح خداوند عيسيٰ جي ئي آهي. اسان کي احساس ٿيو ته انهن دورن جا ٽي سبب ٿي سگهيا ٿي: (1) نون بدروحن اچي ديرو ڄمايو آهي. (2) دورا ڪوڙا آهن. (3) ڇئني بدروحن اجا تائين قبضو نه ڇڏيو آهي. مگر اسان کي ذرو ٻه شڪ نه هو، ته آخر فتح عيسيٰ مسيح جي ئي آهي.

ڇوڪري بائيبل مقدس جي تعليم تي ڌيان ڏيندي هئي ۽ ڪجهه اثر ٻه قبول ڪندي هئي، پر رڳو ڪيترن ئي هفتن کان پوءِ هن عيسيٰ مسيح کي پنهنجو خداوند ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ قبول ڪيو ۽ ساڻس پنهنجو ذاتي تعلق قائم ڪيو. ان دير جا ڪافي سبب هئا. پهريون، ڇوڪريءَ جي گهر وارن جو اثر جيڪي جادو ڪرڻ ۽ اونداهيءَ جي لڪيل قوتن سان رابطو رکندا هئا. ٻيو اسڪول ۽ هاسٽل ۾ ٻه اهڙا ڪم ڪيا ويندا هئا. ٻيون ٻه جنگون وڙهڻيون پيون. ٻيا بدروح ڪڍڻا پيا، ڪي ٻيون ٻه فتحون حاصل ڪرڻيون پيون.





تنهنڪري ڪجهه مهينن تائين، خداوند جي خادمن جون آزمائشون ٿينديون رهيون. آخر ڪار سڪون ۽ امن ٿي ويو.

ان واقعي جي سلسلي ۾ ته اسان کي جلدي ئي معلوم ٿي ويو ته اصل ڳالهه ڇا آهي، مگر بدروحن کان آزادي وٺڻ لاءِ تمام گهڻو وقت لڳو. هاڻي مان اهڙي واقعي جو ذڪر ڪنديس، جنهن جي ته تائين پهچڻ ۾ هفتا لڳي ويا، پر آزادي ڏاڍي تڪڙي ۽ تيزيءَ سان ملي. پنجاب ۾ هڪ ڳوٺ جي مک اڳواڻن مان هڪ بزرگ اسان وٽ آيو. ان ٻڌايو ته منهنجي ڇوڪريءَ سيالڪوٽ ڪنوينشن ۾، ڪنهن کي بدروحن کان آزاد ٿيندي ڏٺو هو. تڏهن کان ان کي عجيب و غريب پاڇا نظر اچڻ لڳا آهن ۽ هوءَ ڊڄندي رهي هئي. اسان چيو ته اسين ڇوڪريءَ ۽ ان جي خاندان جي ٻين ماڻهن سان ملڻ چاهيون ٿا. اهو بزرگ پاڻ ٻه خداپرست انسان هو. اسين ڇوڪريءَ سان مليونسين پر فيصلو ڪري نه سگهيوسين ته هن تي بدروحن جو قبضو آهي يا هن جي تڪليف جو سبب اجا ڪو ٻيو آهي. تنهنڪري اسان فيصلو ڪيو ته دعا ۾ خداوند جي هدايت معلوم ڪنديونسين ۽ گڏو گڏ خاندان سان ٻه ملنديونسين.

ٻن هفتن کان پوءِ اسان مناسب سمجهيو ته ان پاڪستاني ليڊي ڊاڪٽر جي مدد حاصل ڪريون، جنهن سيالڪوٽ ڪنوينشن ۾ بدروحن کي ڪڍيو هو. هيءَ ڊاڪٽرياڻي نجات يافته مسيحي هئي. جڏهن هوءَ اسان سان ملڻ آئي ته اسان سڄو معاملو ان کي ٻڌايو ۽ گڏجي دعا گهري. اجا ڊاڪٽرياڻي ان ڇوڪريءَ جي گهر وئي ته جيئن هوءَ جائزو وٺي ته پاڻ ان لاءِ ڇا ٿي ڪري سگهي. اسين ٻئي

دعا ۾ لڳي ويونسين. هاڻي اسان کي يقين ٿي ويو ته ڇوڪريءَ تي بدروحن جو قبضو آهي. تنهن ڪري خاص طور تي ان جي آزاديءَ جي لاءِ دعا گهرنديون رهيونسين. پوءِ اسان کي خبر پئي ته جنهن وقت اسان دعا گهري رهيون هيونسين، انهيءَ وقت ليڊي ڊاڪٽر عيسيٰ جي نالي ۾ بدروحن کي حڪم ڏنو هو ته ڇوڪريءَ کي ڇڏي ڏيو. انهيءَ کان پوءِ ڇوڪري روحاني ڳالهين جي تعليم وٺي وئي ۽ هن جي روحاني پرورش ڪئي وئي. جيسيتائين مون کي خبر آهي، انهيءَ کان پوءِ ان کي ڪڏهن به اهڙي تڪليف نه ٿي.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڪهڙيءَ طرح معلوم ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن شخص تي بدروحن جو قبضو آهي يا رڳو شيطان يا بدروحن جو دٻاءُ (رسولن جا ڪم 38:10) يا اهي بئي ڳالهيون هڪ ئي عمل جا مختلف درجا آهن؟ ڇا ڪنهن ايماندار جنهن ۾ پاڪ روح رهي ٿو تنهن تي به بدروحن جو قبضو ٿي سگهي ٿو؟ ڪڏهن بدروحن جو قبضو عارضي هوندو آهي ۽ ڪڏهن مستقل؟

انهن سوالن جا جواب ڏيڻ آسان نه آهي. جيڪڏهن جواب نه ملي ته ڪن اهڙين ڳالهين تي غور ڪري سگهجي ٿو، جن مان اسان جي رهنمائي ٿي سگهي ٿي. اهڙن معاملن ۾ دانائي اهائي آهي ته حليمي اختيار ڪريون. هر معاملي ۾ اسان کي خداوند کان حڪمت ۽ هدايت حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان انهيءَ وقت عملي طور تي هٿ وجهون، جڏهن ڄاڻي وٺون ۽ جڏهن اسان کي خداوند جي رهنمائي ۽ هدايت جي تسلي ٿي وڃي. شيطان جي دٻاءُ ۽ قبضي کان آزاديءَ جو يقيناً هڪ ئي مقصد هوندو آهي ته اهو شخص





پاڪ روح سان معمور ٿئي. جيڪڏهن اهڙي خدمت صرف بدروحن کي ڪڍڻ تائين محدود رکي وئي ته اها ڳالهه سيني لاڳاپيل ماڻهن جي لاءِ نقصان جو باعث ٿيندي. انهيءَ سان خدا کي جلال نه ٿو ملي سگهي. جيڪڏهن پهرين تياري ڪئي وڃي، شخصي گفتگو، نصيحت ۽ تعليم ڏني وڃي، پوءِ تعليم جاري رکي وڃي ۽ هيءَ ڳالهه پيش نظر رهي ته بدروحن کان مڪمل ڇوٽڪاري جو مقصد ۽ مطلب اهو آهي ته انساني بدن ۽ روح مڪمل آزادي ماڻي، ته صحيح معنيٰ ۾ نشانن، اشارن ۽ عجيب ڪمن ذريعي پاڪ انجيل جي خوشخبريءَ جي تصديق ٿيندي. خدا انهيءَ آزاديءَ کي ڪنهن شخص جي نجات جي گهري تجربي جي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. صحيح پرک ۽ پاڪ روح جي ڪم کان سواءِ اهي ڳالهيون فائديمند هئڻ جي بجاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. هر دفعي روحاني سمجهه ۽ خدا جي ارادي جو علم هئڻ ضروري آهي. بيشڪ اسين پڇنداسين ته ڪير اهڙي خدمت ۾ حصي وٺڻ جي لائق آهي؟ خدا ئي اسان کي ان لائق بڻائي ٿو. انهيءَ جي حڪمت جو طالب ٿيڻو آهي، جيڪو بغير ڪنهن ملامت جي سيني کي فياضيءَ سان ڏيندو آهي (2- ڪرنٿين 17:2، 5:3 ۽ يعقوب 5:1).

مگر وڏي احتياط جي ضرورت آهي. جيستائين خدا کان صاف طور تي هدايت نه ملي ۽ ڪليسيا جي بزرگن ۽ بين ايماندارن جي مدد حاصل نه هجي، تيستائين هن ڪم ۾ ڪڏهن به هٿ نه وجهو.

باب ٽيون

# فرشتا ۽ بدروح

بديءَ جي ابتدا ڪيئن ۽ ڪٿان شروع ٿي؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي جنهن نہ صرف عام ماڻهن کي بلڪ فلاسفرن ۽ علم الاهيات جي ماهرن کي بہ حيران ڪري ڇڏيو آهي. بائيبل مقدس ۾ بہ هن جو واضح جواب نہ ٿو ملي. بائيبل مقدس جو اهو مقصد بہ نہ آهي تہ انسان جي هر سوال جو جواب ڏنو وڃي. هڪ دفعي منهنجو واسطو ڪن تعليم يافتہ ماڻهن سان پيو. اهي ان سوال گهڻو زور پئي ڏنو تہ قائن جي زال ڪير هئي؟ مون انهن کان پڇيو تہ جيڪڏهن ان سوال جو جواب ملي بہ وڃي، تہ ڪين ڪهڙو روحاني فائدو حاصل ٿيندو؟ چا ايمان ۽ روحانيت ۾ ترقي ٿيندي؟ اهڙين ڳالهين تي وقت ضايع ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو، جنهن جو ڪوبہ حتمي جواب موجود نہ آهي ۽ جنهن جو ڪوبہ روحاني فائدو حاصل نہ ٿيندو هجي. ڪيترائي دفعا ماڻهو بائيبل مقدس کان اهڙن سوالن جي جوابن جي توقع رکندا آهن، جن جو جواب ڏيڻ بائيبل مقدس جي مقصد ۾ شامل نہ آهي. پنهنجي نوجوان هم خدمت تيمٿيس جي ٻئي خط ۾ پولس رسول واضح طور بيان ڪري ٿو تہ پاڪ صحيفن جو مقصد چا آهي؟ ”تون ننڍپڻ کان انهن پاڪ لکتن کان واقف آهين، جيڪي تو کي عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻڻ سان





ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ دانائي بخشي ٿيون سگهن. هر ڪا پاڪ لکت (صحيفو) الهامي آهي ۽ اها تعليم ڏيڻ، تنبيهہ ڪرڻ، سڌارڻ ۽ سچائيءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ فائدي واري آهي. انهيءَ لاءِ تہ خدا جو بندو ڪامل ٿئي ۽ هر چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار رهي.“ (2- تيمٿيس 3:15-17) بائيبل مقدس ۾ صرف اهي ڳالهيون درج آهن، جيڪي خدا کي بهتر طور تي ڄاڻڻ ۾ اسان جي مدد ڪن ٿيون.

## فرشتا:

خدا پنهنجي ڪنهن خاص حڪمت يا رمز جي سبب، اسان کي بديءَ يا برائيءَ جي ابتدا ۽ آغاز جي باري ۾ نہ ٻڌايو آهي. جيڪو ڪجهہ بہ پيدا ڪيو سو چڱو هو (پيدائش 1:31). رتبي جي لحاظ کان فرشتا، انسان کان نسبتن اعليٰ آهن (عبرانين 2:7)، تہ بہ فرشتا ازلي نہ آهن، صرف خدا ازلي آهي. پاڪ ڪلام مان اهو پتو نہ ٿو پوي تہ خدا فرشتن کي ڪڏهن خلقيو، مگر آهن اهي بہ مخلوق. زبور 148:2 ۽ 5 ۾ اسين پڙهون ٿا تہ

”اي انهيءَ جا آسماني لشڪرؤ!
اوهين سندس تعريف ڪريو،
هائو، اي انهيءَ جا سڀيئي ملائڪؤ!
اوهين ڪيس سڳورو ڇئو....
پلي تہ اهي خداوند جي نالي جي واکاڻ پيا ڪن،
ڇو جو هن جي حڪم سان ئي سڀ ڪو پيدا ٿيو آهي.“

بائيبل مقدس مان اسين فرشتن جي باري ۾ هيٺيون ڳالهيون سکون ٿا:

1. فرشتا انسان نہ آهن. انسان فرشتن جهڙا ٿيندا، مگر اجان بہ اهي فرشتا نہ ٿيندا، بلڪ انهن جهڙا ئي هوندا (متي 30:22). تڏهن بہ فرشتا عقل و فهم ۽ ارادي ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن (1- پطرس 12:1).
2. فرشتن کي جسم نہ هوندا آهن، ليڪن ڪڏهن ڪڏهن اهي جسماني صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اهي مادي ۽ مڪاني حدن جي قانونن کان بالاتر آهن (عبرانيين 7:1 ۽ 14).
3. فرشتا هڪ لشڪر آهن. انهن جو ڪوبہ نسل يا خاص قسم نہ آهي. جيڪڏهن انهن جو ڪو نسل هجي ها تہ جهڙيءَ طرح آدم جي پهرين گناهہ تمام انساني نسل تي اثر ڪيو، اهڙيءَ طرح پهرين فرشتي جي گناهہ سان، تمام فرشتن کي گناهہ جو اثر خراب ڪري ڇڏي ها. جيئن تہ فرشتا نسل جي بجاءِ لشڪر سان تعلق رکن ٿا، انهيءَ ڪري انهن مان هر هڪ فرداً فرداً پنهنجي گناهہ جو ذميوار آهي ۽ انهيءَ جي مطابق ان جي عدالت ٿيندي. اهي نہ نر آهن نہ مادي ۽ نہ ئي انهن ۾ شادي وغيره ٿيندي آهي (لوقا 34:20-36).
4. فرشتن جو علم انسانن کان وڌيڪ آهي، مگر انهن کي سڀني ڳالهين جو علم نہ آهي (لوقا 34:1).



بدروحن تي فتح

5. فرشتا انسان کان وڌيڪ طاقتور آهن. اهي فوق البشر آهن (2-پطرس 11:2، متي 2:28).

## فرشتن جو گناهہ ۾ ڪِرڻ:

خدا هر شئي کي ڪامل ٺاهيو هو. ڪن فرشتن خدا جي خلاف بغاوت ڪئي. انهن گناهہ ڪيو (2- پطرس 4:2). اهي مغرور ٿي ويا ۽ پنهنجي رعايت کان وڌيڪ اڳيان وڌي ويا (يهوداه 6). ان بغاوت جو سردار شيطان هو. شيطان ۽ بغاوت ۾ سندس پيروي ڪرڻ وارا فرشتا، انسان جي گناهہ ۾ ڪرڻ کان پهرين گناهہ ۾ ڪريا هئا. تنهنڪري انهن کي آسمان کان هيٺ ڪيرايو ويو هو. ان ڳالهہ جو دليل اهو آهي تہ شيطان نانگ جي ذريعي پهرين بيبي حوا کي آزمايو ۽ پوءِ حضرت آدم کي. فرشتا يقينن فعل المختار هئا. يعني اهي فيصلو ڪري سگهيا ٿي تہ گناهہ ڪريون يا نہ ڪريون، بغاوت ۾ حصو وٺون يا نہ وٺون. انهن جي فطرت ڪنهن خاص طرف مائل نہ هئي، بلڪ انهن جي فعل جو انحصار انهن جي ارادي تي هو. انهن گناهہ جو انتخاب ڇو ڪيو؟ بائيبل مقدس ۾ ان جو اشارو ملي ٿو، مگر صاف صاف بيان نہ آهي. هڪڙو سبب تہ برابر اهو ٿي سگهي ٿو تہ انهن ۾ بلندي نظر اچي وئي ۽ انهن خدا جي برابر ٿيڻ چاهيو ٿي. انهن جي پستيءَ هَوَس، خود غرضي، بي صبري ۽ لالچ وغيره بہ ٿي سگهي ٿي. انهن جي ڪرڻ سان انهن جي اها پاڪيزگي ختم ٿي وئي. انهن جي فطرت ۽ چال ۾ خرابي

پيدا ٿي وئي. انهن مان ڪن کي جهنم جي اونداهين غارن ۾ وجهي، زنجيرن سان ٻڌو ويو جتي اهي عدالت جي ڏينهن جو انتظار ڪري رهيا آهن (2- پطرس 4:2). انهن مان ڪي نيڪ فرشتن سان مقابلو ڪن ٿا (مڪاشفو 9-7:12) آخري عدالت کان پوءِ انهن کي هميشه واري باهه جي ڍنڍ ۾ وجهي ڇڏبو (متي 41:25).

## ملائڪن جا قسم:

نيڪ فرشتا ۽ بدڪار فرشتا ٻئي ٿيندا آهن.

## نيڪ ملائڪ

لفظ "فرشتي" يا "ملائڪ" جو مطلب آهي "ايلچي" (Ambassador). عبرانين جي خط جي مصنف مطابق انهن جو شمار اڻ کٽ آهي (عبرانين 22:12). نيڪ فرشتن ۾ فرشتن جو هينيون گروهه شامل آهي. انهن جو بيان ڪجهه هن طرح ڪري سگهجي ٿو:

**(1) آسماني مخلوق (ڪروبيم):**

عبراني ٻوليءَ ۾ 'ڪروبيم' جمع جو صيغو آهي. ان جو واحد 'ڪروبي' آهي. جڏهن خدا آدم ۽ حوا کي باغ عدن مان ٻاهر ڪڍيو ته زندگيءَ جي وڻ جي حفاظت لاءِ آسماني مخلوق کي ئي مقرر ڪيو هو (پيدائش 24:3). خيمهءِ اجتماع ۽ هيڪل ۾ عهد جي صندوق جي مٿان پڻ ٻه آسماني مخلوق هئا (خروج





9-7:37). زبور نويس بيان ڪري ٿو ته خدا آسماني مخلوق تي تخت نشين آهي (زبور 1:99).

**(2) شعلي جيان ٻرڪندڙ مخلوق (سرافيم):**

هي عبراني لفظ 'سيراف' جو جمع آهي. بائيبل مقدس ۾ انهن جو ذڪر صرف هڪ جاءِ تي آيو آهي يعني يسعياه 6-2:6. اهي خدا جي اردگرد بيٺا هوندا آهن. آسمان ۾ سندس تعريف ۽ حمد ۾ رهبري ڪندا آهن.

**(3) وڏو ملائڪ:**

وڏي ملائڪن جو ذڪر صرف 1- ٿسلونيڪين 16:4 ۽ يهوداه آيت 9 ۾ آيو آهي. ٿسلونيڪين جي خط ۾ پولس رسول بيان ڪري ٿو ته خداوند عيسيٰ مسيح جي ٻيهر آمد ڪيئن ٿيندي. اهو وڏي ملائڪ جي للڪار ۽ خدا جي بگل سان گڏ لهي ايندو. يهوداه پنهنجي خط ۾ حضرت موسيٰ جي لاش بابت، وڏي ملائڪ ميڪائيل ۽ ابليس جي وچ ۾ بحث و تڪرار جو بيان ڪيو آهي. بائيبل مقدس ۾ صرف هڪ ٻئي فرشتي جي نالي جو ذڪر آهي. اهو آهي جبرائيل. مگر ان کي وڏو ملائڪ ناهي چيو ويو.

**خداوند جو ملائڪ:**

بائيبل مقدس ۾ خداوند جي ملائڪ جو ذڪر ڪيئي دفعا آيو آهي، خصوصاً پراڻي عهدنامي ۾.

## نيڪ ملائڪن جا ڪم:

1. آسمان ۾ خدا جي حمد ۽ ان جي تعريف ڪرڻ

(مڪاشفو 11:5، 12).

2. خدا جي ماڻھن جي حفاظت ڪرڻ (زبور 11:91).
3. خدا جي خادمن کي مصيبت مان ڇڏائڻ (دانيال 28:3).
4. انسان کي خدا جي ارادي جي باري ۾ سمجهائڻ (دانيال 5:10 ۽ 11).
5. خدا جي خادمن جي رهنمائي ڪرڻ (رسولن جا ڪم 26:8).
6. خدا جي خادمن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ (رسولن جا ڪم 23:28، 24).
7. ماڻھن جي حق ۾ خدا جي عدالت جي تعميل ڪرڻ (رسولن جا ڪم 23:12).
8. قومن جي حق ۾ خدا جي عدالت جي تعميل ڪرڻ (2-سموئيل 16:24).
9. اهي انهن واقعن ۾ شامل ٿيندا، جن جو تعلق خداوند عيسيٰ مسيح جي ٻيهر اچڻ سان آهي (متي 31:24، متي 39:13 ۽ مڪاشفو 12:21).

## خداوند عيسيٰ مسيح جي زندگي ۽ خدمت ۾ ملائڪن جو ڪردار

بائيبل مقدس بيان ڪري ٿو تہ ملائڪ خداوند عيسيٰ مسيح جي زندگيءَ ۾ ان جي خدمت ۽ مدد ڪندا هئا جنهن مان سندn ڪم جي اهميت جو پتو پوي ٿو. نيڪ فرشتا ايماندارن جي جيڪا مدد ڪندا آهن، اڄڪلھ گهٽا مسيحي ان کي ڪابہ خاص اهميت نٿا ڏين. وڏي صفائيءَ سان ٻڌايو





ويو آهي تہ فرشتا اُهي خدمت گذار روح آهن، جيڪي ”ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ وارن جي لاءِ موڪليا وڃن ٿا.“ (عبرانين 14:1). انهن ”منجي“ يعني ڇوٽڪارو ڏيندڙ جي خدمت ۾ بہ وڏو حصو ادا ڪيو.

(1) ملائڪ جبرائيل، ڪنواري مريم کي خبر ڏني تہ تون عيسيٰ جي ماءُ ٿيندينءَ (لوقا 26:1-38).

(2) هڪ ملائڪ يوسف کي يقين ڏياريو تہ جيڪو مريم جي پيٽ ۾ آهي، اهو پاڪ روح جي قدرت سان آهي (متي 20:1).

(3) ملائڪ ڌنارن کي خبر ڏني تہ عيسيٰ مسيح بيت الحم ۾ پيدا ٿيو آهي (لوقا 8:2-15).

(4) بيابان ۾ ابليس جي آزمائڻ کان پوءِ ملائڪ خداوند عيسيٰ مسيح جي خدمت ڪرڻ لڳا (متي 11:4).

(5) گتسيمني باغ ۾ هڪ ملائڪ خداوند عيسيٰ مسيح کي ڏڍ ڏنو (لوقا 43:22).

(6) جيڪڏهن خداوند عيسيٰ مسيح پيءُ کي درخواست ڪري ها تہ ان جي مدد لاءِ ملائڪن جا ٻارنهن لشڪر اچن ها (متي 53:26).

(7) هڪ ملائڪ عيسيٰ مسيح جي قبر تان ڳرو پٿر هٽائي ڇڏيو، ۽ جيڪي عورتون صبح سويري اتي ويون، انهن کي مسيح جي زنده ٿي اٿڻ جي خبر ٻڌائي (متي 2:28-7).

(8) جڏهن خداوند عيسيٰ مسيح کي آسمان تي کنيو ويو تہ بہ ملائڪن جهڙيون نوراني هستيون اتي اچي حاضر ٿيون (رسولن جا ڪم 10:1-11).

(9) ان جي ٻيهر اچڻ جي موقعي تي ملائڪ ان سان

گڏ ايندا (متي 27:16).

## بدڪار ملائڪ :

(1) ڪجھ بدڪار ملائڪن کي دوزخ ۾ بند ڪيو ويو آهي ۽ اهي عدالت جي ڏينهن تائين اتي ئي رهندا (2-پطرس 4:2). انهن فرشتن پنهنجي خاص مقام کي ڇڏي ڏنو، جنهن جي ڪري انهن کي سزا ڏني وئي آهي (يهوداه 6).

(2) ڪن بدڪارن ملائڪن کي دوزخ ۾ بند نہ ڪيو ويو آهي پر اهي ڪائنات ۾ هر جڳهہ تي اچي وڃي سگهن ٿا. اهي نيڪ ملائڪن جي خلاف پنهنجي سردار شيطان جي مدد ڪندا آهن، خدا جي بندن جي خلاف ڪم ڪندا آهن ۽ خدا جي مرضي ۽ ارادن کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهن ٿا (رومين 38:8).

(3) جن ۽ ڀوت بہ بدروح آهن (متي 16:8). ممڪن آهي تہ هي اهي ئي فرشتا هجن جن کي آسمان تان ڪيرايو ويو هو. بائيبل مقدس مان هڪ ڳالھ يقيني طور تي ثابت آهي تہ بدروح بہ شرارت جي انهن لشڪرن جو حصو آهن جيڪي آسماني جڳهن ۾ آهن (افسين 12:6).

(4) ابليس يا شيطان شرارت جي سڄي فوج جو سردار آهي. انهن قوتن جا ڪيئي نالا آهن. مثال: جن، ڀڄڙائيءَ جا روحاني لشڪر، بدڪار فرشتا ، ناپاڪ روح، موجوده جهان ۾ اونداهيءَ جا حاڪم، تخت ۽ حڪومتون، اختيار وارا، قوتون يا طاقتون وغيره (ڪلسين 15:2، افسين 12:6).





## بدڪار فرشتن ۽ بدروحن جا ڪم:

1. ڪڏهن ڪڏهن خدا انهن کي قومن کي سزا ڏيڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي (زبور 49:78).
2. اهي نجات يافتہ ماڻهن کي خداوند عيسيٰ مسيح ۽ ان جي محبت کان جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن (رومين 39-38:8).
3. اهي نيڪ فرشتن جي خلاف جنگ ڪندا آهن (مڪاشفو 7:12).
4. اهي شيطان جي منصوبن ۽ ارادن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن (افسين 12:6).
5. اهي ڪوڙي تعليم ڦهلائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن لفظ تہ اهي ئي هوندا آهن جيڪي سچي تعليم لاءِ استعمال ٿيندا آهن، مگر هو انهن جي معنىٰ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن (1- بادشاهہ 23-21:22، 1- تيمٿيس 1:4).
6. ڪڏهن ڪڏهن اهي انسانن کي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن. لوقا رسول هڪ طبيب هو. ان اهڙن سيني واقعن جو ذڪر ڪيو، جن ۾ ابليس ۽ ان جا پيروڪار سنئون سڌو بيماريءَ جو باعث هئا (لوقا 42-37:9، 16-11:13). تڏهن بہ بائيبل مقدس اهڙي تعليم هرگز نہ ٿو ڏي، تہ سڀني بيمارين جي پويان ابليس جو هٿ هوندو آهي.
7. ڪنهن وقت اهي دماغي بيماريون پيدا ڪندا آهن (لوقا 35-26:8).

8. اهي انسانن کي اخلاقي ۽ جنسي براين تي اڀاريندا آهن. انهن مان ڪن کي ناپاڪ روح چيو ويندو آهي (لوقا 36-33:4).

9. اهي انسانن ۽ جانورن تي قبضا ڪندا آهن (لوقا 2:8، مرقس 14-8:5). بدروح بي جان شين ۾ به رهي سگهن ٿا، مگر ائين ڪڏهن ڪڏهن ئي ٿيندو آهي. بائيبل مقدس ۾ اهڙي ڪنهن به واقعي جو ذڪر نه آهي. پاڪستان ۾ هڪ ٻي ملڪ جو بدروح آرسي ۾ رهندو هو. خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ ان کي آرسيءَ مان ڪڍيو ويو. مون صرف اهڙو هڪڙو ٻيو واقعو پڙهيو آهي جنهن موجب ڪو بدروح ڪنهن شيءِ ۾ رهندو هو.

10. اهي ماڻهن کي بد دل ڪري سگهن ٿا (1- سموئيل 10:18).

11. ڪڏهن ڪڏهن خدا انهن کي ڪنهن فرد تي نازل قهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي (رهبر 23:9، 1- سموئيل 14:16).

12. آخري زماني ۾ هن دنيا ۾ انهن جو تمام گهڻو زور هوندو (مڪاشفو 12-1:9) پر آخرڪار هنن جي آقا شيطان وانگر هنن جي به عدالت ٿيندي ۽ هنن کي جهنم جي ابدي باهه ۾ وڌو ويندو (متي 41:25). ايماندار





ان جي عدالت ڪرڻ ۾ شامل هوندا (1- ڪرنٿين 3:6).
نيڪ فرشتا فردوس ۾ موجود رهندا (مڪاشفو 12:21).

ملائڪن بابت مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي ته اسين سمجهون ته الاهي منصوبي ۾ انهن جو ڪردار ڪهڙي اهميت رکي ٿو. مغرب ۾ مسيحي، بائيبل مقدس جي هن موضوع کي خاص اهميت نٿا ڏين. اهي اڪثر هن ڳالهه کي نظر انداز ڪريو ڇڏين ته روحاني جنگ ۾ نيڪ ملائڪ اسان جا ڪيترائي وڏا مددگار آهن. اسان جا دشمن ڪير آهن؟ نه صرف هيءَ دنيا، جسماني خواهشون ۽ ابليس بلڪ ملائڪ ۽ ڀوت به. اهي مشرقي ماڻهو، جن مغرب ۾ لکيل ڪتاب پڙهيا آهن، اهي به هن موضوع تي بائيبل مقدس جي تعليم کي ايتري اهميت نٿا ڏين ۽ نه ئي خداوند عيسيٰ مسيح جي خدمت ۾ ملائڪن ۽ بدروحن جي مقام تي وڌيڪ غور ڪن ٿا.

جناب اي-ايچ سٽرونگ پنهنجي "Systematic Theology" ۾ لکي ٿو ته "معجزن وانگر ملائڪن جو ظهور به عموماً خدا جي منصوبي جي ڪنهن اهم دؤر جي شروع ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اسين گهڻن ئي اهم موقعن تي ملائڪن جي ظهور متعلق پڙهندا آهيون. مثال : شريعت جي ڏيڻ تي (گلتين 19:3)، مسيح جي پيدائش تي (لوقا 13:2)، بيابان ۽ گتسيمنيءَ ۾ آزمائش جي موقعي تي (متي 11:4 ۽ لوقا 43:22)، زنده ٿي اٿڻ تي (متي 2:28)، ۽ آخري عدالت تي (متي 31:25)." ممڪن آهي ته خداوند عيسيٰ مسيح جو وري اچڻ بلڪل ويجهو هجي ۽ جيئن روحاني فوجون ان آخري جنگ

لاءِ گڏ ٿين ٿيون تيئن اجوڪو روحاني مقابلو بہ وڌندو ويندو. ليڪن ڪيڏي بہ شدت وڌي، مسيحين کي همت نہ هارڻ گھرجي. "شيطان، جيڪو خدا جي سامهون اسان تي ۽ انسان جي سامهون خدا تي الزام لڳائي ٿو، ان جي مقابلي ۾ پاڪ روح آهي، جيڪو اسان جو شافي آهي. اهو خدا جي سامهون انسان جي شفاعت ڪندو آهي ۽ انسان کي خدا جي طرف مائل ڪندو آهي." * ڪبوتر نانگ تي فتح پائيندو، سچائيءَ جو روح ڪوڙن جي پيءُ تي غالب ٿيندو، زندگي بخشڻ وارو روح ان قاتل کي دسي ماري ڇڏيندو. خدا شيطان ۽ ان جي تمام لشڪرن تي فتحياب ٿيندو.

* A. H. Strong, Systematic Theology, pp. 453-454.



باب چوٿون

# ابليس جا نالا

اچو تہ هاڻي ابليس ۽ ان جي ڪمن جي باري ۾ بائيبل مقدس جي تعليم تي هڪ نظر وجهون. هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ تمام مفيد آهي تہ خداوند عيسيٰ مسيح جو جسماني صورت وٺڻ ۽ هن دنيا ۾ اچڻ جو هڪ مقصد اهو هو تہ ابليس ۽ ان جي ڪمن کي ناس ڪري (1- يوحنا 8:3).

## ابليس

ابليس هڪ الڳ ڪردار آهي. اهو هڪ شخصيت جو مالڪ آهي. اهو پاڻ قدم کڻي اسان سان ملندو آهي. اسين ان کي ڳولهي سگهون ٿا ۽ اهو اسان کي ملي ويندو آهي. ان خداوند عيسيٰ مسيح کي صرف بپتسما کان پوءِ ئي نہ آزمايو بلڪ سموري زندگي ان جي پويان پيو رهيو (لوقا 28:22، عبرانين 7:5). صليب تي ڏاڍي سخت ڪشمڪش ٿي، مگر صليبي موت ۽ ان کان پوءِ مئلن مان زنده ٿي اٿڻ، ابليس لاءِ ڪاري ضرب ثابت ٿي. ان جو مٿو چٿيو ويو ۽ ان جي ڪمن کي ناس ڪيو ويو (پيدائش 15:3). عيسيٰ مسيح جي موت ۽ زنده ٿي اٿڻ کان پوءِ اجا تائين ابليس جيڪو ڪجھ ڪندو رهيو آهي، اها محض هڪ شڪست خورده دشمن جي سڪراتي تڙپ آهي. هڪ اهڙي ڪڪڙ جي ڌوڙ

آهي، جنهن جو سر ڌڙ کان ڌار آهي.

جيڪي ماڻهو ابليس کي شخصيت طور نٿا مڃين، انهن جي سامهون هو شخصي صورت ۾ نه ٿو اچي. هو بيحد چالاڪ آهي. جيڪڏهن چالاڪيءَ ۽ مڪاريءَ سان ان جو مقصد حل ٿيندي نظر اچي، ته سڌو سنئون مقابلي تي نه ٿو لهي. مان ابليس جي وجود کي مڃان ٿي، ڇالاءِ جو:

1. بائيبل مقدس ان جي باري ۾ ٻڌائي ٿو.
2. خداوند عيسيٰ مسيح ان کي هڪ شخص ۽ پنهنجو دشمن مڃي ٿو.
3. مون کي ان جي حملن ۽ آزمائشن جو ذاتي تجربو آهي.
4. دنيا ۾ ان جي ڪمن جا عام ثبوت موجود آهن.

## ابليس جا نالا ۽ لقب:

بائيبل مقدس جي بيانن ۾ نالا ۽ لقب خاص اهميت رکن ٿا. نالا "نالي واري" جي شخصيت کي ظاهر ڪندا آهن. يعني نالي سان ان جي صفتن ۽ ڪم جو اظهار ٿيندو آهي. ابليس جا گهٽ ۾ گهٽ ويهه نالا ۽ لقب آهن. ڪجهه ته اسم معرفه (ذاتي نالا) آهن، مثال: "اپليون". ڪجهه استعاري نالا آهن، مثال: "نانگ". ڪجهه اهڙا نالا آهن جن سان ان جي ڪم جو اظهار ٿيندو آهي، مثال: "ڪوڙو". ڪجهه نالا ان جي اختيار کي ظاهر ڪندا آهن، مثال: "هن جهان جو خدا" ۽





ڪجهه نالن سان ان جي طريقي ڪار جو پتو پوي ٿو جيئن "نور جو فرشتو".

### 1. ابليس:

لفظ ابليس جي معنيٰ آهي: "الزام لڳائڻ وارو" يا "بدنام ڪرڻ وارو." ابليس خدا جي سامهون انسانن تي ۽ انسانن جي سامهون خدا تي الزام هڻي ٿو. مثال: هن خدا کي بدنام ڪيو جڏهن ان ٻيبي حوا کي چيو ته جيڪڏهن تون منع ڪيل وڻ جو ڦل کائيندينءَ ته تون هرگز نه مرندينءَ (پيدائش 3:1-4).

### 2. شيطان:

لفظ شيطان جو مطلب آهي "مخالف". شيطان اول ته خدا جو مخالف آهي، پوءِ انسانن جو (ايوب 1:6، لوقا 22:31).

### 3. اپليون:

"اپليون" يوناني نالو آهي ۽ "ابدون" عبراني. مڪاشفو 9:11 ۾ لکيل آهي ته اپليون جناتي ٽڏين جو بادشاهه آهي. لفظ اپليون جي معنيٰ آهي "مارڻ وارو". پراڻي عهدنامي ۾ ابدون لفظ استعمال ٿيل آهي. ان مان اونهي کڏ (Sheol) جي گهرائيءَ مان مراد آهي ۽ معنيٰ آهي "بربادي" (ايوب 28:22).

### 4. بعلزبول يا بعلزبوب:

هن لفظ جي صحيح معنيٰ جي خبر نه آهي. بائيبل مقدس ۾ اهو نالو صرف ان موقعي تي استعمال ٿيو آهي جڏهن عيسيٰ مسيح جي مخالفن الزام لڳايو ته هي ته بدروحن

ڪي بعلزبول جي مدد سان ڪيندو آهي ۽ بعلزبول بدروحن جو سردار آهي. هي مشهور واقعو ٽنهي انجيل جي ڪتابن ۾ آهي يعني متي، مرقس ۽ لوقا ۾ درج آهي (مثال: لوقا 18:11،19). ممڪن آهي تہ بعلزبوب جو نالو فلستين جي ديوتا "بعلزبوب" مان ورتو ويو هجي جنهن جو ذڪر 2- بادشاهہ 2:1 ۾ آيو آهي ۽ جيڪو مکين جو ديوتا آهي. يهودي اهو ئي نالو شيطان جي نالي لاءِ بہ استعمال ڪندا هئا. بعلزبول جو مطلب آهي تہ "رهائش گاهہ جو ديوتا" يعني آسماني رهائش جو ديوتا بہ ٿي سگهي ٿو، يا هن جو مطلب "ڇيڻي جو بادشاهہ" بہ ممڪن آهي، يعني بت پرستيءَ جي مڪروهات.

## 5. ازدها بلا يا اجگر نانگ:

يسعياه 1:27 ۾ نبي نبوت جي طور تي مستقبل يعني ٿيڻ وارين ڳالهين جو بيان ڪري ٿو. ممڪن آهي تہ ازدها بلا يا اجگر نانگ، اسوُر، مصر يا بابل کي ظاهر ڪندا هجن، يا ان مان مراد بديءَ جون طاقتون يا خود ابليس هجي.

## 6. صبح جو روشن تارو:

يسعياه 12:14 اهو نالو بائيبل مقدس ۾ صرف انهيءَ جاءِ تي ئي استعمال ٿيو آهي. هن آيت ۾ بابل جي بادشاهہ کي مخاطب ڪيو ويو آهي ڇو جو اهو ابليس جهڙو هو. جڏهن ابليس کي صبح جو روشن تاري جو نالو ڏنو وڃي ٿو تہ ان کي نور جي ملائڪ جي روپ ۾ ڏيکاريو وڃي ٿو.





## 7. نانگ:

باغ عدن ۾ ابليس حضرت آدم ۽ بيبي حوا تي نانگ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو (پيدائش 1:3). مڪاشفو 2:20 ۾ ان کي "قديمي نانگ جنهن جا نالا شيطان ۽ ابليس" چيو ويو آهي. ان نالي سان ان جي مڪاري ۽ عياري ظاهر ٿئي ٿي.

## 8. ڏوکي باز:

ابليس آدم ۽ حوا کي ڏوکو ڏنو هو (پيدائش 6-1:3). انسان جي تاريخ ۾ ڏوکي بازي ئي ان جي سڀ کان وڏي چال رهي آهي. هو ماڻهن کي لاپرواهي جي ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيندو آهي. ڪجھ ماڻهن کي تہ ان ايتري صفائيءَ سان ڏوکو ڏنو آهي، جو هو سمجهن ٿا تہ شيطان جو ڪوبہ وجود ئي نہ آهي.

## 9. آزمائڻ وارو:

1- ٿسلونيڪين 5:3 ۾ اشارو واضح طور تي ابليس جي طرف آهي جيڪو انسان کي آزمائيندو آهي ۽ غلط راهہ تي هلائيندو آهي.

## 10. خوني:

يوحنا رسول ابليس کي شروع کان ئي خوني جي نالي سان سڏيو آهي (يوحنا 44:8). هو هميشہ انسان کي مارڻ جي ڌُن ۾ رهي ٿو، جيڪو خدا جي تمام مخلوق ۾ سڀ کان اعلىٰ آهي.

## 11. ڪوڙو:

ساڳي آيت، يعني يوحنا 44:8 ۾ يوحنا رسول ان کي ڪوڙو، بلڪ ڪوڙن جو پيءُ قرار ڏئي ٿو. باغ عدن ۾ ان بيبي حوا سان ڪوڙ ڳالهايو. بيابان ۾ عيسيٰ مسيح جي آزمائش جي وقت ان ڪوڙ ڳالهايو. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ سچ سان نفرت رکڻ ان جو شيوو (عادت) آهي.

## 12. الزام لڳائڻ وارو يا بهتان باز:

مڪاشفو 10:12 ۾ ابليس کي الزام لڳائڻ وارو چيو ويو آهي. ”اسان جي ڀائرن ۽ ڀينرن تي الزام هڻڻ وارو، جيڪو رات ڏينهن اسان جي خدا جي اڳيان مٿن الزام هڻي رهيو هو، سو هيٺ اڇلايو ويو آهي.“

## 13. شرير:

يوحنا پنهنجي پهرين خط ۾ لکي ٿو ته، ”سارو جهان انهيءَ بڇڙي جي قبضي ۾ آهي“ (1- يوحنا 19:5 - ڏسو پراڻو ترجمو). دعاءِ ربانيءَ ۾ يونانيءَ جو متبادل ترجمو هيئن به ممڪن آهي ته: ”اسان کي شرير کان بچاءِ!“ (متي 13:6).

## 14. هن زماني جو خدا:

2- ڪرنٿين 4:4 ۾ ابليس کي هن زماني جو خدا چيو آهي. انهيءَ مان هر گز اها مراد نه آهي ته هيءَ دنيا مڪمل طور تي هن جي اختيار ۾ آهي. مڪمل اختيار ۽ قدرت ته صرف خدا جي هٿ ۾ آهي، مگر شيطان کي اجازت ڏني ويندي آهي ته ٿورو گهڻو اختيار استعمال ڪري ۽ تمام شرارتن ۽ براين جي پاڙ اهو ئي آهي. هو چاهي ٿو





ته انسان منهنجي عبادت ڪري. انهيءَ طرح هن خداوند عيسيٰ کي به آزمايو ته مون کي جهڪي سجدو ڪر ۽ چيائين ته هن سجدي جي بدلي ۾ دنيا جي سلطنت، حشمت ۽ شان و شوڪت تو کي ڏئي ڇڏيندس. جڏهن انسان، شيطان جي پرستش واري ان سنئين سڌي دعوت کي قبول نه ٿو ڪري، ته هو هر انهيءَ شئي جي معرفت انسان کي ضابطي ۾ ڪري ٿو، جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ خدا جو درجو ڏئي ٿو. مثال: روپيا پئسا يعني دنياوي مال و دولت. لوقا 13:16 ۾ دولت کي معبود جي حيثيت ڏني وئي آهي. ان جي عبادت لالچ مان ظاهر ٿئي ٿي، جيڪا بت پرستي جي برابر آهي (ڪلسين 5:3).

## 15. دنيا جو سردار:

يوحنا رسول چوي ٿو ته ”هاڻي هن دنيا جي سردار کي لوڏي ڪڍيو ويندو“ (يوحنا 31:12). اها ڳالهه صاف آهي ته دنيا جو سردار ابليس آهي ۽ ان کي ڪڍي ڇڏڻ جو مطلب اڳئين جملي مان واضح ٿئي ٿو ته ”جڏهن آءٌ مٿي چاڙهيو ويندس ته سڀني کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندس.“ خداوند عيسيٰ مسيح جي صليبي موت ۽ مئلن مان جي اٿڻ جي وسيلي ئي قومون ابليس جي چنبي مان آزاد ٿي سگهن ٿيون. هن دنيا جي سردار خداوند عيسيٰ مسيح تي فتوا لڳائڻ ۾ در اصل پنهنجو پاڻ تي فتوا لڳائي (يوحنا 30:14 ۽ 11:16). يوحنا رسول جي انجيل جي، انهن ٻن آيتن ۾ مسلمانن کي باني اسلام جي آمد جي پيشنگوئي نظر اچي ٿي.

### 16. هوا ۾ اختياري هلائيندڙ حڪمران:

اهي ”هوا ۾ اختياري هلائيندڙ حڪمران يعني شيطان جا پوئلڳ هئا. هيءُ اهو ئي روح آهي، جيڪو هاڻي انهن ماڻهن تي حڪومت ڪري ٿو، جيڪي خدا جا نافرمان آهن“ (افسين 2:2). اهو حاڪم، جنهن کي دنيا ۾ ڪجهه روحاني اختيار حاصل آهي، اهو ابليس آهي. نفساني ماڻهو، شرارت جي انهن قوتن جي ماتحت رهندو آهي، انهن قوتن جي واڳ ابليس جي هٿن ۾ آهي. اهڙيءَ طرح نفساني ماڻهو نافرمانيءَ جو فرزند بڻبو آهي.

### 17. نوراني ملائڪ:

ڪڏهن ابليس نوراني ملائڪ جو روپ اختيار ڪريو وٺي (2-ڪرنٿين 15-13:11). ايندڙ باب ۾ اسان شيطان جي اهڙين ڏوڪي بازين جو ذڪر ڪنداسين، جيڪي بظاهر روحاني ڳالهيون معلوم ٿينديون آهن، مگر بائيبل مقدس جي روشنيءَ ۾ غور سان ڏسبو ته انهن جو پول کلي ويندو.

### 18. گجندڙ شينهن:

پطرس رسول ابليس کي گجندڙ شينهن سان تشبيهه ڏني، جڻ اهو هڪ خونخوار جهنگلي جانور آهي. انهيءَ ڪري رسول ايماندارن کي هوشيار ۽ بيدار رهڻ جي تلقين ڪري ٿو (1- پطرس 8:5).

ابليس جي نالن ۽ لقبن تي هڪ نظر وجهڻ کان پوءِ هاڻي اسين ڏسنداسين ته ڪلام پاڪ ان جي ڪمن جي





متعلق ڇا ٿو چوي. هو خدا تي سڌو سنئون حملو نه ٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري هو انسان تي حملو ڪندو آهي، ڇو جو انسان کي خدا جي صورت تي بڻايو ويو آهي. هيٺيان حوالا پڙهو ۽ انهن جي سامهون اهي ڪم لکو جيڪي ابليس ڪندو آهي.

1. يوحنا 44:8
2. متي 1:4
3. 2- ڪرنٿين 7:12
4. 1- ٿسلونيڪين 18:2
5. لوقا 31:22
6. زڪريا 1:3
7. لوقا 16:13
8. يوحنا 27:13
9. يوحنا 44:8
10. 2- ڪرنٿين 3:11
11. 2- ڪرنٿين 3:11
12. 1- پطرس 8:5
13. متي 19:13
14. ايوب 12-6:1
15. 2- ڪرنٿين 4:4
16. يعقوب 7:4

متي ڏنل سوالن جا جواب هيٺ ڏنل آهن، پنهنجا جواب انهن سان پيٽي ڏسو.

1. ابليس ڪوڙ ڳالهائي ٿو.
2. ابليس آزمائي ٿو.
3. اهو تنگ ڪندو آهي.
4. اهو رنڊڪون وجهندو آهي.
5. اهو اناج جيئان ڳاهيندو آهي.
6. اهو الزام مڙهيندو آهي.
7. اهو بيمارين ۾ ٻڌي سوگهو ڪندو آهي.
8. اهو ماڻهوءَ ۾ اندر سمائجو وڃي.
9. اهو ماريندو آهي.
10. اهو دوکو ڏئي ٿو.
11. اهو برغلائي ٿو.
12. اهو ڇيري ڦاڙي ڪائي ٿو.
13. اهو خدا جو ڪلام ڪسيو وڃي.
14. اهو آزمائيندو آهي.
15. اهو عقل کان انڌو ڪريو ڇڏي.
16. اهو پڇيو وڃي. بنيادي طرح اهو ڊڄڻو آهي. اهو ڄاڻي ٿو ته پاڻ شڪست ڪائي چڪو آهي.



باب پنجون

# ابليس جا ڪم

ابليس جي نالن ۽ لقبن جو مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ اسان ان جي ڪمن تي ويچارينداسين. ڪافي ماڻهو مسيحي هجن يا غير مسيحي مستقبل ڄاڻڻ، ڪاميابي حاصل ڪرڻ، مستقبل جي لاءِ منصوبہ بندي ناهڻ ۽ ڪنهن موقعي تي ڏوهي يا بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جي خواهش ۾ شيطاني ڪمن ۾ شامل ٿيندا آهن. پر اها ڏاڍي غلط ڳالهہ آهي. بائيبل مقدس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ خدا ماڻهوءَ کي ڪهڙن ڪهڙن ڪمن کان منع ڪئي آهي ۽ ابليس خاص طور تي ماڻهن کي اهڙن ئي ڪمن جي لاءِ اپاريندو آهي. انهن ڪمن جي فهرست توهان کي ٻڌائجي ٿي. ”اوهان منجهہ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ هجي جيڪو پنهنجي پٽ يا ڌيءَ کي قربانيءَ طور ساڙي، يا جيڪو غيب جون ڳالهيون ڪري، قسمت جو حال ٻڌائي، فال وجهي، جادوگري ڪري، يا جيڪو منتر پڙهي، مئلن جي روحن کان پڇاڳاڇا ڪري ۽ ساڻن صلاح مشورو ڪري. ڇالاءِ جو جيڪي اهي ڪم ڪن ٿا، سي سڀ خداوند جي نظر ۾ نفرت جي لائق آهن. اهڙن ئي ڪراهت جهڙن ڪمن جي ڪري خداوند اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي اڳيان اتان پڇائي ڪڍندو. اوهين خداوند پنهنجي خدا جي حضور ۾ بي قصور ٿي رهجو.“ (شريعت جو دؤر 18:10-12) جيڪڏهن هن آيت جي

تشريح ڪجي تہ هيءَ ٿيندي تہ اوهان جي درميان ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ هجي جيڪو عددن يا رمل جي ذريعن سان مستقبل جو احوال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، يا قربانيءَ جي جانور يا پکيءَ جي عضون کي ڏسي، قسمت جو حال بيان ڪندو هجي. هنن ڳالهين ۾ هٿ ڏسڻ، ستارن جو علم، لڪيرن يا ڍاري جي مدد سان قسمت جو حال ٻڌائڻ يا چانهن جي پتي يا اويجا بورڊ جو استعمال وغيره. اوهان جي وچ ۾ اهڙو بہ شخص نہ هجي جيڪو ڳنڍا ڦيٽا يا محبت يا شاديءَ جي لاءِ تعويذن جو استعمال ڪندو هجي يا روحن سان ڪو تعلق رکندڙ هجي. ڪو جادوگر يا جادوگرياڻي نہ هجي، يعني جيڪي مردن جي روحن کي گهرائي انهن کان احوال معلوم ڪن ٿا. ڪنهن ٻئي روح سان صلاح ڪرڻ وارو نہ هجي ۽ اهڙو عامل نہ هجي، جيڪو ڪنهن معمول جي معرفت، جو ڪنهن روح جي اختيار ۾ هجي، ان کان مستقبل جو احوال وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

جنهن بت پرستي ۽ جادوگريءَ جو ذڪر شريعت جو دؤر 18 باب 10 ۽ 11 آيت ۾ مليو ٿو تہ اهي سڀ ڳالهيون موجوده دؤر جي پاڪستاني مسيحين ۾ نظر اچن ٿيون. صرف هڪ ڳالهہ انساني قرباني کان هو بچيل آهن. ڪجهہ اهڙيون بت پرستيءَ جون رسمون بہ نظر اچن ٿيون، جن جو ذڪر مٿي ڏنل فهرست ۾ نہ آهي، پر وسيع معنيٰ ۾ ضرور شامل آهن. اچو تہ پنهنجي اردگرد انهن شيطاني رسمن ۽ عقيدن جو جائزو وٺون، جيڪي اسان جي اڄوڪي حالات سان نهڪن ٿا.

1- ”اوهان منجهہ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ هجي جيڪو پنهنجي





پٽ يا ڌيءَ کي قربانيءَ طور ساڙي.“ انهن لفظن جو مطلب انساني قرباني آهي. هي قرباني خدا جي حڪم جي سراسر خلاف آهي. ”تون خون نہ ڪر!“ وچئين زماني ۾ يورپ ۾ اهو دستور هو تہ ڪنهن جي بي گناهي يا ڏوهہ ثابت ڪرڻ لاءِ هن کي ڪنهن سخت آزمائش مان گذاريو ويندو هو. ڪيترين ئي جادوگرياڻين کي ائين ئي آزمايو ويو. جيڪڏهن ملزم اهڙي ڪنهن آزمائش مان بچي نڪتو تہ ان کي بيگناهہ سمجهيو ويندو هو. جيتري قدر مون کي خبر آهي، پاڪستان ۾ اهو رواج هاڻ ناهي رهيو.

2- ”جيڪو غيب جون ڳالهيون ڪري، قسمت جو حال ٻڌائي، فال وجهي....“ اڄ ڪلهہ ان جا ڪيترائي طريقا آهن، مثلاً:

a. **شيشي جا گولا يا آئيني ۾ غور سان ڏسڻ**:

خيال ڪيو ويندو آهي تہ گولي يا آئيني ۾ پيغام يا حالتن جي تصوير نظر اچي ٿي ۽ هن ڪم ۾ مختلف روح بہ مدد ڪن ٿا. مسيحي ماڻهن لاءِ ڪنهن بہ طريقي سان قسمت جو حال معلوم ڪرڻ يا ڏسڻ غلط ڳالهہ آهي.

b. **علم نجوم**:

خيال آهي تہ سج، چنڊ، تارن ۽ ٻين ستارن جي حرڪت جو، انساني زندگيءَ تي اثر ٿئي ٿو. انهن آسماني جسمن جي حرڪتن ۽ ماڳن جي نقشي جي مدد سان ايندڙ وقت جي اڳڪٿي ڪئي وڃي ٿي. ماڻهو علم نجوم ۾ دلچسپي رکن ٿا. ڪجهہ اخبارون ۽ رسالا هن موضوع تي باقاعده ڪالم ۽ مضمون شايع ڪندا آهن.

مثلاً نواءِ وقت هر جمعي تي اهڙيون اڳڪٿيون شايع ڪندي آهي. هن ڪتاب جي آخر ۾ ضميمو ڏنو ويو آهي، جيڪو خود علم نجوم سان لاڳاپيل رهيو آهي. زائچن جو استعمال بہ علم نجوم ۾ شامل آهي. مسيحي ماڻهن کي هر گز اهڙين ڳالهين ۾ دلچسپي نہ وٺڻ گهرجي.

c. **زائچو يا جنم پتري:**

زائچو هڪ نقشو هوندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي پيدائش جي موقعي تي، ستارن جا ماڳ ۽ هنڌ ڏيکاريا وڃن ٿا. ان جي مدد سان ان شخص جي قسمت جو حال ٻڌايو ويندو آهي. مذاق جي لحاظ کان بہ ان جو استعمال ڏوهہ آهي.

d. **تاش:**

ڪڏهن ڪڏهن تاش جي پتن سان قسمت جو حال ٻڌايو ويندو آهي. پتن کي پڪيڙبو آهي ۽ قسمت جو حال ٻڌائبو آهي ۽ حال ٻڌائڻ وارو پنهنجن خيالن مطابق ان مان مستقبل جو حال بيان ڪندو آهي. تاش جو اهڙو استعمال گناهہ آهي.

e. **هٿ ڏسڻ:**

هن ۾ هٿ جون لڪيرون ڏسي قسمت جو حال بيان ڪبو آهي. لڪيرن سان گڏ هٿ جي بناوت، تري ۽ آڱرين جي بيهڪ وغيره کي بہ مد نظر رکبو آهي. هن سان عمر، زندگي، ڪاميابي، ناڪامي يا عام ڪردار جي باري ۾ اڳڪٿي ڪئي ويندي آهي، پر دل لڳي يا يوڳن ۾ بہ مسيحي ماڻهن کي هٿ ڏيکارڻ يا ڏسڻ نہ





گهرجي. اها ڳالهہ غلط بلڪ خطرناڪ آهي.

3. **نجومي يا جادوگر:**

نجومي يا جادوگر اهڙو شخص هوندو آهي، جيڪو خواب رويا، سوڻ سان يا ڪنهن اهڙين ڳالهين جي تشريح ڪندو آهي. ان جي باري ۾ اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن چيو ويندو آهي، تہ ان جي قبضي ۾ بدروح هوندا آهن، جيڪي ان کي مطلب ٻڌائين ٿا. مسيحي ماڻهن کي اهڙين ڳالهين کان محتاط رهڻ گهرجي. هر خواب ۽ رويا کي پاڪ ڪلام ۽ ان جي تعليم جي روشنيءَ ۾ پرکڻ گهرجي.

4. **قيافہ شناسي:**

قيافہ شناس بہ قسمت جو حال ٻڌائيندا آهن. مثلاً: سوڻ، نشانيون، جانورن جي آندن، چانهن جي پتيءَ جي شڪل ۽ صورت، پکين جي اڏام، ڪٽن جي ذريعي، چڪو اڇلائڻ يا اهڙيون ٻيون ڳالهيون جن ۾ اتفاق يا حادثي جو دخل هجي. اهڙيون تمام ڳالهيون گناهہ آهن.

5. **ساحر:**

ساحر، سحر يا جادو ذريعي عمل ڪري ٿو. ان جي ذريعي روحن کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ ۽ انهن تي اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. پر ڪنهن بہ مسيحيءَ کي مذاق ۾ يا تجربي جي شوق کان بہ اهڙين ڳالهين سان واسطو نہ رکڻ گهرجي.

6. **جادوگر:**

جادوگري يا شعبده بازيءَ ۾ ڪارو علم استعمال ڪيو ويندو آهي. ان ۾ ڪجهہ شين يا ماڻهن تي پڙهڻ، جنتر منتر ڪرڻ، تعويذن جو استعمال ڪرڻ ۽ شعبده بازي

وغيره شامل آهي. هن ۾ بدروحن جي مدد سان گهربل نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن بيمارين مان شفا ڪيئن حاصل ڪجي. وڃايل شين جي ڳولها وارا عمل يا ڪنهن ايندڙ خطري يا نقصان کان ڪيئن بچاءُ ڪجي. ائين جيڪڏهن ڪا وڃايل شيءِ هٿ اچي به وڃي، تڏهن به اهڙو عمل ڪرڻ ناجائز آهي. مسيحين ڪي هر حال ۾ اهڙين ڳالهين کان بچڻ گهرجي.

**7. روحن سان ڳالهائيندڙ**

**روحن سان ڳالهائيندڙ** اهو شخص آهي جيڪو عارضي يا مستقل طور تي پنهنجي مرضيءَ سان هڪ يا ڪيترن ئي بدروحن جي قبضي هيٺ اچي وڃي ٿو. بدروح هن جي معرفت ٻين ماڻهن سان رابطو ڪن ٿا اهڙي ويهڪ يا اجلاس دوران جي معمول تي بيخودي طاري ٿي ويندي آهي. روحن جي دنيا سان تعلق رکڻ واريون ڳالهيون سمجهڻ لاءِ اهڙيون حرڪتون ڪيون وينديون آهن. انهن مان ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته هو سچائيءَ جا طالب / خادم آهن. اهي نٿا ڄاڻن ته دراصل انهن جي وسيلي جيڪو جن ڀوت ڳالهائي ٿو سو ٻين جنن ڀوتن سان ڳالهيون ڪندو آهي، جن جي دعويٰ هوندي آهي ته اهي مردن جا روح آهن.

**8. غيب دان:**

غيب دان ڪاري علم يا جادوءَ جي مدد سان راز جي ڳالهين معلوم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندا آهن. ڪاروجادو رڳو نقصان ڏيندڙ ۽ خراب ماڻهن لاءِ استعمال ڪري





سگهجي ٿو. جيئن ڪنهن کان بدلو وٺڻ. اڇي جادوءَ سان ٻين جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هي ٻئي جادو بلڪ هر قسم جو جادو گناهہ آهي ۽ بائيبل مقدس ۾ ان جي استعمال کان منع ڪيل آهي.

**9. جنن سان تعلقات:**

اهڙو شخص مئلن جي روحن ڪي گهرائي ٿو. مقصد اهو هوندو آهي ته مستقبل جو حال دريافت ڪجي. 1-سموئيل 25-3:28 ۾ اهڙو مثال ملي ٿو. عين دؤر جي جادوگرياڻيءَ هڪ جن ڪي سڏيو، جنهن جي شڪل سموئيل نبيءَ جهڙي هئي.

هي تمام علم گناهہ آهن. بائيبل مقدس جي ڪيترين ئي آيتن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي ڪيڏا نہ خطرناڪ گناهہ آهن. مثلاً خروج 18:22؛ لاوي سرشتو 26:19، 27:20. نہ صرف انهن خفيہ علمن جو استعمال خطرناڪ ۽ سنگين آهي يعني جادوگر ساحر يا جنن کان واقف ٿيڻ بہ گناهہ آهي، بلڪ اهڙن ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ بہ خدا جي ڪلام جي بلڪل خلاف آهي. ”اوهين مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن ڏانهن مائل نہ ٿجو، نڪي ڀوپن جي ڳولها ۾ رهجو، ڇا لاءِجو اوهين انهن کان ناپاڪ ٿيندا. آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان.“ (لاوي سرشتو 31:19 - هن سان گڏ 6:20 بہ پڙهو)

نئين عهدنامي ۾ بہ انهن خفيہ علمن ۽ پوشيده طاقتن سان ميل ميلاپ رکڻ جي منع ڪيل آهي. ”هاڻي انساني فطرت جا ڪم ظاهر آهن يعني حرامڪاري، ناپاڪي ۽ شهوت پرستي، بت پرستي، جادوگري...... جيڪي اهڙا ڪم

ڪن ٿا سي خدا جي بادشاهت جا وارث ڪين ٿيندا“ (گلتين 21-19:5) شريعت جو ڏؤر 11-10:18 ۾ درج ٿيل اهڙا تمام گناهہ خدا جي اڳيان نهايت مڪروه آهن. يوحنا رسول، آسماني يروشلم جو بيان ڪندي چوي ٿو تہ ”پر انهيءَ شهر ۾ ڪابہ ناپاڪ شيءِ يا ڪوبہ نفرت ۽ ڪوڙ جهڙو ڪم ڪندڙ هرگز داخل ٿي نہ سگهندو ۽ رڳو اهي داخل ٿيندا جن جا نالا زندگيءَ جي ڪتاب ۾ لکيل آهن، جيڪو گهيٽي جو آهي.“ (مڪاشفو 27:21). جيڪي ماڻهو اهڙين ڳالهين ۾ ڦاٿل آهن، انهن لاءِ صرف هڪڙو ئي رستو آهي تہ اهي توبهہ ڪن، ۽ ”گهيٽي“ يعني عيسيٰ مسيح جي خون سان ڌوپجي صاف ٿين. صرف اُهي ماڻهو ئي ابليس جي ڪمن کان محفوظ رهي سگهندا ۽ ابليس جي ڪمن کي نيست ۽ نابود ڪري، سندس هر ٻنڌڻ کان پاڻ کي ڇڏائي سگهن ٿا.



باب ڇهون

# لڪل طاقتن جي دلفريبي

اسان ابليس جي ڪجهہ ڪمن جو بيان ڪيو آهي. اڄ بہ ماڻهو انهن ۾ مصروف ۽ مشغول نظر اچن ٿا، بلڪ ڪجهہ مسيحي ماڻهو بہ انهن ڪمن ۾ ڦاٿل آهن ۽ انهن ڪمن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهن. انهن ڳالهين جي سببن تي غور ڪرڻ مفيد ٿيندو.

## 1. تجسس:

ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ نوجوان رڳو تجسس خاطر لڪل طاقتن جي ڄار ۾ ڦاسي پوندا آهن. خاص طور تي ’اويجا بورڊ‘ OUIJA BOARD هنن جي توجہ جو مرڪز بڻبو آهي. اها شروع ۾ ئي هڪ نقصان واري راند آهي. شروع ۾ مقصد صرف اهو هوندو آهي تہ ڏسون تہ اويجا بورڊ سان مستقبل جو حال ڪيئن معلوم ٿئي. اويجا هڪ تختو هوندو آهي، جنهن تي حروف تهجي لکيل هوندا آهن. هڪ ننڍي تختي هوندي آهي جنهن جي شڪل دل جهڙي هوندي آهي ۽ ٻن هنڌن تان ڪلين سان جڙيل هوندي آهي. هڪ ٽئين هنڌ تي عمودي نقطو جڙيل هوندو آهي. سوالن جا جواب ها يا نہ ۾ ڏنل هوندا آهن. اويجا بورڊ جو نالو فرانسيسي لفظ ”وِي“ ۽ جرمن لفظ ”يا“ سان ملي جُڙيو آهي. ٻنهي جو مطلب ”ها“ آهي.

## 2. شوق

شوق، عام تجسس جي جذبي سان وڏيڪ گهرو ٿيندو آهي. قدرتي طور انسان پنهنجو پاڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. تنهنڪري ڪو اهڙو ڪم يا عمل، جنهن سان انسان کي پنهنجي باري ۾ ڪجهه معلومات ملي، ان ۾ هن جي دلچسپي ۽ شوق پيدا ٿي ويندو آهي. اهڙي آزمائش جو مقابلو سختيءَ سان ڪرڻ گهرجي نه ته ان ۾ ڦاسڻ ۾ دير نه ٿي لڳي.

## 3. تحقيق:

ڪڏهن ڪڏهن تجسس جو مادو شوق جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، ۽ پوءِ تحقيق جي راهه تي ماڻهوءَ کي وٺي ويندو آهي. ان جا سبب ڪهڙا آهن؟ خطرو تڏهن آهي جڏهن تحقيق جو مقصد اهو ورتو وڃي ته مافوق الفطرت قوتن تي وڏيڪ قدرت حاصل ڪئي وڃي. ان عمل جي دوران انسان آهستي آهستي شيطان جي قبضي هيٺ اچي وڃي ٿو.

## 4. فيشن:

مختلف زمانن ۽ مختلف تهذيبن ۾ اهو فيشن رهيو آهي ته لڪل طاقتن سان تعلق رکيو وڃي. مثلاً مغرب ۾ اڄ ڪلهه فيشن آهي ته اهڙين طاقتن سان تعلق پيدا ڪرڻ جو مشرقي فن سکجي ۽ اهڙين طاقتن کي قبضي هيٺ آڻڻ جو فن سکجي. ماڻهو يوگا جي طرف ڌيان ڏين ٿا ۽ مختلف





گروهن جا چيلا بڻجن ٿا.

يوگا جو مطلب آهي ”يگانگت يا ميلاپ.“ ان ۾ ڪيترين ئي جسماني ۽ نفسياتي مشقون ۽ عمل ڪيا آهن. مغرب ۾ ان رياضت جي ورزشي پهلوئن تي وڏيڪ زور ڏنو ويندو آهي ۽ مافوق الفطرت دنيا ڏانهن يا روحاني پهلو ڏانهن ايترو ڌيان ڪونه ڏيندا آهن. يوگا جو بنيادي مقصد خدا سان ميلاپ ڪرڻ آهي پر ان جو جسماني پهلو ۽ لڪل طاقتن جي پهلوءَ کي آسانيءَ سان نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. اهڙو يوگا به آهي جنهن جو تعلق ستارن جي علم نجوم سان به آهي. جيئن ته مغرب ۾ يوگا جسماني ورزش لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ ائين يوگا کي مافوق الفطرت شين کي قبضي هيٺ آڻڻ لاءِ به استعمال ڪري سگهجي ٿو، ان ڪري اڻ ڄاڻ ماڻهو آهستي آهستي ان عمل سان ابليس جي جار ۾ ڦاسي پون ٿا.

## 5. روحاني خَلا:

ڪيترن ئي ماڻهن جو زنده ايمان نه آهي ۽ ان ڪري انهن جو عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان زنده خدا سان ڪوبه تعلق نه ٿو رهي. انهن جي زندگين ۾ هڪڙي روحاني خلا هوندو آهي. ڪيترائي پيرا انهن کي ان ڳالهه جو احساس به نه ٿيندو آهي. اهو ئي هڪ وڏو سبب آهي جو اهي اهڙين خطرناڪ قوتن جي ور چڙهيو وڃن ٿا. انسان جي تخليق اهڙي تي آهي جو جانورن وانگر هن جو مادي دنيا سان به واسطو آهي ۽ فرشتن وانگر روحاني دنيا سان پڻ. جيڪڏهن هو پنهنجي روحاني حصي جون ضرورتون پوريون نه ٿو

ڪري، ته سندس زندگيءَ ۾ هڪ خال پيدا ٿي پئي ٿو ۽ مٿس خلا حملہ آور ٿئي ٿي ۽ هن کي ڪڏهن به اطمينان حاصل نه ٿو ٿئي.

## 6. خوف:

اڪثر ماڻهو بديءَ، مستقبل ۽ موت کان خوفزده هوندا آهن. "عبرانين ڏانهن خط" جو ليکڪ بيان ڪري ٿو ته ڪيئن خداوند عيسيٰ مسيح موت جي خوف کان آزاد ڪري ٿو. "جهڙيءَ طرح هن جا اهي ٻار انساني آهن، اهڙيءَ طرح عيسيٰ به انهن وانگر ٿيو ته جيئن پنهنجي موت جي وسيلي شيطان کي ناس ڪري، جنهن کي موت تي اختيار آهي. ان سان گڏ هو انهن سڀني کي آزاد ڪري، جيڪي موت جي ڊپ کان سڄي عمر غلاميءَ ۾ گرفتار هئا." (عبرانين 2:14-15)

جيڪي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي سان موت جي خوف کان آزاد ٿيل نه آهن ته اهي ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻندا رهن ٿا. هو اهڙن ماڻهن جو سهارو ڳوليندا آهن جيڪي مذهب جي آڙ ورتل هوندا آهن. مثال طور ڪافي ماڻهو پيرن فقيرن وٽ وڃي ڪپڙو پڙهائي پنهنجن بسن يا ٽيڪسين تي ٻڌندا آهن ته جيئن هو محفوظ رهن. ڪنهن پير فقير جو دم ڪيل ڪوبہ عمل هوندو آهي ته ان تي يقين ڪندا آهن. اهي پنهنجي ڪنهن مسئلي يا ٻار جي صحت لاءِ فقير يا عامل کي ٻڪرو، دنبو يا پيسا باسيندا آهن.

پاڪستان جي سرحد صوبي جي بنون شهر ۾ ڪيئي اهڙا عمل ڪيا ويندا آهن.





a. هڪ بيمار خاتون جي مائٽن ٻڪرو قربان ڪري، ان جو گوشت اسپتال جي ٻين مريضن ۾ ورهايو. ذبح ڪرڻ کان پهرئين، خاتون مريضہ ٻڪر جي مٿي تي هٿ رکيو. اهو مريضہ جي لاءِ صدقي جو ٻڪرو هو، ته جيئن بچي وڃي (اپريل 1977ع).

b. هڪ ڇوڪريءَ جي شاديءَ تي ته هن جي والدين قاتل ڪپڙا پاتا ته جيئن نظر نه لڳي وڃي (مئي 1978ع). ڪنوار جي ڳل تي صليب جي شڪل جهڙو نشان لڳايو ويو ته جيئن نظر نه لڳي وڃيس. هن جي هنج ۾ هڪ ڇوڪرو ويهاريو ويو ته هن کي سنيالي ويهي. ان جو مطلب اهو هو ته هن کي به اولاد ٿئي.

بدروحن کان بچڻ ۽ ابليس جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ بي شمار ماڻهو خدا تي ڀروسو ڪرڻ بجاءِ شيطاني طريقا استعمال ڪندا آهن. بري نظر جو اڪثر خوف ڪيو ويندو آهي. ڪيترائي ڀيرا ڇوڪرن کي زنانو لباس پهرايو ويندو آهي ته جيئن بدروح هنن ۾ دلچسپي نه وٺن يا ڪو دشمن ساڙ مان بري نظر نه لڳائي. اهو رواج پنجاب ۾ گهٽ آهي.

جولاءِ 1976 ۾ مون ڪابل جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ هڪ رسم ڏٺي ته هڪ عورت ٻار ڄڻڻ مهل تڪليف ۾ هئي. هڪ ڪڪڙ کي قربان ڪيو ويو ۽ ان جو رت عورت مٿان اڇلايو ويو ته جيئن ٻار ڄڻڻ ۾ هن کي آساني ٿئي. ممڪن آهي ته هن جو سبب جهالت ۽ وهم پرستي هجي، پر اهو به ممڪن آهي ته بدروحن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ائين ڪيو ويو هجي.

## 7. وهم پرستي:

وهم پرستي ۽ لڪل طاقتن سان رابطي ۾ فرق ڪرڻ مشڪل آهي. پناڻ پنهنجي ڇوڪري جي سر ويجهو چاقو رکي ڇڏيندا آهن. هڪ دفعي ان جو سبب پڇيو ويو ته ٻڌايو ويو ته ٻار بهادر ٿيندو. ڇا هن ڳالهه جو مقصد بدروحن کي دور ڪرڻ هو يا ٻنهي مقصدن لاءِ؟ ان جو سبب وهم پرستيءَ جي ڄار ۾ ڦاسڻ هو. وهم پرستي آهستي آهستي لڪل طاقتن سان رابطي طرف وٺي وڃي ٿي.

## 8. اڳواٽيءَ جي ڪوٽ:

پنجاب جي هڪ مسيحي اسپتال ۾، ڪا شيءِ چوري ٿي وئي جنهن تي ڪيترن ئي ماڻهن تي شڪ ڪيو. نرسن هن معاملي کي صاف ڪرڻ لاءِ اويجا بورڊ جو استعمال ڪيو. هر سوال جو جواب "نه" ۾ ملندو رهيو. آخر ڪار هڪ سوال جو جواب "ها" ۾ مليو. جنهن ماڻهو ڏانهن اهو اشارو ڪيل هو، اهو ماڻهو واقعي چور ثابت ٿيو. هتي بيگناهيءَ ۽ ڏوهه ثابت ڪرڻ لاءِ اهو غلط طريقو استعمال ڪيو ويو. هن واقعي ڪانپوءِ نرسن جي زندگيءَ ۾ شيطان اهڙو اثر ڪري سگهي ٿو، توبهه ڪرڻ ۽ مسيح ڏانهن رجوع ڪرڻ ڪان سواءِ بچڻ ناممڪن ٿي سگهي.

## 9. بائيبل جي تعليم جي گهٽتائي:

مٿئين واقعي جو هي به سبب ٿي سگهي ٿو ته نرسن کي بائيبل مقدس جي سٺي تعليم نه ملي هجي. مون ڪڏهن





به اهڙو پيغام يا بائيبل اسٽڊي نه ٻڌي آهي ته وهم پرستي ۽ لڪل طاقتن سان رابطو ڪرڻ خطرناڪ ۽ گناهه آهي. ڪڏهن ڪڏهن مسيحي ماڻهو به مزارن تي ويندا آهن ۽ مسلمان پيرن ڪان تعويذ به ڪرائيندا آهن. انهن کي ڪڏهن به بائيبل مقدس جي روشنيءَ ۾ نه سمجهايو ويو آهي ته اهڙي رسم غلط آهي. ضرورت آهي ته عبادت جي صحيح ۽ گهري معنيٰ ورتي وڃي ۽ بت پرستي ۽ جادوگريءَ جي گناهن ڪان توبهه جي تعليم ڏني وڃي. اڻ پڙهيل ۽ پڙهيل مسيحي ماڻهن جي روحاني خوراڪ ناڪافي آهي. اڪثر ڪليسيائن ۾ اهڙي تعليم ۽ عمل جي گهٽتائي آهي. هن گهٽتائيءَ جي سبب پنهنجي پاڙيسريءَ جي طور طريقن ۽ رسم رواج جي طرف راغب ٿيڻ ڪا وڏي حيران ڪندڙ ڳالهه نه آهي. بائيبل مقدس جي تعليم جي هن گهٽتائيءَ جي ڪري ماڻهو لڪل طاقتن ڏانهن متوجهه ٿين ٿا، جيڪو سندن لاءِ وڏو خطرو آهي.

## 10. فوق الفطرت ڳالهين جي باري ۾ غلط فهمي:

ڪيئي ماڻهو فوق الفطرت ڳالهين کي سمجهي ته ونندا آهن پر سڃاڻي ڪونه سگهندا آهن ته اهو شيطان طرفان آهي يا خدا طرفان. انهن ماڻهن کي اها خبر نه پوندي آهي ته حقيقي خدا جي ڳالهين ۽ نقلي شيطان جي ڳالهين ۾ فرق ڪيئن ڪري سگهن ۽ ائين هو شيطاني ڳالهين ۾ ڦاسي ويندا آهن. اڳئين باب ۾ حقيقي ۽ نقلي ڳالهين جي تشريح ڪئي وئي آهي.

## 11. مُردن سان رابطي قائم ڪرڻ جي ڪوشش:

ڪيئي ماڻهو تنهائي ۽ بوريت جو شڪار هوندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن مردن سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هڪ معمول يا ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي معرفت جيڪو پنهنجو پاڻ تي بيخوديءَ واري ڪيفيت طاري ڪري ٿو ونئي ۽ پاڻ کي ڪنهن روح جي حوالي ڪري ٿو. اهو شخص بظاهر ڪنهن مئل ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهيو هوندو آهي. مون کي يقين آهي ته خدا ڪنهن کي به اهڙي اجازت نه ڏيندو ته ڪن مرحوم ايماندارن کي هن طرح بي آرام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. تنهن ڪري اهو امڪان رهي ٿو ته بدروح، انهن مرحوم ماڻهن جي آواز جو نقل ڪندا آهن ۽ فوق الفطرت قوتن جي مدد سان سوالن جا جواب ڏيندا آهن. در اصل اهڙو سڄو عمل شيطان جي طرفان هوندو آهي. ڪوبه عمل محض ان لاءِ درست نه هوندو آهي ته ان مان گهربل نتيجو نڪري ٿو. هن ڳالهه جي تشريح اسان مٿي مثال نمبر 8 جي تحت ڪئي آهي.

## 12. موروثي اثرات:

جن ماڻهن جا ڏاڏا پڙ ڏاڏا، اهڙا شيطاني ڪم ڪندا رهيا آهن ته اهي ماڻهو ٻين جي نسبت وڌيڪ آسانيءَ سان شيطاني طاقتن جي اثر ۾ اچي ويندا آهن. ٻين گناهن وانگر لڪل طاقتن جو اثر به ٽئين ۽ چوٿين نسل تائين وڃي پهچندو آهي (خروج 5:20). اهڙن ماڻهن کي کپي ته نه فقط اهڙن عملن کان پاسو ڪن پر ان جي ترديد ڪن. ڪڏهن ڪو





ايماندار نندي هوندي اهڙي ڪنهن عمل ۾ شريڪ ٿيندو رهيو (بي سمجهيءَ ۾). شايد هو شاگرديءَ واري زماني ۾ دل لڳي خاطر قسمت جو حال ٻڌائڻ ۾ شريڪ رهيو هجي، ۽ هاڻي ڪيس پنهنجين اهڙين حرڪتن جي ڪري شڪ شبها تنگ ڪن ٿا، يا ڪو اڻ ڄاتل خوف اٿس. اهڙين ڳالهين مان جان ڇڏائڻ لاءِ ضروري آهي ته اهڙن سڀني عملن کي رد ڪري هن معاملي ۾ قاتل مسيحي ٻين ٻن يا ٽن ايماندارن سان دعا گهري، اهڙن سڀني شين کي رد ڪري جيڪي شيطاني يا لڪل قوتن سان وابسته هجن. انهيءَ دعا ۾ هن کي خداوند عيسيٰ مسيح جي رت جي ذريعي معافي ۽ روحاني سچائي جي لاءِ دعا گهرڻ کپي. ٻيا ماڻهو هن تي هٿ رکي، برڪت ۽ رهائيءَ جي دعا ڪن ته ماضيءَ جو ڪوبه عمل هن تي اثر انداز ڪونه ٿيندو. ڪڏهن ڪڏهن ٻپتسما جي عبادت ۾ اهو سوال پڇيو ويندو آهي ته ڇا توهان شيطان ۽ ان جي سمورن ڪمن کي ترڪ ڪريو ٿا؟ ان سوال جو مناسب جواب آهي.

## 13. ٻڇڙي صحبت:

”بري صحبت سٺيون عادتون بگاڙي ڇڏي ٿي“ (1-ڪرنٿين 33:15). پولس رسول يوناني مصنف ”ميناندر“ جي لفظن جو حوالو ڏنو آهي. يونانيءَ ۾ لفظ ”ايٿي“ استعمال ٿيو آهي، جنهن جي معنيٰ عادتون، ڪردار يا اخلاق آهي. پولس رسول هن محاوري جي مدد سان ان ڳالهه جي وضاحت ڪئي آهي ته غلط صحبت مان مراد انهن ماڻهن ڏانهن اشارو

آهي، جيڪي مسيح جي مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ جو انڪار ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ، جيڪي جادوگريءَ يا لڪل عمل رکن ٿا، انهن سان رابطو رکڻ تباهه ڪندڙ آهي. انهن ماڻهن کان پري رهڻ گهرجي.

## 14. مالي فائدو:

پير، فقير، جادوگر ۽ تعويذ ڪرڻ وارا پنهنجي هن لڪل فن مان پئسا ڪمائن ٿا. هنن ماڻهن مذهب جو حوالو ڏيئي ماڻهن کي ڦرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح تعويذ ناهڻ وارا، هٿ ڏسڻ وارا، قسمت جو حال ٻڌائڻ وارا ۽ ان ڪم جا استاد جيڪي ٻين کي پنهنجي ضابطي ۾ رکن ٿا، گهڻو پيسو ڪمائن ٿا. ڊاڪٽر لوقا اهڙو واقعو ٻڌائي ٿو جنهن جو تعلق مالي فائدي سان آهي. (رسولن جا ڪم 16:16). پولس رسول غيب دان روح کي حڪم ڏنو ته ڇوڪريءَ مان نڪري وڃ، ۽ اهو نڪري ويو. ان تي هن جا مالڪ ناراض ٿيا، ڇو ته هنن جي ڪمائي ختم ٿي ويئي. بت پرستي ۽ جادوگريءَ جي اهڙين رسمن پويان گهڻو ڪري اهڙن ماڻهن جو هٿ هوندو آهي جن کي فقط پنهنجي ڪمائيءَ سان دلچسپي هوندي آهي. افسس شهر ۾ دميتريس نالي سونارو هوندو هو، جيڪو ’ارتمس‘ ديويءَ جا چانديءَ جا مندر ناهي وڪڻندو هو. ان ڪم مان هن کي ڪافي نفعو ٿيندو هو (رسولن جا ڪم 19:23-27). اُتر آفريڪا جي سموري علائقي ۾ جوهري زيورن جي نمائش ۾ فروخت ڪندا آهن.





اهي زيور ان ڪري پاتا ويندا آهن ته جيئن بري نظر، بدروح ۽ بيماريون وغيره دور رهن. ظاهر آهي ته اهڙيءَ وهم پرستيءَ کي زور وٺرائڻ سان، اهڙن مفاد پرست ماڻهن جو ئي فائدو آهي.

## 15. منع ٿيل ڳالهين جي دلفريبي:

ابليس بيبي حوا کي اها ڳالهه ٻڌائي ته منع ٿيل ميوو سنو آهي. ان کي کاءُ. اهڙيءَ طرح اڄ به اهي تمام ڳالهيون، جن جي منع ٿيل آهي، انهن ۾ ڪشش آهي ۽ ڪيئي ماڻهو ان ڪشش جي ڪري لڪل طاقتن سان لاڳاپجن ٿا (پيدائش 6:3).

## 16. نافرماني:

جن ماڻهن بائيبل مقدس جو مطالعو ڪيو آهي، تن کي خبر آهي ته بائيبل مقدس جادوگريءَ کي گناهه سمجهي ٿو ۽ ان کان منع ڪري ٿو. پر پوءِ به اُهي ماڻهو ڄاڻي واڻي ابليس جي پيروي ڪن ٿا، ايستائين جو ابليس جي عبادت ۽ پوڄا ڪن ٿا. پهرين باب ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته رحيم يار خان جي هڪ علائقي ۾ بشارتي ٽيم جو هڪ اهڙي خاندان سان واسطو پيو، جيڪي ابليس جي پوڄا ڪندا هئا.

## 17. ٻين تي اختيار رکڻ جو جنون:

ڪيئي دفعا ماڻهن کي جنون جاڳندو آهي ته ٻيا ماڻهو هن جي قبضي هيٺ رهن ۽ ائين اهي شيطاني عملن جا

شڪار بڻجيو وڃن. جادوگر جي هٿ ۾ خاص قوت هوندي آهي. هو ماڻهن ۽ حالتن تي گهڻو اثر انداز ٿيندو آهي. جنهن ڳوٺ جو ذڪر پهرئين باب ۾ ڪيو ويو آهي، اتي هڪ جادوگر رهندو هو. هن وڏي ڪوشش ڪئي ته جادوءَ جي زور سان اسان کي هتان ڀڄائي ڪڍي. اسان روزانو پاڪ انجيل جي خوشخبريءَ جي منادي ڪندا هئاسون ۽ هن کي ان خوشخبريءَ تي چڙ ورندي هئي. هن ڪيترن ئي رڪاوٽن وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مخالفت ڪئي. هن جي اسان سان مخالفت ڪرڻ ۾ اهڙو بڇڙن قوتن سان هيبت ناڪ واقعو ٿيو جهڙو منهنجي سموري اڳوڻي تجربي ۾ ڪڏهن به نه ٿيو. دعا گهرڻ ۽ روزو رکڻ، عيسيٰ مسيح جي رت جي وسيلي اسين ڪامياب ٿياسون. خدا هن ڳوٺ ۾ ڪم ڪيو ۽ ڪيترين ئي زندگيون تبديل ٿيون. اهو ابليس جي طاقت ۽ خدا جي وچ ۾ مقابلو هو. ابليس جي طاقت کي ڪمزور نه سمجهڻ گهرجي پر ان کان خوف زده ٿيڻ جي به ضرورت نه آهي، ڇو ته خدا جي طاقت هن کان ڪافي وڌيڪ آهي. عيسيٰ مسيح خداوند ۽ فاتح آهي. روح القدس جي وسيلي خدا جي طاقت ايماندارن جي اندر رهي ٿي. "خدا جو شڪر آهي جو هو اسان کي خداوند عيسيٰ مسيح جي وسيلي فتح ٿو ڏئي." (1- ڪرنٿين 57:15)

## 18. بداخلاقي:

اهڙين ڳجهين سرگرمين جو گهڻو ڪري پيرا ڪريل اخلاقي حرڪت سان گهرو تعلق رهي ٿو. جنهن ڪري خبر





ئي نه پوندي آهي ته بداخلاقي جي ڪري، انسان انهن شيطاني ڪمن ۾ ڦاسي پوي ٿو يا انهن ڳالهين جو نتيجو بد اخلاقي آهي. ڪيترن ئي جادوءَ جي رسمن ۾ لڪيل جنسي ۽ شهوتي حرڪتون به ضروري شامل آهن.

## 19. مذهب جي طرفان اجازت:

ڪي مذهب انهن شيطاني رسمن جي خلاف نه هوندا آهن، بلڪ انهن جي نظام جو هڪ حصو هونديون آهن. بنون جي هڪ اسپتال ۾ مون هڪ رسم ڏٺي. فيبروري 1977 جو هڪ واقعو آهي: ڪجهه سڪل ڪانئن کي پاڻيءَ ۾ پسايو ويو ۽ اهو پاڻي اُن مريضه کي پياريو ويو ته جيئن ڪيس ٻار ڄڻڻ ۾ آساني ٿئي ۽ گڏوگڏ قرآن مجيد جي سورة 19 جي 23 کان 27 آيت جي تلاوت ڪئي ويئي، جنهن جي حوالي ۾ ڪنواري مريم جي ٻار ڄڻڻ جو ذڪر هو. هوءَ ڪجيءَ جي هڪ وڻ هيٺان ويم جي سورن ۾ ورتل هئي. خدا هڪ چشمو پيدا ڪيو ۽ مريم کي چيو ته ڪجيءَ کي لوڏي ۽ جيڪي پڪل ڪجيون ڪرن، سي کٽي کائي ۽ چشمي جو پاڻي پيئي. اهڙيءَ طرح سندس درد ۽ تڪليف ختم ٿي ويئي. چيو وڃي ٿو ته اهي سڪل ڪانيون انهيءَ ڪجيءَ جي وڻ مان هيون، جنهن کي بيبي مريم لوڏيو هو، ته جيئن سندس ٻار ڄڻڻ جي تڪليف ختم ٿئي، جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي.

## نتيجو:

جادوگريءَ ۽ لڪل طاقتن سان رابطو پيدا ڪرڻ جا ٻيا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا جيڪي مٿي ذڪر هيٺ نه

آيا آهن. پر جيئن پراڻي عهدنامي ۾ اسان شريعت جي دور 11-10:18 ۾ پڙهيو آهي تہ بائيبل مقدس انهن سيني ڳالهين جي مذمت ڪري ٿو. جڏهن خدا افسس ۾ پاڪ روح سان ڪم ڪيو اها ڪا حيرت جي ڳالهہ نہ آهي تہ خداوند عيسيٰ جي نالي جي بزرگي ٿي. ”ڪيترن ئي جن ايمان آندو هو، تن کُلي عام پنهنجا ڪيل بڇڙا ڪم باسيا. انهن مان ڪيترائي جيڪي جادوگري ڪندا هئا، تن پنهنجا ڪتاب گڏ ڪري سيني جي اڳيان ساڙي ڇڏيا. انهن ڪتابن جي رقم جوڙي ويئي تہ اها پنجاه هزار چانديءَ جا سڪا ٿي. اهڙيءَ طرح خدا جو ڪلام پکڙبو ۽ زور وٺندو ويو.“ (رسولن جا ڪم 17:19-20) ٿي سال اڳ هندستان جي شهر پونا ۾ هڪ ليڊي ڊاڪٽر مسيح تي ايمان آندو. پر هن کي مڪمل اطمينان ۽ سڪون تڏهن نصيب ٿيو جڏهن هن پنهنجا جادوءَ جا سڀ ڪتاب گڏ ڪري سيني جي سامهون ساڙي ڇڏيا. مسيح کي قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ هوءَ هڪ معمول جو ڪردار ادا ڪندي هئي ۽ ماڻهن کي مستقبل جي باري ۾ ٻڌائيندي هئي. سندس شيطاني قوتن کان منڪر ٿيڻ لاءِ جادوئي ڪتابن کي ساڙڻ لازمي هو.

جڏهن بہ ڪنهن مسيحي ماڻهوءَ کي معلوم ٿئي تہ سندس لڪيل طاقتن سان رابطو رهيو آهي تہ هن کي پنهنجي غلطيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي، توبهہ ڪرڻ گهرجي ۽ خداوند مسيح وٽ ڪيس ترديد ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان معافي وٺي نئين زندگي حاصل ڪرڻ کپي.



باب ستون

# حقيقت ۽ جعل سازي

ابليس هڪ نوراني فرشتي جي روپ ۾ بہ اچي سگهي ٿو (2- ڪرنٿين 14:11). هو جعل سازي ۽ ٻهروپ ڌارڻ جو ماهر آهي. هو خدا جي قدرت جي مظهر جو بہ نقل ڪري سگهي ٿو. هو انسان کي دوکو ڏيڻ لاءِ، ان تي پنهنجو اثر ويهارڻ لاءِ ۽ هن کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ هر طرح جو روپ ڌاري سگهي ٿو ۽ دوکو ڪري سگهي ٿو. هو مختلف نشانيون، عجائب ۽ معجزا ڏيکاري ٿو. هو رويا يا خواب، آوازن ۽ پيشنگوئين کي بہ استعمال ڪري ٿو، ايستائين جو بائيبل مقدس جون آيتون بہ استعمال ڪري ٿو. ڪا حيرانيءَ جي ڳالهہ نہ آهي جو جيڪي ماڻهو پاڪ روح جي وسيلي نئين سر پيدا نہ ٿا ٿين، اهي ماڻهو هن جي ڄار ۾ ڦاسي پون ٿا. پر وڏي خوفناڪ ڳالهہ اها آهي جو ابليس انهن ماڻهن کي بہ ڪڏهن ڪڏهن دوکو ڏيئي ويندو آهي جيڪي پاڪ روح جي وسيلي پيدا ٿيا آهن. هو حقيقت ۽ سچائيءَ کان منهن موڙي جعلي ۽ نقلي ڳالهين جي پويان لڳي پوندا آهن ۽ الاهي ڳالهہ کي ڇڏي، شيطاني ڳالهين جي پويان لڳي پوندا آهن. بس ضروري آهي تہ اسان جاڳندا ۽ دعائون گهرندا رهون تہ جيئن آزمائش ۾ نہ پئون (مرقس 38:14).

فوق الفطرت ڳالهيون تہ ڏاڍيون دلڪش ۽ تمام

دلفريب آهن. اها ڳالهہ نهايت اهم آهي تہ اسان سڃاڻپ ڪريون تہ اهي فوق الفطرت ڳالهيون خدا جي طرفان آهن يا ابليس جي طرفان آهن. اهي نفساني ماڻهو جن جي نئين سر پيدائش نہ ٿي آهي، اهي انهن ڳالهين ۾ فرق محسوس نہ ٿا ڪري سگهن. در اصل شايد ڪين فرق ڪرڻ جي پرواهہ بہ نہ آهي. مثلاً ڪن فريسين جون دليون نهايت سخت ۽ اوندهہ ۾ هيون. انهن عيسيٰ مسيح تي الزام لڳايو تہ هن ۾ بدروح آهي ۽ هو بدروحن جي سردار جي مدد سان بدروحن کي ڪڍي ٿو (لوقا 11:14-23). اهي پاڪ روح ۽ بدروح ۾ فرق نہ سمجهي سگهيا آهن. انهن کي اونداهہ بہ نور جهڙي لڳي ٿي! انهن اهڙو ڪفر ڪيو جنهن جي معافي نہ آهي (لوقا 10:12).

انقلابي انگيز بيداريءَ جي موقعي تي پاڪ روح اڪثر نازل ٿئي ٿو ۽ نشانيون، معجزا ۽ عجائبات ظاهر ٿين ٿا. پر اهڙي موقعي تي بنيادي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ انهن جو بنيادي ماخذ ڇا آهي، يعني اهي ڪٿان ظهور پزير ٿين ٿا. پاڪ روح جي قدرت سان يا ڪنهن ٻي قوت سان؟ اچو تہ اصلي ۽ نقليءَ تي غور ڪريون، ۽ انهن جو فرق بيان ڪريون.

## نبوت:

يوايل نبيءَ جي معرفت ٻڌايو ويو تہ ”آءٌ پنهنجو روح سيني انسانن تي اوتي وجهندس ۽ اوهانجا پٽ ۽ اوهان جون ڌيئرون نبوت ڪنديون، اوهان جا ٻڍا ماڻهو خواب لهندا، ۽ اوهان جا جوان ماڻهو رويا ڏسندا.“ (يو ايل 28:2) بائيبل





مقدس سچن ۽ ڪوڙن نبين جو فرق ٻڌائي ٿو.

### سچي نبيءَ جون نشانيون:

1. اهو پاڪ روح جي مدد سان ڳالهائيندو آهي.
2. نبيءَ جو روح نبيءَ جي تابع هوندو آهي (1- ڪرنٿين 32:14).
3. نبي جيڪا نبوت ڪندو آهي، اها نبوت اکر بہ اکر درست ٿيندي آهي.
4. هن جي نبوت ڪانئس اڳ خدا جي ڏنل مڪاشفي جي ترديد نہ ٿي ڪري.

### ڪوڙي نبيءَ جون نشانيون:

1. اهو فوق الفطرت طاقتن جي مدد سان ڳالهائيندو آهي.
2. ڪوڙي نبيءَ جو روح پنهنجي تابع نہ هوندو آهي، پر جڏهن هو پيغام ڏيندو آهي تہ هن جي دل دماغ تي بدروحن جو قبضو هوندو آهي.
3. هن جون ڳالهيون غلط بہ ٿي سگهن ٿيون.
4. هن جون ڳالهيون خدا جي ڏنل اڳوڻي مڪاشفي جي خلاف بہ ٿي سگهن ٿيون.

حضرت موسيٰ فرمايو تہ ”ٿي سگهي ٿو جو اوهان جي وچ ۾ ڪو نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ وارو ظاهر ٿئي ۽ اهو اوهان کي ڪابہ نشاني يا معجزو ٻڌائي. پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ جنهن نشانيءَ يا معجزي جي هن خبر ڏني

هجي سو پورو ٿئي ۽ هو اوهان کي چوي تہ ’اچو تہ اسين غير معبودن جي پٺيان لڳي سندن پوڄا ڪريون،‘ جن کان اوهين واقف نہ آهيو. تڏهن اوهين انهيءَ نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ واري جي ڳالهہ اصل نہ ٻڌجو. ڇالاءِ جو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي آزمائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ معلوم ڪري تہ اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي پوري دل وَ جان سان پيار ڪريو ٿا يا نہ. اوهين خداوند پنهنجي خدا جو خوف رکندي سندس راهہ تي هلجو. هائو، سندس حڪمن تي عمل ڪجو، سندس ڳالهہ ٻڌجو، سندس ئي عبادت ڪجو ۽ ساڻس ئي چُهٽيل رهجو. انهيءَ نبي سڏائيندڙ يا خوابن جي تعبير ڪرڻ واري کي موت جي سزا ڏيئي ڇڏجو. ڇالاءِ جو جنهن خداوند اوهان جي خدا، اوهان کي مصر جي ملڪ مان ڪڍي آندو جتي اوهين غلام هئا، تنهن جي خلاف هن بغاوت جي ڳالهہ ڪئي آهي. سندس مقصد اهو هو تہ اوهان کي انهيءَ رستي کان ڦيرائي ٻئي پاسي ڪري، جنهن رستي تي هلڻ لاءِ خداوند اوهان جي خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي. تنهنڪري اوهين پنهنجي وچ مان اهڙي بڇڙائيءَ کي ڪڍي ڇڏجو“ (شريعت جو دؤر 13:1-5).

## خواب:

خدا ڪنهن شخص سان خواب جي ذريعي ڳالهائي سگهي ٿو. هن حضرت يوسف سان خوابن جي ذريعي ڳالهايو هو، جنهن جي ڪري هن جا ڀائر هن مان گهڻو بيزار ۽ ڪاوڙيل رهندا هئا (پيدائش 37:5-11). حضرت يوسف کي خواب جي تعبير ڪرڻ جي قابليت بہ خدا ڏني هئي. هن





فرعون جي ساقي ۽ نان پز جي خوابن جي ۽ پوءِ خود فرعون جي خواب جي بہ تعبير ڪئي (پيدائش 40:8-23، 41:15-36). اڄ ڪلهہ ڪافي مسيحي ماڻهو پڙهيل لکيل آهن ۽ بائيبل مقدس آسانيءَ سان پڙهي سگهن ٿا، تنهن ڪري خدا خوابن جو ايترو استعمال ڪونہ ٿو ڪري.

مان هڪ مسيحي ڪارڪن کي سڃاڻان ٿي، جنهن پاڪستان ۽ ڀارت جي تقسيم ٿيڻ وقت ڪيترن ئي ماڻهن جون حياتيون بچايون. هن جو گهر سرحد جي ويجهو هو ۽ هوءَ مصيبت زده ۽ حياتي بچائڻ وارن ماڻهن کي پنهنجي گهر ۾ پناهہ ڏيندي هئي. هوءَ رات جو سوير سمهندي هئي ۽ جڏهن ننڊ ۾ هوندي هئي تہ خدا خواب ۾ هن کي هدايتون ڏيندو هو تہ سڀاڻي جيڪي ماڻهو هن جي گهر ۾ پناهہ وٺندا، انهن ماڻهن جي ڪيئن مدد ڪر. جڏهن مصيبت جا اهي ڏينهن گذري ويا تہ خواب بہ ڏسجڻ بند ٿي ويا.

ڪڏهن ڪڏهن اها آزمائش ايندي هئي تہ ڪنهن خواب جو مطلب ڪيجي. ممڪن آهي تہ خواب عام معمول ۽ فطري عمل جو نتيجو هجي. اهڙي صورت ۾ تعبير جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ممڪن آهي تہ اهو خواب فوق الفطرت هجي ۽ هاڻي اهو فيصلو ڪرڻ ضروري آهي تہ اهو خواب خدا جي طرفان هو، يا شيطان جي طرفان هو. ان لاءِ هيٺيان اصول ذهن ۾ رکو:

1. ڇا خواب پريشان ڪندڙ ۽ ڊپ وارو هو؟ جيڪڏهن ڊپ وارو هو تہ خدا جي طرفان نہ هو.
2. ڇا ڪا خاص ڳالهہ آهي جنهن ڪري خدا خواب جي ذريعي ڳالهائي؟ ڇو تہ هو ڪلام پاڪ، دُعا، ڪنهن

مسيحي دوستن جي صلاح مشوري يا حالتن جي مدد سان ڪلام ڪري سگهي ٿو.

3. ڇا پوءِ جي حالتن ۽ واقعن منجهان هن ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته خواب ۽ ان جي تعبير خدا جي طرفان هئي؟

## رويا:

خدا پطرس رسول سان رويا ۾ ڪلام ڪيو (رسولن جا ڪم 10:9-16). پاڪ روح هن کي چيو ته جيڪي ٽي ماڻهو اچي رهيا آهن، انهن سان وڃ. جڏهن اُهي آيا ته ثابت ٿيو ته رويا خدا جي طرفان هئي. انهن ماڻهن به فرمايو ته خدا ڪرنيليس نالي شخص کي به رويا ۾ فرشتي جي ذريعي هدايت ڪئي هئي، ته پطرس کي سڏائي. "رسولن جا ڪم" ڪتاب جي ڏهين باب ۾ پورو واقعو ڏنل آهي ته خدا ڪيئن غير يهودي ڪرنيليس ۽ يهودي پطرس ۾ ڪم ڪيو ۽ هن غير يهوديءَ کي به پاڪ روح جي مهر حاصل ٿي.

پولس رسول خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ يورپ تائين پهچي ويو ڇو ته خداوند رويا ۾ هن کي هدايت ڪئي هئي (رسولن جا ڪم 16:9-10). رويا جي ڪري پولس رسول فيصلو ڪيو هو ته ڪرنٿس شهر ۾ ڪجهه دير اَڃان وڌيڪ رهندو (رسولن جا ڪم 18:9-11). دمشق جي رستي تي تبديليءَ جي وقت به پولس عيسيٰ مسيح کي خواب ۾ ڏٺو هو (رسولن جا ڪم 9:26).

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته هاڻ اسان وٽ مڪمل بائيبل مقدس موجود آهي، ته هاڻي خدا رويا جي ذريعي ڪلام نه ٿو ڪري سگهي، ڇو ته هر ڳالهه جنهن جي اسان





ڪي ضرورت پوي ٿي، اها ڳالهه ڪلام مقدس ۾ موجود آهي. پر خدا پابند ته نه آهي. هو جيڪڏهن چاهي ته اڄ به رويا جي ذريعي ڪلام ڪري سگهي ٿو. ڪنهن وقت ماڻهو ان مهل تائين يقين نه ڪندا آهن، جيسيتائين ڪو ڊرامائي واقعو پيش نه اچي.

مون کي پاڻ به تجربو ٿيو آهي ته خداوند ڪنهن مهل رويا کي استعمال ڪندو آهي. جڏهن مون خداوند عيسيٰ کي قبول ڪيو ته مان يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻي هئس. منهنجي تبديليءَ جي موقعي تي خداوند رويا ۾ مون تي ظاهر ٿيو هو. ورهين ڪانپوءِ مان هڪ ٽيم سان گڏ رحيم يار خان جي هڪ ڳوٺ ۾ هئس. اسان اتي به مهينا ڪم ڪيو. اسان جي ٽيم کي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو هو، پر اتي به مون تي خداوند رويا ۾ ظاهر ٿيو ته هو ڪنهن شخص کي بچائڻ ۽ نجات جو تجربو بخشڻ انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو هو. هن ڪانپوءِ ڪيترن ئي ماڻهن توبهه ڪئي ۽ هن جي قدمن ۾ اچي ويا. انهيءَ رويا جو مقصد هو ته اسان جي حوصله افزائي ٿئي، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ڪرنٿين ۾ پولس رسول جي حوصله افزائي ڪئي ويئي هئي (رسولن جا ڪم 18:9-10). عمان جي گاديءَ جي هنڌ مسقط ۾ مون کي ٽي ڀيرا رويا ملي. ان جو مقصد به حوصله افزائي ۽ طريقه ڪار ۾ هدايت ۽ رهنمائي عطا ڪرڻ هو.

مسز جيَ پين لوئيس پنهنجي ڪتاب جي ضميمي ۾ لکي ٿي ته " الاهي رويا کي حاصل ڪرڻ ۾ انساني خواهش جو ڪوبه دخل نه آهي. ان رويا جو خاص مقصد هميشه روحاني ترقي ٿئي ٿو ۽ انساني دل دماغ ۽ ٻيون

صلاحيتيون ان سان گڏ برابر ڪم ڪنديون رهن ٿيون. ان جي ابتڙ شيطاني رويا ۾ انساني دل و دماغ برطرف ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن دماغ ڪم ڪرڻ لڳي ته رويا ختم ٿي ويندي. اهو شيطاني رويا / سپنو اڪثر سچائي ۽ حقيقت جي خلاف هوندو آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ان جو نتيجو ڪجهه به نه نڪرندو آهي. خدا تي اعتماد کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ اهڙي رويا ان اعتماد کي نقصان پهچائيندي آهي ۽ ڪمزور ڪندي آهي.“ *

## آواز:

خدا جو آواز انساني ضمير ذريعي ٻڌي سگهجي ٿو. جيڪو ماڻهو روحاني طرح جيئرو آهي، ان جو روح خدا جي آواز کي سڃاڻي وٺي ٿو. جڏهن خدا بائيبل مقدس جي ذريعي ڪلام ڪري ٿو تڏهن اُن جو آواز ڪابه مونجهه پيدا ڪونه ٿو ڪري، ذهن کي پريشان نه ڪندو آهي ۽ انسان جي فيصلي جي قوت ۾ رڪاوٽ نه وجهندو آهي. خدا جو آواز انسان کي بي جواز فرمانبرداريءَ تي مجبور نه ڪندو آهي، يعني اهو انسان جي آزاد مرضيءَ تي اثر انداز ڪونه ٿيندو آهي.

بائيبل مقدس ۾ ڪجهه اهڙا واقعا به آهن جڏهن خدا جو آواز بلڪل انساني آواز وانگر ٻڌڻ ۾ آيو. مثلاً جڏهن خدا هيڪل ۾ سموئيل کي سڏيو (1- سموئيل 3:2-14). پولس رسول جي تبديليءَ جي موقعي تي هن جي ساٿين آواز ٻڌو، پر ڪنهن کي به نه ڏٺو (رسولن جا ڪم 9:7). مسز پين

* Mrs J. Penn-Lewis, *War on the Saints*, Supplementary Notes, p. 320.





لوئيس، شيطان جي آواز جي متعلق هيئن لکيو آهي ته ”اهو اڪثر بلند آواز هوندو آهي، ۽ اهو انسان جي ٻاهران کان ايندو آهي. ان جو انداز جارحانه هوندو آهي ۽ انسان کي ڪنهن فوري قدم کڻڻ تي مجبور ڪندو آهي. اهو آواز گوڙ گهمسان سان گڏ پريشان ڪندو آهي ۽ ڪڏهن چالاڪيءَ سان اهڙو انداز اختيار ڪندو آهي، ڄڻ ته مشورو ڏيئي رهيو هجي. اصرار ۽ تاڪيد سان گڏوگڏ اهو خوف به پيدا ڪندو آهي ۽ ڪوشش ڪندو آهي ته انسان هن جو غلام ٿي وڃي. هڪ ٻي سڃاڻپ اها به آهي ته ڪڏهن ڪڏهن شيطاني آواز جو مقصد بلڪل معمولي ۽ فضول هوندو آهي. ڪيئي ڀيرا هن جي فرمانبرداري ته فضول ۽ وقت جو زيان هوندي آهي چو ته ان جو ڪوبه نتيجو نه نڪرندو آهي.“

منهنجي هڪ مسيحي دوست جيڪا مضبوط ايمان واري ۽ روحاني ڳالهين جي سمجهه رکي ٿي تنهن اهو واقعو بيان ڪيو ته ”مان مِني بس ۾ راولپنڊيءَ کان لاهور وڃي رهي هئس. اهو تقريباً ڇهن ڪلاڪن جو سفر هو. مان اڃا مني بس ۾ ويٺس ته مون کي آواز آيو ته هن سفر ۾ تون مري ويندينءَ. مون فورن سڃاتو ته اهو آواز شيطان جو آهي ۽ هڪدم مون دعا گهري ۽ خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ هن کي ڀڄائي ڪڍيو. مون وري بس لاءِ ۽ هر هڪ مسافر لاءِ به دعا گهري. اسان اڃا اڌ پنڌ تي ئي هئاسون ته پاڪ روح مون کي خاموشيءَ سان قائل ڪيو ته ڪجهه دير ڪانپوءِ حادثو ٿيندو ۽ تون پنهنجي مٿي جي حفاظت ڪجانءِ، ان ڪان پوءِ سويٽر ڪڍي پنهنجي مٿي تي ويڙهي ڇڏيو، ته جيئن منهنجو مٿو محفوظ رهي. ان ڪانپوءِ حادثو ٿيو، ۽ مني بس تيزيءَ

سان هڪ ڪڏ ۾ ڪري پئي. منهنجي پاسي واري دريءَ جا شيشا بلڪل چڪنا چور ٿي ويا هئا، پر سويٽر مٿي کي ويڙهڻ جي ڪري، منهنجو مٿو محفوظ رهيو. پوئين سيٽ تي وينل ٽي مسافر به جهٽڪي لڳڻ ڪري ٻاهر وڃي ڪريا، پر ڪنهن کي وڏو زخم نه آيو، هاڻي پهريون ۽ ٻاهريون آواز شيطان جو هيو، پر ٻيو آواز جيڪو اندروني آواز هو ۽ قائل ڪرڻ وارو آواز هو، اهو خداوند جو هو. هڪ خادم جي دعا ۽ خدا جي قدرت سان هڪ وڏي حادثي کان مسافر محفوظ رهيا."

## بائيبل مقدس جو استعمال:

بائيبل مقدس خدا جي الهام جي ذريعي لکيو ويو آهي ۽ هو هن کي مسلسل استعمال ڪري رهيو آهي. شيطان به ڪيئي دفعا ان کي استعمال ڪندو آهي. لاهور ۾ هڪ شخص هو جيڪو وڏو ايمانداري جي لحاظ کان مشهور هو. هڪ دفعي هڪ بزرگ مسيحي هڪ نوجوان کي ساڻ وٺي ويو ته جيئن هو ڪيس ان ايماندار سان ملائي. اهو ماڻهو جيڪو بائيبل کي اڳيان رکيو وينو هوندو هو ۽ اتفاق سان جتان به بائيبل کي کوليندو هو، اتان هڪ آيت پڙهندو هو. پوءِ هو بائيبل مقدس بند ڪري ڇڏيندو هو. بعد ۾ مٿس ڏڪڻي طاري ٿيندي هئي ۽ پوءِ اهو هر سوال جو جواب ڏيڻ لڳندو هو. مگر اهو سڀ فوق الفطرت علم ذريعي جواب ڏيندو هو.

خدا اسان کي پنهنجي شڪل تي پيدا ڪيو آهي. هن اسان کي ايمان کان علاوه عقل ۽ شعور به ڏنو آهي. گهڻا





مسيحي ماڻهو اهو چوندا هئا ته جيئن ته هو بائيبل مقدس استعمال ڪري ٿو، ان ڪري هو جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو، انهن ۾ سندس ايمان جي قدرت جي ڪري الاهي طاقت شامل آهي. مگر ياد رکڻ گهرجي ته بائيبل مقدس کي شيطان به استعمال ڪندو آهي، پر اهو روحاني نه پر جادوگريءَ جو استعمال آهي. بائيبل مقدس انهيءَ ڪري نه آهي ته ڪيس اتفاق سان کوليو وڃي ۽ ان مان اهڙين ڳالهين جي باري ۾ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، جن کي ڄاڻڻ يا ته بلڪل بي فائده آهي يا خدا نه ٿو چاهي ته اهي ڳالهيون اسان ڄاڻون. هن ماڻهو کي به شيطاني طاقت هئي، الاهي طاقت نه هئي.

شيطان مقدس صحيفن کي پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو. خداوند عيسيٰ مسيح جي آزمائش واري بيان ۾ اسان اهو ئي ڪجهه پڙهي چڪا آهيون (متي 4:1-11). شيطان هر موقعي تي پاڪ صحيفن کي استعمال ڪيو، پر هن انهن جي اصل معنيٰ کي لڪائڻ ۽ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي. بدروح به انهن الاهي ڳالهين جو درست علم رکن ٿا. "تون ايمان ٿو آڻين ته خدا هڪڙو آهي، نيڪ آهي. اها ڳالهه ته بدروح به مڃين ٿا ۽ اهي ڏڪن به ٿا" (يعقوب 2:19). ممڪن آهي ته ڪو مذهبي رهنما پاڪ لکتن جي سني ڄاڻ رکندو هجي، ليڪن پوءِ به هن جو خداوند عيسيٰ مسيح سان ڪوبه شخصي تعلق نه هجي (يوحنا 5:39-40). ايماندارن کي مٿي ڄاڻايل ماڻهن کان خبردار ٿيڻ گهرجي.

## بدروحن کي ڪيڻ:

اسان ڏسي چڪا آهيون ته بدروح، خدا جي به ۽

شيطان جي طاقت ذريعي به ڪڍي سگهجن ٿا. لڳي ٿو ته جڏهن ڪنهن بري طاقت وسيلي بدروح ڪڍيا وڃن ٿا ته اهي ڪجهه دير ڪان پوءِ انهيءَ شخص ۾ واپس اچي، ان کي تنگ ڪن ٿا ۽ هن تي قبضو ڪن ٿا. خداوند عيسيٰ مسيح پاڪ روح جي مدد سان بدروحن کي ڪڍيو، پر هن ان ڳالهه جو به ذڪر ڪيو آهي ته ڪجهه ماڻهن ڪنهن ٻئي قدرت سان به بدروحن کي ڪڍيو آهي (لوقا 11:14-23).

رسولن جا ڪم 19:13-17 ۾ ڪن اهڙن يهودين جو ذڪر آهي، جيڪي بدروحن کي ڪڍندا هئا. جڏهن هنن پنهنجي ڪم جي استعمال لاءِ خداوند عيسيٰ مسيح جو نالو ورتو ته ”آءٌ تو کي عيسيٰ جو واسطو ڏيان، جنهن جي پولس تبليغ ڪري رهيو آهي.“ ته ڀوت جواب ڏنو ”عيسيٰ جي ته مون کي خبر آهي ۽ آءٌ پولس کي به سڃاڻان ٿو، پر اوهين ڪير آهيو؟“ پوءِ ان آسيب زده شخص انهن سياڻن ماڻهن تي حملو ڪيو ۽ انهن کي سخت زخمي ڪري وڌو. خداوند عيسيٰ مسيح پنهنجي طاقت ڪنهن اهڙي شخص کي ڪونه ڏيندو آهي جيڪو ان جو غلط استعمال ڪري.

## شيطاني رقص:

پنجاب ۾ ظفروال جي هڪ ڳوٺ جو قصو آهي: هندو ڌرم جو هڪ مشهور مذهبي ڏينهن بيساکي، جيڪو بهار جي موسم اچڻ تي ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن مون ڳوٺ کان ٻاهر هڪڙو شيطاني ناچ ڏٺو. هر روز تقريباً ٽيهه ڪن ماڻهو ملي پاڻ ۾ ڪيترائي ڪلاڪ ابليس جي عزت افزائي لاءِ اهو رقص ڪندا هئا. جيئن ئي ڪو ماڻهو ان نچڻ واري





جاءِ جي ويجهو پهچندو هو ته ان کي شيطان جي موجودگيءَ جو شديد احساس ٿيندو هو. اسان ڳوٺ ۾ عبادت ڪرائڻ کان پوءِ واپس اچي رهيا هئاسون ۽ اسان کي پنهنجي قيام گاهه تي پهچڻ لاءِ ان هنڌ تان گذرڻو پيو، جتي اهو ناچ ٿي رهيو هو. اسان کي ڪجهه معلوم ڪرڻ جو شوق نه هو پر اسان اتان لنگهڻ لاءِ مجبور هئاسون، ڇو ته ٻيو ڪو متبادل رستو نه هو. اسان اهو نظارو ڏٺو جيڪو انتهائي خوفناڪ نظارو هو. اهڙن ناچن جو سرچشمو شيطان هو، ڇو ته اهي سڀ ان جي عبادت جو هڪ حصو هئا ۽ اهي خداوند جي حضور ۾ نچڻ جو نقل ڪري رهيا هئا. حضرت دائود خدا جي جلال لاءِ ان جي سامهون ناچ ڪيو هو (2- سموئيل 6:16). هن جي زال ميڪل هن کي حقير سمجهيو هو ته ڪيئن نه هو خداوند جي حضور ۾ بي ڊپائيءَ سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري رهيو هو! خدا دائود جي حمايت ڪئي ۽ ميڪل کي سزا ڏني ته اها بي اولاد رهي (2- سموئيل 6:20-23).

## ڌاريون ٻوليون ڳالهائڻ:

ڌاري ٻولي ڳالهائڻ روح القدس جي هڪ نعمت آهي (1- ڪرنٿين 12:10). ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ڪنهن شخص کي پاڪ روح جي معموري حاصل ٿي ته پوءِ هن کي ڌاري ٻولي ڳالهائڻ جي نعمت ملي پوي ٿي. شيطان ان نعمت جو نقل ڪندو آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته پرکيو وڃي ته اها نعمت خدا جي طرفان آهي يا شيطان جي طرفان آهي. اها نعمت اصلي آهي يا نقلي آهي. اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته هڪ اهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ، جنهن جي ڳالهائڻ کان پهريائين

ڳالهائڻ وارو اها ٻولي ڄاڻندو ئي نہ هجي، اها هڪ اهڙي صلاحيت آهي جيڪا مختلف مذهبن جي پيروڪارن کي حاصل ٿي وڃي ٿي. پر جڏهن اها نعمت روح القدس جي طرفان حاصل ٿئي ٿي، تہ ان جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ايماندار کي پنهنجي شخصي عبادت ۾ مدد ملي ۽ ٻين ايماندارن جي ترقي ٿئي. پر شرط اهو آهي تہ ان وقت ڪو ترجمو ڪرڻ وارو بہ موجود هجي. ڌاري ٻولي غير مسيحي ماڻهن لاءِ بہ هڪ نشاني آهي. (1- ڪرنٿين 14:22).

## معجزا:

بائيبل مقدس ۾ گهڻا ئي معجزا بيان ٿيل آهن. گهڻا معجزا ان دؤر ۾ ٿيا آهن جڏهن نور ۽ اونداهي، نيڪي ۽ بديءَ جو سخت مقابلو هو، يعني حضرت موسيٰ جي زماني ۾، الياس، اليشع ۽ پوءِ خداوند عيسيٰ مسيح جي زماني ۾. عيسيٰ جي شاگردن کي بہ پاڪ روح جي وسيلي معجزا ڪرڻ جي طاقت ملي هئي. پولس رسول بہ معجزا ڪندو هو. اڄ جي دؤر ۾ معجزا ٿيندا آهن، خاص طور وڏي بيداريءَ جي موقعي تي جيئن 1960ع ۽ 1970ع جي درمياني عرصي ۾ انڊونيشيا ۾ ٿيو. هڪ نهايت قابل اعتبار شخص ٻڌايو تہ اتي خداوند عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ گهڻا ئي معجزا ٿيا. ڪجهہ سال پهريان مون ٻڌو هو تہ افغانستان جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ بيواهہ ۽ سندس ٻار کي هر روز اهڙيءَ طرح خوراڪ ملندي رهي، جيئن الياس جي ڏينهن ۾ ٿيو هو (1- بادشاهہ 17:8-16). هن افغان عورت عيسيٰ مسيح تي ايمان آندو هو. جڏهن هن لاءِ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تمام وسيلا ختم





ٿي ويا هئا ۽ هوءَ سخت ترين مصيبت ۾ هئي ۽ انهن مصيبتن جي باوجود ايمان تي قائم رهي تہ معجزانہ طور هن جون ضرورتون پوريون ٿينديون هيون. پر جيئن فرعون جي جادوگرن حضرت موسيٰ جي معجزن جو نقل ڪيو. تيئن اڄ بہ شيطان نقلي معجزا ڏيکاري سگهي ٿو (خروج 7:8-12).

## شفا ڏيڻ:

شفا ڏيڻ معجزن ۾ شامل آهي، پر پوءِ بہ ان تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهڻ جي ضرورت آهي. خدا ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي هنر کي استعمال ڪندو آهي ۽ اهي جيڪڏهن گهرن تہ انهن کي وڌيڪ دانائي ۽ حڪمت عطا ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن خداوند اهڙو معجزو ڪري ڏيکاريندو آهي جنهن جو ڪوبہ سبب بيان ناهي ڪري سگهيو، سواءِ ان جي جو چئجي تہ خدا جي اها ئي مرضي هئي. ان لاءِ ڪيئي پيرا هو ڪنهن ايماندار کي بہ استعمال ڪندو آهي، جنهن کي عارضي يا مستقل طور تي روح القدس واري اها شفا ڏيڻ واري نعمت مليل هوندي آهي (1- ڪرنٿين 12:9). ڪڏهن ڪڏهن شيطان ڪنهن ماڻهوءَ کي بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ خدا ڪنهن ايماندار کي موڪليندو آهي تہ مريض جي لاءِ يا ان مريض سان گڏجي دعا ڪري ۽ خدا دعا جي جواب ۾ هن کي تندرست ڪندو آهي.

جڏهن 1962ع ۾ مون کي ٻن مهينن جي لاءِ ٿل جي علائقي ۾ رهڻ جو اتفاق ٿيو، تہ خدا اتي جي مسيحي جماعت ۾ گهڻو ڪم ڪري رهيو هو. اتي نوجوان ڇوڪرين

جج هڪ دعائيہ گروپ هو. هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪريءَ کي تيز بخار ٿي پيو. هن جي والد مون کي ۽ بزرگياڻي صاحبہ کي چوائي موڪليو تہ اوهان فوراً اچو. اسان ٻنهي ڄڻين جڏهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ اهو نتيجو ڪڍيوسين تہ اها بيماري شيطان جي طرفان آهي. اسان ڇوڪريءَ کي بہ ٻڌايو ۽ هن کي يقين ڏياريو تہ خداوند عيسيٰ مسيح هن کي شفا ڏيندو. اسان هن کان پڇيو تہ ڇا تون هن ڳالهہ تي ايمان رکين ٿي ۽ اسان کي اجازت ڏيندينءَ تہ اسان تنهنجي مٿي تي هٿ رکي دعا گهرون؟ هوءَ ايتري بيمار هئي جو اسان کي خبر نہ پئي پوي تہ هوءَ اسان جون ڳالهيون سمجهي رهي آهي يا نہ، پر اسان کي خبر هئي تہ هوءَ ايماندار آهي. تنهن ڪري اسان هن جي مٿي تي هٿ رکي، عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ هن جي شفايابي جي لاءِ دعا گهري ۽ پوءِ هوءَ اسانجي ڏسندي ئي ڏسندي تندرست ٿي ويئي. سڄو ڳوٺ حيران رهجي ويو ۽ ڪيترائي ماڻهو اسان کي چوڻ لڳا تہ ٻين بيمار ماڻهن لاءِ بہ دعا گهرو. اسان هنن کي ٻڌايو تہ ٻين بيمار ماڻهن جي لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ اسان کي خداوند جي طرفان ڪوبہ حڪم نہ مليو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مسيحي ماڻهو بہ مسلمان يا مسيحي پيرن فقيرن وٽ ويندا آهن ۽ انهن کي درخواست ڪندا آهن تہ اسان جي بيمار ماڻهن جو علاج ڪريو. هو هنن کي هڪ آيت لکي ڏيندا آهن تہ هيءَ آيت پاڻيءَ ۾ پسائي، اهو پاڻي مريض کي پياريو ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو مريض تندرست ٿي ويندو آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهڙو عمل الاهي عمل آهي يا شيطاني عمل آهي؟ ان جي استعمال جو طريقو





۽ ان سان لاڳاپيل ڪجهہ رسمون ۽ انهن رسمن جي پابنديءَ مان صاف ظاهر آهي تہ اهو عمل الاهي نہ آهي، پر شيطاني عمل آهي.

## هدايتون ۽ رهنمائي:

مسز پين لوئيس الاهي ۽ شيطاني رهنمائيءَ جو مقابلو يا ڀيٽ هن طرح ڪئي آهي: ”الاهي هدايتون يا رهنمائي روح ۽ ذهن جي وسيلي سان ٿئي ٿي. روح ۽ ذهن بائيبل مقدس جي اصولن سان بلڪل هم آهنگ يا يڪجا ٿي ويندا آهن. پر شيطاني هدايتن ۾ فوق الفطرت آواز، رويا، اشارا ۽ ڪشش جو احساس وغيره شامل هوندا آهن. شيطان جي ڪوشش هوندي آهي تہ انسان مڪمل طرح ان کي چپ چاپ قبول ڪري. اهو سمورو عمل حقيقي ۽ روحاني عمل جو نقل طور احساس ۽ شعور تي اثرانداز ٿيندو آهي. الاهي اشارن جو تعلق روح سان هوندو آهي ۽ اهي اشارا روحاني سوچ، سمجهہ ۽ دل و دماغ جي سگهہ جو سهڪار چاهيندا آهن. انسان جي مرضي ۽ هن جي ارادي تي ڪابہ جبري ڪيفيت واري صورتحال نہ هوندي آهي. هو جيئن وڻيس تيئن ڪري سگهندو آهي ۽ اهي روحاني اشارا يا هدايتون ۽ اشارا مجبور ڪندا آهن تہ انسان پنهنجي مرضي ۽ ارادي کي ڇڏي ڏي. انهن ۾ جبر ۽ مجبوري شامل هوندي آهي ۽ انهيءَ مان ئي هن ڳالهہ جو واضح اشارو ملي ٿو تہ اهو شيطاني ۽ دوکو ڏيندڙ مافوق الفطرت شين جو ڪم آهي.“ *

* *War on the Saints*, Supplementary Notes, p. 302.

## اطاعت گذاري:

اسان خدا جي اطاعت ڪري سگھون ٿا. اهو ڏاڍو سادو عمل آهي. اسان پنهنجي بدن، جان ۽ روح ڪي هن جي سپرد ڪري ڇڏيون ۽ هن جي مرضيءَ جي تابع ٿي هن جي خدمت جي لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا. خدا چاهي ٿو تہ اسان عقل ۽ شعور سان پنهنجون تمام صلاحيتون هن جي جلال جي لاءِ استعمال ڪريون. هو اسان جو مڪمل تعاون چاهي ٿو (رومين 12:1، 2). پر شيطاني فوق الفطرت قوتن جي سلسلي ۾ جسم، روح ۽ جان ڪي انهن جي ماتحت ڪرڻو پوي ٿو ۽ اکين ڪي بند ڪري انهن جي اطاعت ڪرڻي پوي ٿي. بدروح انسان تي مڪمل قبضو ڪن ٿا ۽ چاهين ٿا تہ انسان بغير سوچڻ ۽ سمجھڻ جي انهن جي غلاميءَ ۾ اچي.

آخر ۾ اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ خدا انسان ڪي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي ۽ هو انسان ڪي وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. هو انسان جي ارادي، روح ۽ دل و دماغ ڪي اپيل ڪري ٿو. پر شيطان انسان جي حواسن ذريعي اپيل ڪري ٿو ۽ تجربي ڪي اهميت ڏئي ٿو. هو خدا جي جلال ڪي اهميت ڏيڻ بدران انساني تجربن ڪي اهميت ڏئي ٿو. اسان ڪي آسماني، ازلي ۽ ابدي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گھرجي (ڪلسين 3:1). اسان جا روحاني تجربا اسان ڪي خدا جي وڏيڪ ويجھو ڪن ٿا. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان نعمتن ڪان وڌيڪ نعمتن ڏيڻ واري ڪي ياد رکون ۽ اسان جون نظرون هن تي ڄميل رهن.



باب اٺون

# عوامي يا لوڪ مذهب

لڪل طاقتن جا دلفريبيءَ واري باب ۾ اسان عوامي يا لوڪ مذهب جو ذڪر ڪيو هو. اهو وڏو وسيع موضوع آهي ۽ ان لاءِ هڪ الڳ باب جي ضرورت آهي. اسان ڪي ڪتابن ۾ اعلىٰ ۽ آئيڊيل مذهب ۽ عام رواجي مذهب ۾ فرق ڪرڻ گھرجي. ان لاءِ ضروري آهي تہ حقيقي اسلام ڪي سمجھڻ لاءِ قرآن مجيد ۽ يهودين جي لاءِ پراڻو عهدنامو ۽ مسيحيت ڪي سمجھڻ لاءِ پوري بائيبل مقدس ڪي سامهون رکيو وڃي. اڪثر اهو خطرو هوندو آهي تہ اسان هڪ مذهب جي آئيڊيل ڳالهين ڪي، ٻين مذهبن جي بگڙيل ۽ منسوخ شده ڳالهين سان ڀيٽيندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن هڪ مذهب جي پيروڪارن ڪي اسان الڳ الڳ گروپن ۾ تقسيم ڪندا آهيون. هڪڙا اهي جيڪي اعلىٰ ۽ آدرشي ڳالهين جي پيروي ڪن ٿا، ٻيا اُهي جيڪي عوامي ڳالهين ڪي مذهب جون بنيادي ڳالهيون سمجھن ٿا ۽ مڃين ٿا. ان ڪان علاوه عام ماڻهو، حقيقي تعليم ۽ عوامي رسم ۽ رواج وارين ڳالهين ڪي پاڻ ۾ ملائين ٿا. انهن ڪي ان ڳالهہ جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو آهي تہ انهن ڳالهين جو پاڻ ۾ تضاد آهي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ گروهہ جا عقيدا ۽ رسمون ٻئي سان ڪافي حد تائين ملندا جلندا آهن. هڪ دفعو پونا ۾ مون ڪيترا ئي

هندو ڏنا جيڪي مسلمانن جي مزارن تي ويندا هئا. هتي پاڪستان ۾ ڪيترائي مسيحي آهن جيڪي باقائدگيءَ سان ڪليسيائن ۾ وڃي عبادت ڪن ٿا ۽ پاڪ عشاءِ ۾ شريڪ به ٿين ٿا، پر جڏهن هنن تي ڪا مصيبت يا بيماري ايندي آهي ته اهي مسلمانن جي پيرن وٽ انهن جي آستانن تي حاضري ڏيندا آهن. عوامي يا لوڪ مذهب نفساني ماڻهوءَ کي اپيل ڪري ٿو. خاص ضرورت پوڻ تي مسيحي ماڻهن تي به آزمائش ايندي آهي، جو اهي پنهنجي اردگرد ماڻهن جي نموني تي عمل ڪرڻ لڳندا آهن. خاص طور تي تڏهن انهن کي روح القدس جي ذريعي نئين پيدائش جو تجربو نه هوندو آهي (رومين 12:1-2).

روايتي مذهب جو هڪ چٽو مثال اهو آهي ته مقدس ڪتابن کي جادو ۽ تعويذن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙين حالتن ۾ حقيقت ۾ ڪتاب جي پرستش ڪئي ويندي آهي (ڪتاب پرستي به بت پرستيءَ جي هڪ شڪل آهي) ۽ آيتن کي جادو ۽ تعويذن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. مقصد اهو هوندو آهي ته ڪنهن خاص شخص کي برڪت ملي يا هن تي لعنت هجي. مان ڄاڻان ٿي ته بائيبل مقدس جي هڪ خاص آيت اهڙن مقصدن لاءِ لاڳيتي استعمال ڪئي ويندي آهي. خدا جا نالا به برڪت، حفاظت، شفا يا انتقام لاءِ به استعمال ڪيا ويندا آهن. رسولن جا ڪم 19:13-17 ۾ اهڙي گناهه جو بيان ٿيل آهي. ڪجهه يهودي گهمي ڦري، بدروحن کي ڪڍڻ جو ڪم ڪندا هئا. انهن بدروحن کي ڪڍڻ لاءِ خداوند عيسيٰ مسيح جو نالو به استعمال ڪيو پر ان ڳالهه جو نتيجو خطرناڪ نڪتو. بدروحن انهن سياڻن ماڻهن کي





ئي زخمي ڪري وڌو. انهن ماڻهن پولس رسول جي خدمت ۾ خداوند عيسيٰ مسيح جي قدرت کي ڪم ڪندي ڏٺو هو، تنهن ڪري هنن به سوچيو ته جنهن عيسيٰ جي منادي پولس ڪري ٿو، ان جي نالي تي اسان به انسانن ۾ روحن کي قابو ڪري سگهون ٿا.

رواجي يا عوامي مذهب جو هڪ مثال پراڻي عهدنامي ۾ ملي ٿو. يهودي هر طرح جو گناهه ڪندا هئا ۽ اعتقاد اهو رکندا هئا ته خدا صرف ان لاءِ ڪين معاف ڪندو ته خدا جي مقدس هيڪل سندن دارالحڪومت يروشلم ۾ واقع آهي. انهن جو خيال هو ته جيڪڏهن اهي لفظ بار بار ورجائجن ته ”خداوند جي هيڪل، خداوند جي هيڪل، خداوند جي هيڪل“، اسانجو شهر خدا جي غضب ۽ تباهيءَ کان بچيل رهندو. پر يرمياه نبيءَ هنن کي ملامت ڪئي ته توهان سچي خدا سان حقيقي عبادت ۽ رفاقت ختم ڪري ڇڏي آهي. هن ان ڳالهه جي ترديد ڪئي ته ڪنهن پاڪ عمارت جي موجودگي ئي خدا جي غضب کي روڪي نه ٿي سگهي (يرمياه 7:1-15). خدا جي نالي يا پاڪ لفظن کي دهرائڻ سان پاڪ خدا تي ڪوبه اثر نه پوندو، پر ان جي دهرائڻ واري کي ئي نقصان رسي ٿو.

مسيحيت ۽ يهودين جا به مثال ڏيڻ ڪانپوءِ هاڻي اچو ته اسلام تي نظر وجهون. وهابي فقهه جا ماڻهو، جديد قسم جي روايتي يا رواجي اسلام جا مخالف آهن. هو قديم ۽ حقيقي اسلام جي پيرويءَ تي زور ڏين ٿا. هنن جي تعليمات مان رواجي اسلام جي هڪ واضح تصوير نظر اچي ٿي. محمد بن عبدالوهاب (1704ع کان 1792ع) وهابي تحريڪ جو

باني هو. هن زيارتن تي وڃڻ، بزرگن، پيرن، فقيرن جي پوئلڳي ڪرڻ ۽ شفاعت يا تندرستي جي طلب ڪرڻ وارين ڳالهين تي بندش وجهي ڇڏي هئي. وهابي تحريڪ ۽ ٻين ڪيترين اصلاحي تحريڪن جي باوجود اڄ بہ اهو روايتي اسلام گهڻو مقبول آهي. اهڙو اسلام گهڻو ڪري صوفين ۽ مسلمان مذهبي مفڪرن جي ڪري وڌيڪ مقبول ٿيو ۽ پکڙيو. بشپ جان سبحان صاحب خداوند عيسيٰ مسيح کي پنهنجو خداوند قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ خود بہ هڪ صوفي هو. هن هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن جو نالو ”تصوف- ان جا بزرگ ۽ زيارتون“ آهي. ان ڪتاب جي هڪ باب ۾ بزرگن ۽ وَلين جي زيارت ۽ صوفين جي عزت ۽ تعظيم جي باري ۾ ڪافي ڪجھ لکيل آهي. هو لکي ٿو تہ ”مسلمانن ۾ اوليائن (واحد ولي، معنيٰ دوست) ۽ پيرن فقيرن تي ايمان هڪ عام ڳالھ آهي، جيڪا صوفين جي تعليم جي ڪري ٿي آهي. صوفين کي هڪ خاص درجو حاصل آهي چو تہ ڪين خدا جا چونڊيل ٻانها قبول ڪيو وڃي ٿو. اولياءَ خدا جا دوست آهن ۽ اهي صوفين جا خاص چونڊيل هوندا آهن. انهن صوفين جي اوليائن جي زندگيءَ جا حالات، انهن جون ڪرامتون ۽ معجزا، انهن جون چوٽيون ۽ متعلق روايتون مسلمانن ۾ قبول ۽ مروج آهن. انهن جون چوٽيون ۽ قول ستر سيڪڙو مسلمانن کي ياد هوندا آهن. مصيبت جي وقت هر طبقي جا مسلمان انهن جي نالن جو ورد ڪندا آهن ۽ انهن جي مزارن ۽ مزارن تي باقاعدگيءَ سان حاضري ڏيندا آهن. حقيقت اها آهي جو مسلمانن جي وڏي اڪثريت مذهبي فرضن جي پوئواري جي پيٺ ۾ انهن صوفين ۽ اوليائن طرف وڌيڪ ڌيان ڏين ٿا.“ *

* John Subhan, *Sufism - Its Saints and Shrines*, p. 103.





هتي هيءَ ڳالھ ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ بشپ سبحان هي ڪتاب ”بحوالہ هند و پاڪستان“ لکيو، اهو 1938ع ۾ لکي پورو ڪيو ۽ 1960ع ۾ ان جي نظرثاني ڪئي. تنهن هوندي بہ لڳي ٿو تہ حالتن ۾ ڪا خاص تبديلي نہ آئي آهي. ايم گيجبلز M Geijbels جولاءِ 1978ع ۾ هڪ مضمون لکيو بعنوان ”اسلام ۾ اوليائن جي عزت بحوالہ هند و پاڪستان.“ هو لکي ٿو تہ ”پاڪستان ۾ ماڻهن جي مذهبي رجحان تي غور ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ انهن ماڻهن کي ٻن گروپن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ اهل مسجد ۽ ٻيا اهل مزار. پهرئين گروپ جا ماڻهو پنهنجي مذهبي اعتقاد، رسم و رواج جي پابنديءَ ۾ واضح طور تي منطقي ۽ روايتي رويو رکن ٿا. نظرياتي طور تي ئي سهي مگر اهي پنهنجي ايمان ۾ پنج بنيادي اسلامي رڪنن جي پرچار ڪندا آهن. ٻئي گروپ جا ماڻهو مذهبي معاملن ۾ منطقي گهٽ ۽ جذباتي وڌيڪ آهن. ڪين ان ڳالھ جي پرواھ ناهي تہ اهي پڪا سچا مذهبي آهن يا نہ. ٻنهي گروهن کي هونئن تہ زندگيءَ جي الڳ الڳ خانن ۾ تقسيم ڪرڻ مشڪل ڪم آهن. زندگيءَ کي بلڪل ئي جدا خانن ۾ بند نہ ٿو ورهائي سگهجي. پر هن ڳالھ کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي تہ پاڪستان ۾ زيارتون، مقبرا، پير ۽ اولياءَ ڪرام وڏي اهميت رکن ٿا. پاڪستان اهڙين زيارت گاهن ۽ درگاهن سان پريو پيو آهي. هي زيارت گاهون ۽ درگاهون اڪثر گذاري ويل ماڻهن جا هوندا آهن، يا وري جيئرا پير فقير انهن جا گادي نشين هوندا آهن. اهو اعتقاد بہ عام آهي تہ جيئرو پير گادي نشين آهي ۽ هن کي پيري فقيري ورثي ۾ ملي آهي. هن پير جي پيءُ يا ڏاڏي جي قبر بہ اتي ئي هوندي آهي جتي هن جيئري پير جي رهائش

هوندي آهي ۽ جتي اهو جيئرو پير دربار لڳائيندو آهي.

عام طور اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته هن پير وٽ وڏي ڪرامت آهي ۽ هو معجزا به ڪري سگهندو آهي. هن جي معجزن کي ڪرامتون چيو ويندو آهي جنهن جي معنىٰ آهي ’نوازش‘ يا ’ڪرم‘.“

آخر ۾ گيجبلز هن نتيجي تي پهتو ته ”اهي بزرگ ۽ پير ٽن قسمن جون مذهبي ضرورتون پوريون ڪن ٿا، يعني تعليم ڏيڻ (ارشادات)، ڪنهن جي حق ۾ دعا ڪرڻ (شفاعت) ۽ برڪت بخشڻ (رحمت). جيتوڻيڪ اهي پير پنهنجن مريدن کي مذهبي تعليم ڏيندا آهن ته به اسان جو مشاهدو آهي ته انهن جي تعليم صرف شروعاتي ڳالهين ۽ اسلام جي ظاهري رسمن تائين محدود هوندي آهي. علم الاهيات جا مسئلا سندن تشريح يا روحاني ترقي لاءِ رهنمائي وغيره هنن جي وس جي ڳالهه نه هوندي آهي.“ *

مَري ٽِي طيطس صاحب پنهنجي ڪتاب ”پاڪ و هند ۾ اسلام“ جي باب ”پيرپرستي“ ۾ لکي ٿو ته ”عام ماڻهن ۾ پختو يقين ۽ ايمان آهي ته پير اسانجي درخواستن، اسانجن خواهشن ۽ حاجتن کي پوري ڪرڻ جي طاقت رکن ٿا ۽ معجزا ڪمال ڏيکاري سگهن ٿا. اهو اعتقاد ته بزرگ ۽ الهه لوڪ ماڻهو اسان جي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ شفا ڏيئي سگهن ٿا. ان ۾ سموريون انساني ضرورتون شامل آهن. مختلف مقدمن ۾ ڦاٿل ماڻهو هنن جي قبرن ۽ روضن تي حاضري ڀريندا آهن ته جيئن مقدمي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ

* M. Geijbels, ‘Aspects of the Veneration of Saints in Islam with Special Reference to India and Pakistan’, *Muslim World*, vol. 68, no. 3.



بدروحن تي فتح

لاءِ، ٻارن جي شفا لاءِ، گم ٿيل گهوڙي کي ڳولڻ لاءِ، ڪاروبار وڌائڻ لاءِ، شڪار ڪرڻ جي خوشنصيبيءَ لاءِ، جوئا کيڏڻ وارا ۽ چور به پيرن جي قبرن تي ويندا آهن.“ *

مون سبحان، گيجبلز ۽ طيطس صاحب جي ڪتابن مان ڪافي حوالا پيش ڪيا ڇو ته اهي ماهر آهن پر منهنجي گذريل ٽيهن سالن کان پاڪستان ۽ برصغير جي ٻين علائقن، وچ اوڀر آفريڪا ۾ رهڻ مان جيڪي ڪجهه مون ڏٺو، ان مان هنن مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي تصديق ٿئي ٿي. روايتي اسلام جا گهڻائي پوئلڳ آهن ۽ اهي ڳالهيون سندن مذهب جي ماڻهن کان علاوه ٻين مذهبن جي ماڻهن تي به اثرانداز ٿين. گهڻا مسلمان هن ڳالهه تي اعتبار رکن ٿا ته معجزا (ڪرامتون) ڏيکارڻ جي طاقت خدا جي نعمت ۽ برڪت جو نشان آهي.

پاڪستان جي اترين علائقي ۾ هڪ مسيحي اسپتال آهي. اتي اچڻ وارا مريض پهرين فوق الفطرت طاقتن ۽ ماڻهن تي ڦوڪڻ ۽ پڙهڻ وغيره سان شفا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڪنهن پير فقير يا سياڻي وٽ ويندا آهن ۽ تعويذ ونندا آهن. گهڻو ڪري ڪنهن مذهبي ڪتاب جي ڪنهن آيت کي ڪاغذ جي ٽڪري تي لکي تعويذ ۾ بند ڪري ڏني ويندي آهي. سندن ايمان اهو هوندو آهي ته الاهي ڪلام جا الفاظ خود بخود برڪت ۽ شفا بخشيندا آهن. پر جيڪڏهن مريض تندرست نه ٿئي ته پوءِ پير کين اجازت ڏيندو آهي ته وڃي ڪنهن مسيحي اسپتال ۾ علاج ڪرائين. انهن کي اهو به چوندو آهي ته کين چند هفتن ۾ شفا ملندي.

* Murray T. Titus, *Islam in India and Pakistan*, 1959, p. 138.

اهڙين حالتن ۾ ظاهر آهي تہ جيستائين مريض کي اهو ثبوت نہ ملي تہ مسيحي اسپتال ۾ مسيحي عملي جي علاج جي سهولت سبب ۽ خداوند جي قدرت ذريعي شفا ملي آهي، تيستائين مريض تعريف وري بہ پير جي ئي ڪندو آهي!

اهڙي روايتي مذهب جي سلسلي ۾ مسيحي ماڻهن کي ٻن قسمن جون مشڪلاتون درپيش اينديون آهن. گهڻو ڪري اهڙا ماڻهو، جيڪي رڳو نالي ۾ مسيحي هوندا آهن، اهڙن رسمن ۽ رواجن ۾ ڦاسي پوندا آهن. پوءِ پنهنجو هڪ روايتي مذهب گهڙي وٺندا آهن. هي ”جهان جو نمونو اختيار ڪرڻ“ جو گناهہ آهي جنهن کان پولس رسول رومين 2:12 ۾ منع ڪئي آهي. ٻي مشڪل اها آهي تہ ماڻهو خدا جي قدرت کي سمجهي ناهن سگهندا. جيڪڏهن مسيحي ماڻهو پولس رسول جي اڳيئين حڪم تي عمل ڪندا هجن ها تہ اهڙي صورتحال ئي پيدا نہ ٿئي ها. اهو حڪم هي آهي تہ ”خدا جي ڏنل نئين سمجهہ وسيلي بدلجي وڃو.“ (رومين 2:12)

ڪڏهن ڪڏهن خدا جي خادمن جي دعا جي ڪري معجزانہ طور شفا ملي ويندي آهي تہ مريضن کي روح القدس جي قدرت نظر ايندي آهي ۽ ائين ڪيترين زندگيون تبديل ٿي وينديون آهن. مان اوهان جي سامهون هڪ مثال پيش ڪريان ٿي. هڪ سرحدي ڳوٺ جي آبادي تقريباً چاليهہ هزار آهي. انهن ۾ اڪثريت مسلمانن جي آهي. انهن مان ڪجهہ هندو آهن ۽ ڪجهہ ٻين ذاتين جا ماڻهو آهن. تقريباً سؤ خاندان مسيحي آهن. انهن مان اڪثر رڳو نالي جا مسيحي آهن. اهي بہ پنهنجي مسلمانن پاڙيسرين وانگر پيرن ۽ فقيرن جي پويان ڊوڙندا آهن، مزارن ۽ درگاهن تي ويندا





آهن ۽ بري نظر کان بچڻ لاءِ تعويذن جو استعمال ڪندا آهن. انهن مان هڪ عورت حقيقي طور مسيح جا پير پڪڙيا. ان کي نئين زندگي ملي ۽ جنهن اداري ۾ ڪم ڪندي هئي، اتي پنهنجي ايمان جو ذڪر ٻين سان بہ ڪرڻ لڳي. هن پنهنجي گهر مان اهڙين خراب تصويرن ۽ تعويذن کي ڪڍڻ شروع ڪيو جن جو تعلق بت پرستيءَ وارين رسمن سان هو. سڀ ڪجهہ ڪڍڻ کان پوءِ هن پنهنجي گهر کي اڇو رنگ ڪرايو ۽ پوءِ چند ايماندارن کي دعوت ڏني تہ اچن ۽ اچي عبادت ڪن. هن جي خواهش هئي تہ گهر جي صفائي ۽ پاڪائيءَ لاءِ، سندس مڙس ۽ ٻارن جي صحت لاءِ دعا ڪن. ايماندارن کي خبر نہ هئي تہ خداوند هن جي ڪهڙيءَ طرح مدد ڪندو. هنن يسعياه نبيءَ مان 18:60 هن کي زباني ياد ڪرائي: ”پوءِ تنهنجي ڀتين کي ’خداوند جو بچاءُ‘ سڏيو ويندو، ۽ تنهنجي دروازن کي ’خداوند جي واکاڻ‘ چيو ويندو.“ ڪنهن وقت هوءَ شيطاني خطرن هيٺ پڻ آيل هئي، سو هن جي حوصلہ افزائي لاءِ 1- يوحنا 20-18:5 ۽ زبور 15-12:105 مان ڪلام پيش ڪيو ويو. هڪ مسلمان پاڙيسري عورت بہ موجود هئي، ۽ هاڻي اها بائيبل مقدس جو مطالعو ڪندي آهي. ٻيون پاڙيسري عورتون بہ هيون، جيڪي پاڪ ڪلام ٻڌي رهيون هيون. ڪمري کي پاڪ صاف ڪرڻ کانپوءِ ايماندارن پنهنجن پنهنجن موجوده ٻارن کي سيکاريو تہ جڏهن مسيح جو بيان ڪيو وڃي تہ ڇا جواب ڏيڻ گهرجي. پوءِ اڳواڻ چيو: ”عيسيٰ مسيح بادشاهہ آهي“ ۽ سيني حاضرين جواب ڏنو ”هن جي تعريف ٿئي.“ پوءِ اڳواڻ چيو ”عيسيٰ مسيح خداوند آهي.“ سيني جواب ڏنو، ”هن جي تعريف ٿئي.“

اهڙيءَ طرح ٻيا بيان بہ ڪيا ويا ۽ اهو ئي جواب ڏنو ويو. اڳڻ ڪي صاف ڪرڻ ڪانپوءِ اڳواڻ دعا گهري. هن چيو ”خدا بزرگ ۽ برتر آهي“ ۽ سيني جواب ڏنو، ”هن جي تعريف ٿئي.“ پوءِ اڳواڻ چيو، ”خدا اسان جو پيءُ آهي“ ۽ سيني جواب ڏنو، ”سندس تعريف ٿئي.“ ان ڪان پوءِ ڇت ڪي صاف ڪيو ويو ۽ اڳواڻ دعا گهرڻ لڳو ۽ چيائين تہ ”روح القدس رهنمائي ڪري ٿو“ ۽ جماعت جواب ۾ چيو ”هن جي تعريف ٿئي.“ پوءِ هن چيو ”روح القدس الاهي ذات آهي“ ۽ جماعت چيو ”هن جي تعريف ٿئي“ وغيره، وغيره.

ٻين پاڙيسرين بہ اهي جملا ٻڌا. گهر ڌياڻي اڳي بہ ۽ هاڻ بہ سيني پاڙي وارين سان پنهنجو زندهہ ايمان جو ذڪر ڪندي رهي ٿي. هن جي نئين زندگيءَ ۾ خدا جي قدرت جو ڪمال سيني کي نظر اچي ٿو ۽ آهستي آهستي خداوند سچي خاندان کي تبديل ڪرڻ لڳو آهي. هاڻي خوف جي جاءِ خداوند جي حمد ۽ تعريف والارڻ لڳي آهي.

اسان مسيحي هوندي بہ شفاعت جي ڪلي عام خدمت ڪان ڪيٻايون ٿا جيتوڻيڪ بائيبل مقدس ۾ هن موضوع تي ڪافي تعليم موجود آهي. ڪڏهن اسان اها توقع ناهيون رکندا تہ خدا ڪو معجزو ڪندو ۽ ائين اسان پنهنجي گهٽ اعتقاد جي ڪري سندس ڪم کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. پنهنجي رحم جي ڪري هو ڪڏهن اسانجي گهٽ اعتقاديءَ جي باوجود بہ پنهنجي قدرت ظاهر ڪندو آهي. اسان بائيبل مقدس جون ڳالهيون سيکارڻ تي زور تہ ڏيندا آهيون، پر اسان جون ڳالهيون تڏهن ئي شوق ۽ ڌيان سان ٻڌيون وينديون، جڏهن اسان اهو ڏيکاري سگهون تہ





خداوند عيسيٰ مسيح پنهنجي ماڻهن جي دعائن جو جواب ڏي ٿو ۽ معجزا بہ ڪري ٿو. مسيح جا جيڪي پيروڪار غير مسيحي ماڻهن جي درميان ۾ رهن ٿا، يا انهن سان ميل ميلاپ رکن ٿا، جيڪڏهن اهي وڏيڪ دعائيہ زندگي گذارين، شفاعيہ خدمت کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهن ۽ ان ڪم ۾ سرگرم ٿين، تہ پوءِ مسيح جي قدرت ضرور ظاهر ٿيندي ۽ ماڻهو هنن کي تسليم بہ ڪندا. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ عبادت ۽ ٻين جي شفاعت ڪرڻ جا اهڙا طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن جيڪي اسان جي ماحول ۽ تهذيب سان مطابقت رکندا هجن. جڏهن ٻين سان گڏ يا ٻين جي خاص ضرورتن جي لاءِ دعا ڪندا ۽ ماڻهن کي جڏهن هن ڳالهہ جي خبر پوندي تہ خداوند پنهنجو جلال ظاهر ڪندو ۽ خود جواب ڏيندو، اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ماڻهو پنهنجا مسئلا ڪٺي ايندا ۽ پنهنجن تڪليفن لاءِ دعا ڪرڻ جي درخواست ڪندا. جيڪڏهن ماڻهن کي اها خبر پوي تہ اسان جي خداوند عيسيٰ مسيح جو خدا ۽ پيءُ اهڙو خدا آهي جيڪو شفا ڏيندو آهي، شيطان جي قبضي مان آزاد ڪرائيندو آهي، ڏک ۽ تڪليف ۾ سهارو ٿيندو آهي ۽ ايمان جي دعا جو واضح جواب ڏيندو آهي تہ شايد عيسيٰ مسيح کي سڀ ڪان وڌو ’پير‘ ڪري تسيلم ڪيو وڃي ها. جن مسيحي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ روح القدس جي قدرت هوندي، اهي ماڻهو ٻين کي بہ قائل ڪري سگهندا تہ مسيح انسان جي هر ضرورت پوري ڪري سگهي ٿو. جڏهن دعائن جي جواب ۾ معجزا ۽ واضح نشان ظاهر ٿيندا تڏهن ماڻهو پاڻ بہ خداوند عيسيٰ مسيح جي تعليم طرف نہ صرف ڌيان ڏيندا، پر اوهان کي درخواست ڪندا تہ اها تعليم هنن کي بہ ڏني وڃي.

ليري سي ليننگ پنهنجي ڪتاب ۾ برڪت جي موضوع تي ڪافي سنو بحث ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اسلام ۽ مسيحيت ۾ برڪت جو ڪهڙو تصور آهي. هن ٻڌايو آهي ته حضرت ابراهيم کي خدا برڪت جي طاقت ڏني هئي. عيسيٰ ناصريءَ تي خدا جي برڪت هئي ۽ هن ڪثرت سان اُن ۾ ٻين کي شريڪ ڪيو (رسولن جا ڪم 2:22-24). روح القدس عيسيٰ مسيح کي اهڙي خدمت لاءِ مسح ڪيو هو جنهن جا ٽي پهلو آهن: (1) تعليم ۽ تبليغ (2) شفا (3) خدمت. ماڻهن لاءِ هن مان قوت ۽ برڪت ٻئي شيون ظاهر ٿينديون هيون. هاڻي هيءَ ذميواري ڪليسيا کي ڏني ويئي آهي ۽ ڪليسيا کي هن خدمت لاءِ مسح ڪيو ويو آهي (لوقا 4:18-19). پنهنجي ڪتاب جي ڇهين باب ۾ ليننگ بيان ڪيو آهي ته ڪيئن هيءَ برڪت ٻين تائين پهتي آهي. پهريائين زباني ڪلام سان مثلاً برڪت ڀرين ڳالهين سان، مسيحي سلام چوڻ ۽ مبارڪباد ڏيڻ سان. ٻيون پاڪ رسمون مثلاً هٿ رکڻ، شفا ڏيڻ، مخصوص ڪرڻ، پاڪ روح ڏيڻ، مسح ڪرڻ ۽ پاڪ عشاءِ ڪرڻ سان به اها برڪت ٻين تائين پهچي ويندي آهي. اڳتي هلي مصنف خبردار ڪيو آهي ته ڪليسيا کي هي امتياز حاصل هجي ته ڪهڙي برڪت جو ذريعو خدا آهي ۽ ڪهڙي شيءِ شيطان جي دوکي بازي آهي. اهو امتياز گهڻو مشڪل هوندو آهي ڇو ته ٻنهي ۾ قدرت جو اظهار ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ بظاهر اها هڪ رڪاوٽ آهي، ته به ممڪن آهي ته ڪوئي مسلمان، قدرت جو احساس رکندي شايد مسيح ۾ خدا جي برڪت محسوس ڪري. ائين مصنف جي دعوىٰ آهي ته بيدار ۽ نئين سر پيدا ٿيل پرپور ڪليسيا خدا جي برڪت جو ذريعو ٿي سگهي ٿي. ڪليسيا جو اهڙو





ڪردار هجي جو جيڪر روح القدس ڪيس پنهنجي مقصد لاءِ بهترين طريقي طور استعمال ڪري سگهي. جنهن ڪليسيا ۾ بيداري نه آئي هجي ۽ جنهن جو ايمان تازو نه هجي، ته اها ڪليسيا هن قدرت ۽ برڪت جي اهميت کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهندي ڇو ته اها هن تعليم ۽ تجربي کي وساري چڪي آهي ته خداوند ڪيترو قادر ۽ عظيم آهي. جيڪي هن برڪت جي تجربي کان محروم آهن جنهن برڪت جو سرچشمو خدا آهي، ته اهي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين راهن ڏانهن هلي پون ٿا. اهي ٻيون راهون ڪهڙيون آهن؟ عوامي يا روايتي يا لوڪ مذهب واريون بيڪار ۽ نقصانڪار رسمون. *

* Larry G. Lenning, *Blessing in Mosque and Mission*.

باب نائون

# عيسيٰ مسيح فتحمند آهي

روحاني جنگ ۾ فتح هميشہ عيسيٰ مسيح جي ٿيندي آهي. هن ڪانسواءِ ڪوبہ شخص فتحمنديءَ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ڪنهن ماڻهوءَ هڪ سنو مثال ڏيئي وضاحت سان ان ڳالهہ کي بيان ڪيو آهي تہ اسان ڪيئن مسيح جا تي، فتحمند ٿي سگهون ٿا؟ ڪينيڊا ۾ گاهہ جا وسيع ميدان آهن، جتي وڏا وڻ ناهن هوندا. انهن ميدانن ۾ اڪثر باهہ لڳي ويندي آهي ۽ هر طرف تباهي ۽ بربادي پکيڙي ڇڏيندي آهي. انهن ميدانن ۾ باهہ تمام تيزيءَ سان ڦهلجي ويندي آهي، جنهن کان بچاءُ ناممڪن آهي. ان کان بچڻ جو هڪ ئي طريقو آهي تہ انسان پنهنجي آس پاس باهہ لڳائي ڇڏي. ائين ڪجهہ علائقو سڙي صاف ٿي ويندو ۽ انسان پوءِ ان صاف علائقي ۾ رهي. ائين تيزيءَ سان وڌندڙ باهہ هن کان پري رهندي. خداوند عيسيٰ مسيح اسانجو اهڙو ئي هڪ باهہ کان صاف ٿيل علائقو آهي. جيڪڏهن اسان هن تي اعتماد رکون ۽ صليب تي جيڪو ڪم هن اسان لاءِ ڪيو، ان کي قبول ڪريون ۽ ان ۾ پناهہ وٺون تہ خوفناڪ ڏينهن کان محفوظ رهي سگهون ٿا. شيطان هر طرف تباهي ۽ بربادي مچائي ڇڏي آهي. خداوند عيسيٰ مسيح ئي ان لاءِ بهتر پناهہ گاهہ آهي. خدا جو پٽ ان لاءِ ظاهر ٿيو هو تہ جيئن اهو ابليس جي





ڪمن کي نيست ڪري ڇڏي (1- يوحنا 8:3). هن صليب تي آخري فيصلو ڪري فتح حاصل ڪئي. عيسيٰ مسيح اهو گهيٽو آهي جيڪو ڪائنات ۽ هن دنيا جي تخليق کان اڳ ۾ ئي ڪنو ويو هو (مڪاشفو 6:5، 9، 12). عيسيٰ مسيح خدا جو گهيٽو ۽ ازلي ڪلام آهي سو مجسم ٿيو، صليبي موت سنو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ مُردن مان جيئرو ٿي اٿيو تہ جيئن خدا جا ازلي ارادا پورا ٿين. هو پنهنجي موت ۽ جيئري ٿي اٿڻ جي وسيلي سان اسان کي سڀ کان خطرناڪ دشمن ابليس کان بچائي ٿو. صليبي موت ۽ ٽئين ڏينهن سندس جيئرو ٿي اٿڻ حقيقت ۾ مسيح جي فتح ۽ ابليس جي شڪست آهي. گناهہ ۽ موت تي فتح حاصل ٿي آهي ۽ هاڻي هو فقط شڪست کاڌل دشمن آهي.

پولس رسول ڪُلسي شهر جي ايماندارن کي هيءَ ڳالهہ لکي ٿو تہ ”جڏهن اوهين پنهنجن گناهن جي ڪري ۽ پنهنجن گناهن سان پريل فطرت جي اڻ طهريل هجڻ ڪري مئل هئا، تڏهن خدا اوهان کي مسيح سان گڏ جيئرو ڪيو. هن اسان جا سيئي گناهہ بخشي ڇڏيا، ۽ پنهنجي حڪمن جي انهيءَ دستاويز کي رد ڪري ڇڏيائين جيڪو اسان بابت ۽ اسان جي خلاف هو. هن انهيءَ کي صليب تي ڪوڪا هڻي پري ڪري ڇڏيو. خدا حڪومتن ۽ اختيار وارن کان هٿيار ڪسي ڪين ڪليو ڪلايو تماشو بڻايو ۽ صليب جي وسيلي انهن تي، جيڪي قيدين وانگر هئا، فتحيابيءَ جو شادمانو وڄايائين.“ (ڪلسين 2:13-15) اچو تہ اسان انهن آيتن تي ڪجهہ غور ڪريون جيڪي اسان لاءِ آهن.

## توهان جيڪي پنهنجن گناهن جي ڪري مئل هئا. (ڪلسين 13:2)

اسين سڀ گناهن جي ڪري مئل ڄاول آهيون. اسان ڄائي ڄم کان مئل آهيون. اسان ساھ کڻون ٿا، هلندا گهمندا رهون ٿا، کائون ٿا، سمهون ٿا ۽ جاڳون ٿا، پر اسان روحاني لحاظ کان مئل آهيون. اهو ممڪن آهي تہ ڪو شخص پنهنجي سڄي دنياوي زندگي دوران خدا کان پري هجي ۽ مئل هجي.

هڪ دفعي مون کي سيالڪوٽ جيل ڏسڻ جو موقعو مليو. مون جيل جي اهلڪارن کي چيو تہ مان اهڙا ٿي قيدي ڏسڻ چاهيان ٿي جن کي موت جي سزا ملي هجي. اهي ٽئي ماڻهو اسان وانگر ئي هليا، گهميا ۽ کاڌائون پيتائون ٿي پر هڪ لحاظ کان هو مري چڪا هئا. انهن کي موت جو حڪم ٿي چڪو هو ۽ هاڻي ڪين ڪو معجزو ئي بچائي سگهيو ٿي ۽ عدالت جي مقرر ڪيل وقت جي مطابق هنن کي ڦاسي تي چڙهڻو هو.

روحاني لحاظ کان اسان سيني جي حالت بہ بلڪل انهن مٿي ڄاڻايل قيدين جهڙي آهي ۽ رڳو ڪو معجزو ئي اسان کي بچائي سگهي ٿو. اهو معجزو اسان جي نجات خاطر، خداوند عيسيٰ مسيح جو موت ۽ پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ آهي. اسين پنهنجن ڪال ڪوٺين (جن ڪمرن ۾ سزاءِ موت وارا قيدي هوندا آهن. انهن کي ڪال ڪوٺيون چئبو آهي.) ۾ گهمي ڦري سگهون ٿا يعني پنهنجن گناهن ۾ آزادانہ زندگي گذاري سگهون ٿا ۽ اسين چاهيون تہ اتان ڇٽي، آزاد ٿي ٻاهر جي هوا ۾ گهمي ڦري سگهون ٿا. "جيڪو ايمان نہ





ٿو آڻي تنهن کي سزا اڳي ئي ملي چڪي آهي، ڇا لاءِ جو هن خدا جي هڪڙي ئي فرزند تي ايمان نہ آندو" (يوحنا 18:3). جيڪڏهن اسان خداوند عيسيٰ مسيح کي قبول ڪريون ۽ جيڪو ڪجھ هن اسانجي لاءِ ڪيو آهي، ان تي ايمان آڻيون ۽ توبہ ڪريون، تہ خدا اسان کي ضرور بچائيندو. اسان جيڪي مئل آهيون تہ اسان کي جيئرو ڪري سگهي ٿو.

## خدا توهان کي بہ جيڪي مئل هئا.... هُن سان گڏ جيئرو ڪيو. (ڪلسين 13:2)

خدا مسيح کي قبر مان جيئرو ڪيو. ان مان ثابت ٿيو تہ خدا هن کي قبول ڪيو ۽ سندس زندگيءَ کي تصديق ڪيو. جيئن يسعياه نبي هن واقعي کان سوين سال اڳ ۾ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ "اها منهنجي مرضي هئي تہ هو ڏک سهي، بيشڪ هن جو موت گناهن جي معافيءَ واسطي ڪفارو هو. سو هاڻ هو وڏي عمر ماڻيندو ۽ پنهنجو نسل ڏسندو. هنجي وسيلي منهنجي مرضي پوري ٿيندي" (يسعياه 10:53). جيڪي پنهنجي بدحالي ڏسي ۽ ان جو اقرار ڪري عيسيٰ کي رحم جي درخواست ڪن ٿا تہ انهن کي پناھ ملي ٿي. روح القدس جي قدرت انهن کي نئين زندگي ڏئي ٿي ۽ اهي روحاني موت کان جيئرا ٿي اٿن ٿا. مسيح قبر مان جيئرو ٿي اٿيو ۽ ٻيهر وري مرڻ جو ناهي. جيڪي هن تي ايمان آڻين ٿا اهي هن جي موت ۽ وري جيئرو ٿي اٿڻ ۾ شامل آهن ۽ اهي روحاني لحاظ کان وري ڪونہ مرندا.

اسان روحاني طور مرده ڄاڻايل آهيون. اسان شيطان جي بادشاهيءَ جا ماڻهو آهيون ۽ هن جي رعيت آهيون.

خداوند عيسيٰ مسيح منجهہ اسان نئين پيدائش حاصل ڪري خدا جا دوست ۽ هن جي بادشاهيءَ جا رُڪن ٿي سگهون ٿا. نيڪديمس ڏاڍو نيڪ، خدا ترس ۽ مذهبي ماڻهو هو. عيسيٰ مسيح پاڻ هن کي چيو تہ ”آءٌ تو کي سچ ٿو ٻڌايان تہ جيستائين ڪو ماڻهو پاڻيءَ ۽ پاڪ روح مان پيدا نہ ٿيندو، تيستائين اهو خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿي نہ سگهندو“ (يوحنا 5:3). جسماني پيدائش وانگي انسان جي روحاني پيدائش بہ خدا جي بخشش آهي. انسان پنهنجي جسماني پيدائش جو تہ ذميوار نہ آهي پر روحاني پيدائش حاصل ڪرڻ کان انڪاري ٿي سگهي ٿو. انجيل شريف ۾ فريسين سان ڳالهائيندي مسيح فرمايو تہ ”اوهين پاڪ لکتون انهيءَ لاءِ ڌيان سان ٿا پڙهو, جو سمجهو ٿا تہ انهن ۾ اوهان کي دائمي زندگي ملندي ۽ اهي پاڪ لکتون ئي منهنجي شاهدي ڏين ٿيون. تڏهن بہ اوهين مون وٽ نہ ٿا اچو تہ دائمي زندگي مليوَ.“ (يوحنا 39:5-40) خدا اسان جي نجات جو انتظام بہ ڪيو آهي پر جيڪڏهن اسين هن کي نظرانداز بہ ڪريون تہ اهو انتظام اسان لاءِ بيڪار ثابت ٿيندو. اسان ان کي رد ڪري سگهون ٿا ۽ ائين اسان پنهنجي ڏوهن سبب مرده بڻجي پونداسين.

مون هڪ دفعي هڪ غريب عورت جو واقعو پڙهيو هو. اها هڪ ننڍي چلهہ تي سوجي گرم ڪري رهي هئي. تيل ٿورو هو ۽ هن وٽ گاسليٽ لاءِ پئسا ڪونہ هئا. هڪ مائٽ هن کي ڪجهہ پئسا ڏنا تہ هو ڪجهہ ڪاٺ ۽ گاسليٽ وٺي اچي. هن ڇا ڪيو جو مائٽ جي وجڻ ڪانپوءِ هن انهن نوٽن سان باهہ ٻاريائين. هن کي نوٽن جي اهميت جو ڪو احساس





نہ هو. هن اهو تحفو وٺڻ کان انڪار تہ نہ ڪيو پر ان جو قدر نہ ڄاتو. گهڻا ماڻهو اهڙا آهن. اهي عيسيٰ مسيح جو انڪار تہ ڪونہ ٿا ڪن پر هنن کي هن جو قدر نہ آهي.

ٻن ماڻهن جي زندگيءَ تي غور ڪريو. ٻئي ماڻهو باقاعدگيءَ سان دعا گهرن ٿا. بائيبل مقدس جو مطالعو ڪن ٿا. آچر تي عبادت ڪرڻ بہ وڃن ٿا ۽ بظاهر ڏاڍي سٺي زندگي گذارين ٿا. ماڻهو ٻنهي ڄڻن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. انهن مان هڪ ڄڻو پنهنجي ڏوهن ۽ گناهن سبب مرده ٿي رهي ٿو ڇو جو سندس خيال موجب نئين پيدائش ڪا بہ اهميت نہ ٿي رکي حالانڪ عيسيٰ مسيح ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي. ٻيو شخص گناهہ جي بار کي محسوس ڪري ٿو ۽ هو قائل ٿئي ٿو. هن کي خدا جي پاڪيزگيءَ جو پورو پورو احساس آهي. هو خدا کان رحم جو طلبگار آهي ۽ گناهن جي معافي گهري ٿو. هو دعا ڪري ٿو تہ مون کي خداوند عيسيٰ ذريعي نئين زندگي ملي. هو روحاني طور تي نئي پيدائش جي قريب اچي وڃي ٿو ۽ هو نئين پيدائش حاصل ڪري وٺي ٿو. اها پيدائش گوشت ۽ رت سان نہ پر روحاني طور حاصل ٿئي ٿي. هن جي زندگيءَ ۾ روح القدس ڪم ڪري ٿو ۽ ان ۾ نئين زندگي سرڻ لڳي ٿي. دعا ۽ بائيبل مقدس جي مطالعي سبب اهو ٻوٽو وڌندو رهي ٿو ۽ ٻين ايماندارن جي صحت سبب اهو ٻوٽو مضبوط ٿيندو رهي ٿو. جيئن تہ روح القدس هن ۾ رهي ٿو، ان ڪري خدا بہ هن کي قبول ڪري ٿو. جيڪي ڪجهہ هو پاڪ روح جي طاقت سان ڪري ٿو، خدا تنهن کي قبول فرمائي ٿو، ڇو تہ خدا خود پنهنجو انڪار نہ ٿو ڪري سگهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهو ٻيو ماڻهو پنهنجي اندر رهندڙ پاڪ روح کي ناراض ڪري وجهي ٿو ۽ پوءِ هن کي ضرورت پوي ٿي ته عيسيٰ مسيح جي رت جي وسيلي خدا کان نئي زندگي نه پر رڳو معافي گهري. نئين پيدائش ته هن کي پهريان ئي ملي چڪي آهي ۽ روحاني پيدائش به جسماني پيدائش وانگر صرف هڪ دفعو ئي ملندي آهي. پاڪ روح هن کان جدا ته ڪونه ٿيندو پر هن جي اندر خدا جو ڪم رڪجي ويندو. روحاني پيدائش کان پهرين هن جي ۽ خدا جي وچ ۾ ڪوبه سنئون سڌو تعلق نه هو. "هو مرده هو." تعلق پيدا ڪندڙ وسيلو موجود نه هو ۽ هن ۾ زندگي نه هئي. روحاني پيدائش ڪانپوءِ عارضي طور تي رابطو رڪجي ته سگهي ٿو پر ختم نه ٿو ٿي سگهي. پر پهريون ماڻهو، خواهه ڪجهه به ڪري وجهي پر اهو مئل آهي. اهو پنهنجو پاڻ کي ڪيڏو به چڱو ۽ نيڪ ٻڌائي ته جيئن عيسيٰ مسيح کيس قبول ڪري، مگر اهو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو. ضرورت ان امر جي آهي ته اهو پنهنجي بري حالت کي ڄاڻي وٺي. اهو ڪو سخت بيمار يا موت کي ويجهو ڪونهي، پر بلڪل ئي مرده آهي.

**جڏهن اوهين پنهنجن گناهن جي ڪري ۽ پنهنجن گناهن سان پريل فطرت جي اڻ طهريل هجڻ ڪري مئل هئا.** (ڪلسين 13:2)

اسانجا گناهه هن ڳالهه جو ثبوت آهن ته اسان گناهن ۾ مئل آهيون. اسان گناهه ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي گنهگار هوندا





آهيون، ائين نه ته گناهه ڪرڻ جي ڪري گنهگار آهيون. اسان ته پيدا ئي گناهه جي حالت ۾ ٿيا آهيون. اسان پنهنجو جسماني طور اڻ طهريل هجڻ جي لحاظ کان پيدا ئي مڪمل ٿيا آهيون. خداوند ڪُلسي شهر جي تائب ٿيل ماڻهن کي عيسيٰ مسيح جي نالي ۾ ٻيهر جيئرو ڪيو. جنهن لمحي ۾ هنن خداوند عيسيٰ مسيح تي ايمان آندو، انهيءَ لمحي ۾ هنن جا قصور معاف ٿيا. شريعت جو دستاويز هنن جي خلاف هو ۽ قانوني لحاظ کان هنن کي ڏوهاري قرار ڏنائين ٿي. ان دستاويز کي منسوخ ڪيو ويو. هنن تي اهڙو قرض هو جيڪو هو پنهنجي ڪوشش سان ادا نه پئي ڪري سگهيا. ان دستاويز جي منسوخيءَ سان گڏ خداوند عيسيٰ مسيح اهو قرض به منسوخ ڪري ڇڏيو. گناهه معاف ٿيا، الزام ۽ سزائون سڀ منسوخ ٿيون. دستاويز بيڪار ٿي ويو. ان دستاويز کي ڪوڪا هڻي صليب تي چاڙهيو ويو ۽ پوءِ اهي ڪوڪا مسيح جي هٿن ۽ پيرن ۾ ٽنبيا ويا ۽ دستاويز ۽ ان ۾ آيل تمام تحريرن جي ذميواري هن پاڻ تي کڻي ورتي. هن صليب تي انسانن جي گناهه کڻڻ سان گڏ انسان جي گناهه واري حالت کي به کڻي ورتو. مسيح گناهه کان واقف نه هو. پوءِ به خدا کيس انسان جي بدلي گناهه جي قرباني ٺهرايو ته جيئن مسيح سان گڏجي هڪ هئڻ ڪري اسين خدا ڏانهن سچار ٿي پئون (2- ڪرنٿين 21:5). ان سان گڏ شيطان ۽ ان جي فوجن تي ڪاري ضرب هنيائين ۽ ان جي سڀني هٿيارن کي به ختم ڪري ڇڏيائين. هن انهن جا پول پڌرا ڪري. اصليت ظاهر ڪئي. هن صليب تي هنن تي فتح حاصل ڪئي، جڏهن ته هن جو خيال هو ته صليب کيس ڏئي هن کي هميشه جي لاءِ ختم ڪيو ويو آهي.

**خدا حڪومتن ۽ اختيار وارن کان هٿيار کسي کين کليو کلايو تماشو بڻايو ۽ صليب جي وسيلي انهن تي، جيڪي قيدين وانگر هئا، فتحيابيءَ جو شادمانو وڄايائين.** (ڪلسين 15:2)

جڏهن عيسيٰ مسيح صليب تي مري ويو تہ ان وقت اتي سمورا بدروح موجود هئا. انهن سيني کي ڪاري ضرب لڳي ۽ سيني کي شڪست نصيب ٿي. انهن مان ڪنهن هڪ سان بہ اوهان جو مقابلو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اوهان مسيح منجهان آهيو تہ هن جي نالي تي اوهان انهن بدروحن کي حڪم ڏئي سگهو ٿا تہ اوڏانهن هليا وڃن، جيڪا جاءِ انهن لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. اهي بدروح خداوند عيسيٰ مسيح جي پيهر اچڻ ۽ عدالت ڪرڻ تائين اتي ئي رهندا. ان ڪانپوءِ اهي ڪڏهن بہ ڪنهن کي تنگ نہ ڪندا. عيسيٰ مسيح جي صليب تي مرڻ وقت ابليس پاڻ موجود هو. انهيءَ وقت ئي هن کي شڪست نصيب ٿي هئي ۽ هو تباهہ ٿي ويو. تہ پوءِ هن جي طاقت ڇو ٿي نظر اچي؟ اوهان ڪڪڙ ڏٺو هوندو، جڏهن هن کي ذبح ڪيو ويندو آهي تہ اهو تڙپندو ۽ ڦڙڪندو آهي. ابليس جي حالت بہ اهڙي ئي آهي. جن کي خدا مسيح ۾ نئين زندگي عطا ڪئي آهي انهن تي ابليس جو ڪوبہ اثر نہ ٿيندو آهي پر جڏهن هو پاڪ روح جي چوڻ تي نہ ٿا هلن ۽ شيطان کي موقعو ڏيندا آهن تہ هو انهن تي وار ڪري سگهندو آهي (افسين18:5). اهي مئل هئا پر هاڻي جيئرا آهن. ابليس جيئرو هو مگر هاڻي مئلن وانگر آهي.



باب ڏهون

# خدا جا هٿيار

روحاني جنگ ۾ خدا جي سيني هٿيارن کي پائڻ يا استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن پولس رسول افسين جي ڪليسيا کي تاڪيد ڪئي آهي (افسين 6:10-18). روم شهر جي ايماندارن ڏانهن لکندي هو هڪ خاص علامت يا اشارو استعمال ڪري ٿو. ”خداوند عيسيٰ مسيح کي پوشاڪ وانگر ڍڪيو“ (رومين 14:13). ڇا ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پاڻ تي ڪپڙي وانگر پاتو ويندو آهي؟ ڪيئي دفعا نئين عهدنامي جي مثالن ۽ علم الاهي جي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ پراڻو عهدنامو گهڻو مددگار ثابت ٿيندو آهي. يسعياه نبي نجات جو لباس پائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. يقينن اها ڳالهہ ”نجات ڏيندڙ“ کي پائڻ کان مختلف ڪانهي. خداوند جي ڪيل ڪمن سبب آءٌ بيحد خوش ٿيندس، ۽ منهنجي جان پنهنجي خدا کان راضي رهندي. ڇا لاءِ جو جيئن گهوٽ کي تاج سان سينگاريو وڃي، يا جيئن ڪنهن ڪنوار جو زيورن سان سينگار ڪيو وڃي، تيئن هن اسان کي بچاءُ جڻ پوشاڪ وانگر پهرائي ڇڏيو آهي، ۽ حق سچ جڻ اسان کي هڪ جبي وانگر ڍڪايو آهي“ (يسعياه 10:61).

حضرت دائود ريڍار هو جڏهن جاتي جالوت تي فتح حاصل ڪئي. هن واقعي مان بہ پولس رسول جي هنن ڳالهين

تي روشني پوي ٿي، جيڪي افسين 6 باب ۾ لکيون ويو آهن. اچو تہ اسان ان واقعي جو تفصيلي جائزو وٺون، جيڪو 1- سموئيل 28:17 کان 5.:18 ۾ لکيل آهي.

اسرائيلي فوجون جبل تي ڇانوڻي ناهيو جنگ لاءِ تيار هيون ۽ واديءَ جي ٻئي پاسي فلستي فوجون تيار هيون جڏهن فلستي پهلوان ميدان ۾ لٿو ٿي تہ اسرائيلي فوج تي خوف ۽ هيبت ڇانئجي ٿي ويئي. هو ديوقامت هو مطلب 9 فٽ کان بہ وڌيڪ هن جو قد هو. هو جاتي چوائيندو هو تہ هو جات شهر جو وينل هو. هن جي مٿي تي پتل جو ٽوپ هو ۽ پتل جي زره پيل هيس. ان جو وزن ستونجاهہ ڪلوگرام هو. هن جي ٽنگ تي پتل جا جهاڙولا هئا ۽ هن جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ پتل جي ٻڇي هئي. هن جي نيزي جي لوهي ڦر جو وزن ست ڪلوگرام هو ۽ هڪ شخص ڍال کنيو هن جي اڳيان هلندو هو (1- سموئيل17:5-7).

هي فلستي پهلوان اسرائيلي فوجن تي طنز ڪندو هو ۽ چوندو هو، ”اوهين جنگ جي لاءِ صفون ٻڌي ڇو بيهي رهيا آهيو؟ ڇا آءٌ فلستي ناهيان؟ ۽ ڇا اوهين سائول جا غلام ڪين آهيو؟ اوهين پاڻ منجهان هڪڙو ماڻهو چونڊي ڪڍو، جيڪو مون سان اچي مقابلو ڪري. جيڪڏهن اهو مون سان وڙهي سگهي ۽ مون کي ماري ڇڏي تہ اسين اوهان جا غلام ٿينداسين. پر جيڪڏهن آءٌ هن تي غالب ٿيس، ۽ کيس ماري ڇڏيم، تہ پوءِ اوهين اسان جا غلام ٿيندا ۽ اسان جي خدمت چاڪري ڪندا ... اڄ آءٌ بني اسرائيل جي لشڪر کي للڪاريان ٿو تہ منهنجي لاءِ ڪو مرد موڪليو جيڪو مون سان مقابلو ڪري“ 1- سموئيل 8:17-10).





اسرائيلن کي تجربو هو تہ خدا مدد ڪري ٿو ۽ ڇڏائي ٿو، مگر هو پوءِ بہ خوفزده هئا.

جالوت چاليهہ ڏينهن اها نفسياتي جنگ جاري رکي. هر روز صبح ۽ شام هو اسرائيلين جي اڳيان ايندو هو ۽ انهن کي للڪاريندو هو. هڪ ڏينهن ”يسي“ جو سڀ کان ننڍو پٽ حضرت دائود اوڏانهن اچي نڪتو. هن جا ٽي ڀائر فوج ۾ هئا. پيءُ هن کي ماني ڏيئي موڪليو تہ وڃي ڀائرن ۽ سندن آفيسر کي ڏيئي اچ. سندس پيءُ کيس هدايت ڪئي تہ سڀ شيون هنن کي پهچائي کانئن خيريت پڇي واپس موٽي اچ. جڏهن حضرت دائود اتي پهتو تہ اسرائيلي فوجون جنگ لاءِ پنهنجون صفون درست ڪري رهيون هيون ۽ جنگي نعرا هڻي رهيون هيون. حضرت دائود اُهي شيون داروغي جي حوالي ڪريون ۽ ڀائرن سان ملڻ لاءِ ميدانِ جنگ ڏانهن لوهہَ ڪئي. جڏهن هو انهن سان ڳالهائي رهيو هو تہ ٻئي طرف جالوت اچي پهتو. هن کي ڏسي اسرائيلي خوفزده ٿي ڀڄڻ لڳا. حضرت دائود سڄي صورتحال جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ هي ڪافر فلستي ڪير آهي، جيڪو جيئري خدا جي فوجن تي ڪلون ۽ چٿرون ڪري رهيو آهي ۽ هنن جي بي عزتي ڪري رهيو آهي؟ هن کي ٻڌايو ويو تہ هي ديو قامت پهلوان هر روز هن طرح اسرائيلي فوجن کي گاريون ڏيندو آهي ۽ للڪاريندو آهي. انهن انهيءَ کي اهو بہ ٻڌايو تہ جيڪو بہ هن پهلوان کي قتل ڪندو تہ سائول بادشاهہ هن کي انعام ڏيندو ۽ پنهنجي ڌيءُ جي شادي هن سان ڪرائيندو ۽ آئينده هن جي خاندان تي رکيل فوجي خدمتون بہ معاف ڪندو.

جڏهن حضرت دائود جي وڏي ڀاءُ، الياب هن کي

مختلف ماڻهن سان ڳالهائيندي ڏنو تہ هن تي ناراض ٿيو ۽ ڪيس چيائين تہ تون ڇو رڍن کي بيابان ۾ اڪيلو ڇڏي لڙائي ڏسڻ هليو آيو آهين؟ حضرت دائود جون ڳالهيون سائول بادشاهہ تائين پهتيون ۽ ڪيس بادشاهہ سڏائي چيو تہ تون ڇا ٿو چاهين؟ حضرت دائود ڪيس جواب ڏنو تہ دل نہ لاهيو، توهان جو هي خادم وڃي هن فلستيءَ سان وڙهندو. سائول هن کي جواب ڏنو تہ تون ان قابل ناهين. تون اڃان ڇوڪرو آهين ۽ هو ننڍي هوندي کان جنگي مڙس آهي (1- سموئيل 33-32:17).

تڏهن حضرت دائود بادشاهہ کي جهنگل ۾ شينهن ۽ رڇ کي مارڻ جو واقعو ٻڌايو. ان جي دعويٰ هئي تہ جنهن خدا مون کي ٻيلي ۾ شينهن ۽ رڇ جهڙن درندن کان بچايو، اهو خدا مون کي هن فلستي پهلوان کان بہ ضرور بچائيندو. پوءِ سائول بادشاهہ ڪيس وڙهڻ جي اجازت ڏني ۽ پنهنجي زرهہ بکتر ۽ تلوار ڪيس ڏني. حضرت دائود چيو جيئن تہ مون پهرين ڪڏهن بہ هنن هٿيارن کي نہ آزمايو آهي، تنهن ڪري انهن کي استعمال نہ ٿو ڪري سگهان. انهن هٿيارن جي جاءِ تي هن پنهنجي لٺ ۽ رڍن چارڻ وارو ٿيلهو کنيو ۽ هن جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ لهي آيو. ويندي مهل هن واديءَ مان پنج سٺيا پٿر بہ کنيا.

جالوت هن کي ڏسي هن کي حقير سمجهي هن تي طنز ڪندي چوڻ لڳو، "آءٌ ڪو ڪتو آهيان ڇا جو تون مون تي لٺ کڻي آيو آهين؟" (1- سموئيل 43:17) جالوت هن تي لعنت وڌي ۽ چوڻ لڳو تہ مان تو کي اڄ جانورن ۽ پکين جي خوراڪ بڻائيندس. حضرت دائود هن کي چيو تہ "تون مون





تي تلوار، نيزو ۽ ٻڙڇي کڻيو پيو اچين. پر آءٌ تو تي قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي لشڪر جي خدا جي نالي سان پيو اچان، جنهن کان تو حقارت ڪئي آهي. اڄوڪي ڏينهن خداوند تو کي منهنجي هٿ ۾ ڏيندو ۽ آءٌ تو کي ماري تنهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪندس. اڄوڪي ڏينهن آءٌ فلستين جي لشڪر جا لاشا پکين ۽ جهنگلي جانورن ڏانهن اڇلائيندس. اهڙيءَ طرح سڄيءَ دنيا کي خبر پوندي تہ بني اسرائيل جو هڪڙو خدا آهي ۽ هنن سڀني ماڻهن کي اها بہ خبر پوندي تہ خداوند تلوار ۽ نيزي سان نہ ٿو بچائي، ڇالاءِ جو جنگ جي فتح يا شڪست تہ خداوند جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو ئي اوهان کي اسان جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو." (1- سموئيل 47-45:17).

حضرت دائود پوءِ جاتي جالوت کي قتل ڪيو. سڀ هن واقعي کي ڄاڻن ٿا، پر هن مان جيڪو روحاني جنگ لاءِ سبق ملي ٿو، ان تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. مسيحي ماڻهن کي شيطان وڏو خوفناڪ طاقتور ۽ متڪبر ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو، بلڪل ائين جيئن جاتي جالوت اسرائيلين کي نظر ايندو هو. جاتي جالوت اسرائيلين کي للڪاريندو هو ۽ هو فلستين جو نمائيندو هو. کين چوندو هو تہ ڪو شخص اچي ۽ اسرائيلين جي نمائندگي ڪري. جالوت ۽ حضرت دائود جو مقابلو مثال آهي، شيطان ۽ عيسيٰ جي مقابلي جو. جيڪو انجام جالوت جو ٿيو اهڙو ئي انجام هن جي ماڻهن جو ٿيندو ۽ جهڙو انجام حضرت دائود جو ٿيو، اهڙو ئي انجام حضرت دائود جي ماڻهن جو ٿيندو. انهن ڏينهن ۾ ٻن نمائندن جي ذريعي ويڙهہ جو فيصلو ڪيو ويندو هو. اهڙو

فيصلو انهن جي عام دستور وٽان هو. جيڪو انجام شيطان جو ٿيو اهڙو ئي انجام انهن ماڻهن جو ٿيندو، جيڪي ان جي پويان هلن ٿا ۽ جو انجام ابن دائود عيسيٰ مسيح جو آهي، اهڙو ئي انجام هن جي پيروي ڪرڻ وارن جو آهي.

ايلن ريڊپاٿ حضرت دائود تي هڪ دلچسپ ڪتاب لکيو آهي "مردِ خدا جي تشڪيل". هو لکي ٿو ته حضرت دائود هتي خداوند عيسيٰ مسيح جو مثال آهي، جنهن ڪلوري جي جبل تي شيطان جي مٿان فتح حاصل ڪئي، ۽ اهو مثال خداوند جي هر هڪ شخص جو به مثال آهي، جيڪو ايمان ۽ فرمانبرداريءَ ذريعي هن سان هڪ ٿي وڃي ٿو. مسيح مٿو آهي ۽ اسان ان جو بدن آهيون. هن شيطان تي جيڪا فتح حاصل ڪئي آهي، * ان ۾ اسان به فتح حاصل ڪئي آهي. ريڊپاٿ حضرت دائود ۽ جالوت جي مقابلي مان ڪيترائي مثال ڏنا آهن، جيڪي عيسيٰ مسيح ۽ شيطان جي جنگ سان مطابقت رکن ٿا. هن حضرت دائود کي ڪيترن ئي مثالن ۾ عيسيٰ مسيح سان برابر ڪري پيش ڪيو آهي. مان هن طرح هيٺ انهن خيالن جو خلاصو اوهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿي.

1. حضرت دائود پاڪ روح جي وسيلي معمور ٿي ويو هو. جڏهن سموئيل نبيءَ هن کي اسرائيل جو بادشاهه بڻائڻ لاءِ مسح ڪيو ته "خداوند جو روح دائود تي هميشه نازل ٿيندو رهي." (1- سموئيل 13:16) ڪلي عام خدمت ڪرڻ کان اڳ عيسيٰ بپتسما ورتي. ان وقت هن کي به پاڪ روح جو مسح ڪيو ويو (متي 16:3-17).

* Alan Redpath, *The Making of a Man of God*, p. 24.





2. حضرت دائود کي هن جي پيءُ گهر مان ميدان جنگ ۾ موڪليو (1- سموئيل 17:17). خدا به عيسيٰ کي آسماني گهر مان هن گنهگار دنيا ۾ موڪليو ته جيئن شيطان ۽ هن جي ڪمن کي نيست و نابود ڪري، پيءُ پٽ کي دنيا جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ ڪري موڪليو (1- يوحنا 14:4).
3. حضرت دائود جي ڀائرن هن تي ڪلون ۽ ڇٽرون ڪريون (1- سموئيل 28:17). هن جي بي عزتي ڪئي وئي ۽ هن کي جنگ ڪرڻ جي قابل نه ڄاتو ويو. عيسيٰ سان به حقارت ڪئي وئي ۽ ماڻهن هن کي رد ڪيو هو(يسعياه 3:53).
4. جالوت سان مقابلي کان پهريان حضرت دائود کي آزمايو ويو ۽ پنهنجي پيءُ جي رڍن جي رکوالي ڪندي هن بيابان ۾ شينهن ۽ رڇ کي ختم ڪيو هو. چاليهن ڏينهن جي روزي جي دوران عيسيٰ به بيابان ۾ شيطان تي غالب ٿيو هو. سڄي زندگي عيسيٰ کي به آزمايو ويو (عبرانين 5:7-8). شخصي چڪتاڻ ۽ فتحيابي حضرت دائود ۽ عيسيٰ ٻنهي ڄڻن کي اعلانيه جنگ لاءِ تياري عطا ڪئي. حضرت دائود ايلبه جي واديءَ ۾ جالوت تي فتح حاصل ڪئي ۽ عيسيٰ وري يروشلم شهر جي ٻاهر صليب تي شيطان مٿان فتح حاصل ڪئي.
5. حضرت دائود جو ڀروسو خدا تي هو. هن جالوت کي چيو ته "تون مون تي تلوار، نيزو ۽ ٻڇي ڪنيون پيو

اچين. پر آءٌ تو تي قادرِمطلق خداوند، بني اسرائيل جي لشڪر جي خدا جي نالي سان پيو اچان .... اهڙيءَ طرح سڄيءَ دنيا کي خبر پوندي تہ بني اسرائيل جو هڪڙو خدا آهي ۽ هتن سڀني ماڻهن کي اها بہ خبر پوندي تہ خداوند تلوار ۽ نيزي سان نہ ٿو بچائي، ڇالاءِ جو جنگ جي فتح يا شڪست تہ خداوند جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو ئي اوهان کي اسان جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو.“ (1- سموئيل 45:17، 47). اهڙيءَ طرح عيسيٰ پنهنجو پاڻ کي خدا جي حوالي ڪندو هو ۽ خدا هن جي حمايت ڪندو هو (لوقا 46:23 ۽ رومين 4:1).

6. حضرت دائود روحاني اصولن ۽ هٿيارن تي ڀروسو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ئي هن غلبو حاصل ڪيو. هن دنياوي طريقن کي رد ڪيو. سائول چاهيو هو تہ حضرت دائود سندس زره بڪتر پائي تہ جيئن جالوت وانگر تي وڃي. حضرت دائود ان خيال کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو. هن ڄاتو ٿي تہ جالوت جو نقل ڪرڻ اجايو آهي (ذڪريا 6:4، 2- ڪرنٿين 5-3:10). هن کي خدا جي طريقن ۽ خدا جي روح تي ڀروسو هو. اهو ئي حال عيسيٰ مسيح جو هو. عيسيٰ فرشتن جي لشڪر کي بہ سڏي سگهيو ٿي تہ جيئن هن لاءِ اچي وڙهن، پر هن فتح جي لاءِ اهو رستو اختيار ڪيو، جيڪو هن جي آسماني پيءُ مقرر ڪيو هو (متي 53:26، فلپين 11-6:2).

7. سڀ اسرائيلي حضرت دائود جي فتح ۾ شامل ٿيا. اهڙيءَ طرح سڀ ايماندار شيطان تي مسيح جي فتح ۾





شامل ٿي سگهن ٿا.

جيڪڏهن اڄ اسين شيطان تي فتح ڪرڻ چاهيون ٿا تہ حضرت دائود وانگر دنياوي طور طريقن ۽ جسماني هٿيارن کي ترڪ ڪرڻو پوندو ۽ عيسيٰ جي فتح ۾ اسان کي داخل ٿيڻو پوندو. نئين عهدنامي ۾ پولس رسول اها ئي تعليم ڏني ٿو ۽ اهو ئي سبق ڏئي ٿو، جيڪو حضرت دائود ۽ جاتي جالوت جي ڪهاڻيءَ مان اسان کي ملي ٿو. اچو تہ اسان افسين ڏانهن خط ۾ ان روحاني جنگ جي باري ۾ هڪ اهم حصي تي غور ڪريون. ڏسو افسين 10:6 - 18.

افسين جي خط جي شروع ۾ پولس رسول پاڪ روح جو ذڪر ڪيو آهي. اسان کي مسيح ۽ پاڪ روح جي حوالي ڪان ان جنگ جي باري ۾ بہ سوچڻ گهرجي. خدا واحد جا هٿيار پائڻ گهرجن. پهرين ئي باب ۾ پولس رسول عقيدي تثليث جو بيان ڪيو آهي. خدا پيءُ مسيح ۾ سڀني ايماندارن کي تمام روحاني برڪتون ڏني ٿو ۽ جيئن ئي اهي مسيح سان هڪ ٿي ويندا آهن تہ پاڪ روح جي طاقت ۽ ان جون بيشمار نعمتون ڪين ڏنيون ويندون آهن. انهن نعمتن کي بار بار نئين طريقي سان قبول ڪرڻ جي ضرورت آهي. پاڪ روح ايماندار تي خدا جي مهر هوندو آهي، يعني هن جي آقا ۽ مالڪ جو ذاتي نشان هن تي لڳي ويندو آهي. هڪ مسيحي خدا جي ملڪيت هوندو آهي، شيطان جي نہ. پوءِ وري ٻئي باب جي ارڙهين آيت ۾ تثليث جو بيان آهي. ”مسيح جي وسيلي اسان ٻنهي يعني يهودي ۽ غير يهودين کي هڪڙي ئي پاڪ روح جي ڪري پيءُ تائين پهچ حاصل ٿي آهي.“

باب چوٿين جي ٽئين کان پنجين آيت ۾ ايماندارن

ڪي تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ پاڪ روح ۾ ايڪو برقرار رکو. هڪ ئي روح آهي. هڪ ئي بدن آهي ۽ هڪ اميد آهي. هڪ ئي خداوند آهي. هڪ ئي ايمان ۽ هڪ ئي بپتسما ۽ سڀني جو خدا بہ هڪ ئي آهي. ايماندار ڪي موقعو آهي تہ هو خدا پيءُ، فرزند ۽ روح القدس جي هيڪڙائيءَ وسيلي فتح پائي. پوري خط ۾ پولس رسول هن ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ ايماندار پاڪ روح ۽ مسيح ۾ آهي. افسين جوخط يوناني زبان ۾ آهي. اصلي زبان جي باب ٻئي جي ايڪهين آيت هنن لفظن تي ختم ٿئي ٿي "خداوند ۾" ۽ ان ڪان اڳين آيت جي آخري لفظن جو هڪ حصو آهي "پاڪ روح ۾." انسان مسيح ۾ آهي ۽ مسيح پاڪ روح جي وسيلي انسان ۾ رهندو آهي. ٻئي هڪ ٿين ٿا.

يوحنا جي انجيل جي پندرهين باب ۾ انگور جي وڻ ۽ ان جي شاخن جو مثال هن ڳالهہ جي وضاحت ڪري ٿي. نئين عهدنامي جي هيءَ دعوىٰ آهي ۽ هن ۾ ان تعليم تي خاص زور ڏنل آهي، تہ مسيحي زندگيءَ ۾ طاقت صرف هڪ طرح سان حاصل ٿي سگهي ٿي تہ پاڪ روح ذاتي لحاظ ڪان مسيح ۾ سڪونت ڪري. اسان ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ڪجهہ چئي ڇڏيندا آهيون يا اسانجي سوچ ۾ تلخي اچي ويندي آهي تن ڳالهين سان اسان آسانيءَ سان خدا ڪي ناراض ڪري ڇڏيندا آهيون. اسان ڪي حڪم ڏنو ويو آهي تہ ڪبوتر وانگر نازڪ پاڪ روح ڪي رنجيده نہ ڪريو (افسين 30:4).

افسين 18:5 ۾ فعل حال جاري (تاڪيدي) استعمال ٿيو آهي تہ جيئن "پاڪ روح سان پرپور ٿيندا وجو." روزاني زندگيءَ جي دٻاءَ ۽ ڇڪ تي فتح ۽ خوشي، شراب نوشيءَ





سان حاصل نہ ٿي ٿئي، پر خدا جي پاڪ روح سان حاصل ٿئي ٿي، ڇو تہ هو هر لمحي تيار آهي تہ اسان هن سان معمور ٿيندا وجون. پر شرط اهو آهي تہ اسان هن جي خلاف گناهہ نہ ڪريون ۽ نہ ئي هن ڪي ناراض ڪريون.

تنهن ڪري تثليث ۽ خدا سان تعلق جو گهرو تجربو ضروري آهي ۽ هن طرح ئي اسان هن جا سپاهي ٿي رهي سگهون ٿا. اهو ئي سبب آهي تہ پولس رسول اهڙين هدايتن ۽ تعليم ڪان پوءِ خط جي آخر ۾ روحاني جنگ جي باري ۾ سيکاري ٿو. جڏهن هن اهو خط لکيو يا ڪنهن ٻئي ڪان لکايو انهيءَ وقت پولس خود هڪ رومي سپاهيءَ سان گڏ زنجيرن سان ٻڌل هو ۽ قيد ۾ هو. جيڪا تصوير هن پيش ڪئي آهي، سا انهن ئي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن جي مراد هرگز نہ هئي تہ هڪ مسيحي، روحاني هٿيار هڪ هڪ ڪري پائي. هن جي تصور ۾ هڪ مڪمل حفاظتي لباس هو. يونانيءَ ۾ هٿيارن لاءِ جيڪو لفظ استعمال ٿيو آهي، سو واحد آهي. اهو ايماندار ڪي ترغيب ڏئي ٿو تہ مسيح ڪي پايو يعني هڪ شخص ڪي نہ ڪنهن شيءِ ڪي. شيطان تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان مسيح جو لباس پايون. حضرت دائود جيئري خدا تي ڀروسو رکيو ۽ جالوت تي فتح حاصل ڪئي. جيڪڏهن اسين پاڪ روح جي وسيلي عيسىٰ مسيح ۾ آهيون تہ پوءِ اسان ڪڏهن بہ شڪست نہ ٿا کائي سگهون. اسان جو مقابلو گوشت ۽ رت واري جالوتن سان نہ آهي، پر انهن شيطاني طاقتن سان آهي، جيڪي جالوتن ڪي ڪنٽرول ڪن ٿيون. جنهن گوشت ۽ رت ڪي شيطان استعمال ڪري ٿو، ان سان اسان جي ڪابہ دشمني نہ آهي. اسان شيطان ڪان نفرت ڪريون، نہ انهن ڪان جن ڪي

شيطان استعمال ڪري ٿو. اسان کي پنهنجن دشمنن لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي اسان جي مخالفت ڪن ٿا ۽ اسان کي تنگ ڪن ٿا انهن لاءِ برڪت گهرون.

حضرت دائود چيو ته ”خدا ئي آهي جيڪو منهنجي ڪمر تي سندرو ٻڌي ٿو .... هُن منهنجي هٿن کي جنگ جي سکيا ڏني آهي“ (زبور 32:18، 34).

خدا اسان کي سٺن هٿيارن تي مشتمل بارود ڏئي ٿو. ست ڪامليت جو انگ آهي. خدا جا اهي هٿيار ان جنگ ۾ مڪمل دفاع فراهم ڪن ٿا ۽ اهو خود مسيح آهي. هر ايماندار ان جنگ ۾ شامل آهي. چند لمحن لاءِ پولس رسول سپاهيءَ جي تصوير تبديل ڪري، هڪ پهلوان جي تصوير پيش ڪري ٿو ته مون کي ۽ اوهان کي ڪشتي وڙهڻي آهي. جنگ هجي يا ڪشتي اسان اڪيلا نه آهيون.

اچو ته افسين 6:10-18 کي وڌيڪ غور سان ڏسون ۽ هر آيت تي الڳ الڳ سوچيون:

**آيت** 10:

اهي ”خدا جا هٿيار“ آهن، يعني اهي هٿيار جيڪي هو پاڻ ڏئي ٿو. ”زورآور ٿيو“ - يونانيءَ ۾ فعل حال مجهول استعمال ٿيو آهي، يعني لاڳيتو طاقت حاصل ڪندا رهو.

**آيت** 11:

ابليس طاقت سان گڏوگڏ ڏوکي ۽ فريب کي به استعمال ڪري ٿو. هتي جيڪا به تصوير اڳيان اچي ٿي، اها فوج جي مارچ ڪرڻ يا حملو ڪرڻ واري نه آهي، پر آسماني بادشاهه جي لاءِ روح ۽ ڪليسيا جي قلعي جي حفاظت ڪرڻ واري آهي.





**آيت** 12:

اسان جي ڪشتي رت ۽ گوشت سان نه، پر شيطان ۽ ان جي نمائندن سان آهي.

**آيت** 13:

”سڀ ڪجهه ڪرڻ کان پوءِ“ - يونانيءَ ۾ جيڪو فعل استعمال ٿيو آهي. اها تصوير جنگ يا يوناني راندين کان آهي، ۽ ان جو مطلب ڪامياب ٿيڻ.

**آيت** 14:

سچ جو سندرو چيلهه سان ٻڌو يعني اهڙي سپاهي وانگر، جيڪو پنهنجي ڊيوٽيءَ لاءِ تيار آهي ۽ پنهنجن عام ڪپڙن تي پٽڪو ٻڌي ٿو ته جيئن ان جي مٿان جنگي هٿيار هڻي سگهي، جيئن ”سچائيءَ جي زره“.

**آيت** 15:

پيرن ۾ صلح جي خوشخبريءَ جي تياريءَ جا جوتا.

**آيت** 16:

ايمان جي ڍال

**آيت** 17:

نجات جو لوهي ٽوپ ۽ روح جي تلوار.

سڀ هٿيار انهيءَ ترتيب سان بيان ڪيا ويا آهن، جنهن ترتيب سان هڪ سپاهي انهن کي پائيندو آهي. جڏهن اسان ”مسيح کي پائڻ“ تي غور ڪريون ٿا ته پوءِ هيٺيون ڳالهيون ياد رکون:

**هن جي سچائي:** هو چاهي ٿو ته اسان جي باطن ۾ سچائي هجي، ديانتداري ۽ خلوص هجي.

**هن جي راستبازي**: اسان جا عمل سچا ۽ صحيح هجن. سٺن عملن سان غفلت سان زره بکتر ۾ سوراخ ٿي وڃي ٿو.

**هن جي صلح يا اطمينان**: جيڪو اطمينان هو اسان جي دل ۾ عطا ڪري ٿو، اهو هر طرح جي تڪليف ۽ مصيبت ۾ اسان کي سنڀالي ٿو (يوحنا 33:16).

**هن جو ايمان**: جيڪو ايمان هو عنايت ڪري ٿو، اهو خدا تي توڪل آهي.

**هن جي نجات**: ماضيءَ جي گناهن کان بچائڻ جو بندوبست ۽ هاڻي ڪثرت واري زندگي ۽ ابدي محافظت.

**هن جو روح**: جيڪو پاڪ لکتن جا راز اسان تي ظاهر ڪري ٿو ۽ مسيح ڏانهن راغب ڪري ٿو.

ارڙهين آيت ۾ پولس رسول هر وقت ۽ هر طرح سيني ايماندارن جي واسطي روزانو بنا وقفي جي دعا ڪرڻ جو تاڪيد ڪري ٿو. سيني هٿيارن کي دعا سان پائڻ ضروري آهي. هن جنگ ۾ موڪل يا ٻي ڪا ڳالهه جائز نه آهي. نحمياه ۽ هن جي ساٿين جڏهن يروشلم جي ديوار کي ٻيهر تعمير ڪيو ته هر ماڻهو هڪ هٿ سان ڪم ڪندو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿيار جهليندو هو. اهڙيءَ طرح اسان کي هن جنگ ۾ هر طرح سان چوڪس ۽ تيار رهڻ گهرجي ڇو ته ڪا خبر نه آهي ته دشمن ڪنهن مهل وار ڪري. ان لاءِ سيني ڪمن کي انجام ڏيئي اسان کي مضبوطيءَ سان تيار رهڻ گهرجي ته جيئن شيطان کي موقعو نه ملي. شيطان کي موقعو نه ڏيڻ ئي دنيا تي فتح آهي. شيطان اسان کي ڪنهن غلط ڪم ڪرڻ جي آزمائش ۾ نه ٿو وجهي پر هن کي اسان جي درست





ڪم ڪرڻ تي اعتراض آهي. ان لاءِ هو اسان تي حملو ڪري ٿو. اسان کي هن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ هن کي پٺي نه ڏيکارڻ گهرجي. ڪنهن لکيو آهي ته ”جڏهن غلط ڪم ڪرڻ جي آزمائش ٿئي ته حضرت يوسف وانگر ڀڄڻ گهرجي جيئن هو فوطيفار جي زال کان ڀڳو هو. جڏهن درست ڪم ڪرڻ جي ڪري اوهان کي ڌمڪي ملي ته ائين قائم رهو، جيئن نبي دانيال بادشاهه نبوڪدنضر جي شينهن جي غار ۾ قائم رهيو هو.“

جڏهن اسان ٻين سان ملي ڪنهن کي شيطان جي قبضي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش يا خدمت ۾ حصو وٺون ٿا ته اسان تي ضرور حملا ٿيندا. جيڪي گناهه يا شيطان کان آزاد هوندا، انهن تي به حملا ٿيندا. مون ڏٺو آهي ته افسين جي خط جو اهو حصو ۽ پاڪ ڪلام جا ٻيا حصا زباني ياد ڪرڻ سان پڙهيل يا اڻ پڙهيل هر قسم جي ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو ٿئي ٿو. اهو ڪلام شيطاني حملي جي وقت گهڻو ڪم اچي ٿو. مسيح خود آزمائش دوران ۽ مرڻ وقت پاڪ لکتن کي استعمال ڪيو هو. اسان پڻ پاڪ ڪلام جي مدد سان فتح حاصل ڪري سگهون ٿا.

باب يارهون

# شيطان جي چوٽڪاري کان پوءِ تعليم

خداوند عيسيٰ مسيح هن ڳالهہ کان خبردار ڪيو آهي تہ ڪنهن روحاني جاءِ کي خالي نہ ڇڏيو. روحاني گهر کي خالي ڇڏڻ ڪيترو نہ خطرناڪ آهي. ڪنهن روحاني گهر کي پاڪ صاف ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان ۾ سنيون شيون جيڪڏهن نہ رکيون وڃن تہ شيطاني طاقتون ٻيهر ان تي قبضو ڪري وٺن ٿيون. پاڪ صاف ڪرڻ جي عمل ۾ شيطاني طاقتون ناراض ٿي ويندڀون آهن ۽ ڪوشش ڪنديون آهن تہ وڏيڪ تعداد ۾ گهڻي قوت سان وري قبضو ڪن. شيطان خداوند عيسيٰ مسيح جي اختيار، هن جي نالي ۽ هن جي حمد ۽ ستائش جي سامهون بيهي نہ سگهندو آهي. جنهن ماڻهو شيطان جي قبضي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو آهي يا ڪنهن بہ طرح جيڪو شخص پهريان شيطان جي قبضي ۾ هو ۽ هاڻي آزاد ٿي چڪو آهي، ضروري آهي تہ ان شخص جي مدد ڪئي وڃي تہ جيئن اهو ابليس جي حملن کان محفوظ ٿي سگهي. ڪيئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي هن کي فورن سکڻ گهرجن ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

مسيح ۾ وڌڻ ۽ پنهنجي مسيحي زندگيءَ ۾ مسلسل فتح حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون بہ آهن جن کي سکڻ ۾ ڪافي دير لڳي ٿي. بائيبل مقدس جا





ڪيئي سبق، عقيدا ۽ آيتون آهن جيڪي هن ڪم ۾ مدد ڪن ٿيون ۽ خاص طور تي فائدي مند ٿين ٿيون. مان بائيبل مقدس جي مطالعي لاءِ چار خاڪا پيش ڪيان ٿي جيڪي اهڙن ماڻهن لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿا جن شيطان جي قبضي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو آهي. هن جي مطالعي جي طريقہ ڪار لاءِ ضروري آهي تہ اهي ماڻهو، جن لاءِ خاڪا پيش ڪيان ٿي، اهي پڙهيل لکيل هجن. پر ساڳئين وقت اڻ پڙهيل ماڻهو ڪيسٽن جي مدد سان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

## مطالعو نمبر 1:

## خداوند عيسيٰ مسيح جو اختيار

**حوالو:** متي 16:28-20
**زباني ياد ڪرڻ جي آيت:** متي 18:28
**مرڪزي خيال:** سچو اختيار عيسيٰ مسيح جو آهي.

**مطالعي جو خاڪو:**

1. هن ميٽنگ جو انتظام ڪنهن ڪيو؟ (متي 16:28)
2. هن ميٽنگ ۾ ڪير ڪير حاضر هو؟ (متي 16:28)
3. هيءَ ميٽنگ ڪڏهن ٿي؟
4. شاگردن جڏهن عيسيٰ مسيح کي ڏٺو تہ هنن ڇا ڪيو؟ (متي 17:28)
5. ڪجهہ شاگردن ڇا ڪيو؟ (متي 17:28)

6. اوهان جي خيال مطابق انهن شڪ ڪيو ته عيسيٰ ڪير آهي، يا هو واقعي ٻيهر جيئرو ٿيو آهي، يا هو اختيار ۽ قوت جو مالڪ آهي؟ (يوحنا 20:27-28)
7. عيسيٰ ڪيترن شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي؟ (متي 28:18)
8. ڇا عيسيٰ ڪو واعظ ڪيو يا بي تڪلفيءَ واريون ڳالهيون ڪريون؟ (متي 28:18)
9. عيسيٰ ڪيترو اختيار رکي ٿو؟ (متي 28:18)
10. عيسيٰ کي اهو اختيار ڪنهن ڏنو آهي؟
11. هيٺين ڳالهين تي عيسيٰ مسيح جي اختيار جا مثال ڏيو:
   a. طوفان تي (لوقا 8:22-25)
   b. گناهه تي (مرقس 2:1-12)
   c. موت تي (يوحنا 11:43-44)
   d. حڪمرانن تي (يوحنا 19:11)
   e. پنهنجي ڪليسيا تي (متي 16:18)
   f. ابليس تي (متي 4:10-11)
12. ڇا عيسيٰ پنهنجو اختيار ٻين کي ڏئي ٿو؟ (متي 28:19)
13. لفظ شاگرد جو مطلب ڇا آهي؟
14. ڪير شاگرد بڻائي ٿو؟ (متي 28:19)
15. شاگردن کي ڪنهن جي نالي سان بپتسما ڏيڻي آهي؟ (متي 28:19)





16. انهن کي ڪهڙي تعليم ڏيڻي آهي؟ (متي 28:20)
17. متي 28:18-20 مان هيٺ ڏنل ڳالهين تي غور ڪريو:
   a. عيسيٰ مسيح جو واعدو
   b. عيسيٰ مسيح جو حڪم
   c. عيسيٰ مسيح جي دعويٰ
18. عيسيٰ مسيح جي حڪم جا چار حصا ڪهڙا آهن؟
19. ڇا عيسيٰ مسيح تمام ملڪن، قومن، قبيلن ۽ ماڻهن جو خداوند آهي؟
20. ڇا عيسيٰ مسيح سيني ڏينهن، مهينن، سالن ۽ صدين جو خداوند آهي؟

## دعا:

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تنهنجي ڪل اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، ڪل ڪائنات تي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، گناهه تي تنهنجي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي تعريف ۽ ثنا ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، موت تي تنهنجي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، حڪمرانن تي تنهنجي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، ڪليسيا تي تنهنجي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، ابليس تي تنهنجي اختيار جي لاءِ اسان تنهنجي تعريف ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، اسان تنهنجو شڪر ڪريون ٿا تہ تون هيٺ ڏنل ڳالهين تي اختيار رکين ٿو:

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

آمين

## مطالعو نمبر 2:

## خداوند عيسيٰ مسيح جو نالو

**حوالو:** متي 1:18-23 ۽ ڪلسين 1:15-23

**زباني ياد ڪرڻ جي آيت:** متي 1:21

**مرڪزي خيال:** ڪنهن بہ ٻئي جي هٿ ۾ ڇوٽڪارو نہ آهي، ڇا لاءِ جو آسمان جي هيٺان ماڻهن کي ٻيو ڪو بہ نالو ڏنل ڪونهي جنهن جي وسيلي اسان کي ڇوٽڪارو ملي (رسولن جا ڪم 4:12).

**مطالعي جو خاڪو:**

متي 1:18-23 پڙهو ۽ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو:





1. ٻار جو نالو عام طور تي ڪير رکندو هو؟
2. بيبي مريم جي پٽ جو نالو ڪنهن چونديو؟
3. بيبي مريم ۽ يوسف کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ ٻار جو نالو ڪهڙو رکڻو آهي؟
4. هن نالي جو مطلب ڇا آهي؟
5. هي نالو ڇو رکيو ويو؟
6. ٻار کي ڪهڙو ٻيو نالو ڏنو ويو؟
7. ڪنهن اڳڪٿي ڪئي هئي تہ ٻار جو نالو هي هوندو؟
8. هن ٻئي نالي جو ڇا مطلب آهي؟
9. اوهان ٻار جا ڪي ٻيا نالا ڄاڻو ٿا؟ اهي نالا ڪهڙا آهن؟
10. اوهان کي هن جا جيترا نالا ياد آهن، هر هڪ نالو ڪٽي سندس ساراهہ ڪريو.

ڪلسين 1:15-23 پڙهو پوءِ هيٺ ڏنل ڪم ڪريو:

11. هن حصي ۾ جيڪي ڳالهيون خداوند عيسيٰ مسيح جي باري ۾ چيون ويون آهن، انهن جي فهرست ٺاهيو.
12. هاڻ هر ڳالهہ جو مطلب ٻڌايو.
13. انهن سڀني نالن جي لاءِ خداوند عيسيٰ مسيح جي ساراهہ ڪريو.

## دعا:

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون جيڪو اڻ ڏٺل خدا جي صورت آهين، اسين تنهنجي تعريف ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون جيڪو تمام مخلوق

کان اڳ پيدا ٿيل آهين، اسين تنهنجي ثنا ڪريون ٿا.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تو مان ئي سڀ شيون پيدا ڪيون ويون آهن، آسمان جون هجن يا زمين جون، ڏٺل هجن يا اڻ ڏٺل، تخت هجن يا رياستون، حڪومتون يا اختيار، سڀ شيون تنهنجي وسيلي ۽ تنهنجي واسطي پيدا ٿيون، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون سڀني شين کان اڳ ۾ آهين، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تو ۾ ئي سڀ شيون قائم رهن ٿيون، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون بدن يعني ڪليسيا جو سر آهين، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون شروع ۽ آخر آهين، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تون مردن مان زنده ٿي اٿڻ ۾ پهريتو آهين، تنهنجو درجو اول آهي، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، پيءُ جي سڄي معموري تو ۾ سڪونت ڪري ٿي، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

اي خداوند عيسيٰ مسيح، تو پنهنجي رت جي سبب سان جيڪو صليب تي وهيو، صلح ڪري، سڀني شين جو خدا سان لاڳاپو ڪرايو، اسين تنهنجي ثنا ٿا ڪريون.

هڪڙي ئي خدا، پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جي ثنا ٿئي. آمين.





# مطالعو نمبر 3:

# خداوند عيسيٰ مسيح جو رت

**حوالو**: مڪاشفو 12:7-12

**زباني ياد ڪرڻ جي آيت**: مڪاشفو 11:12

**مرڪزي خيال** : مسيح جي رت وسيلي اسان ابليس تي فتح حاصل ڪريون ٿا.

**مطالعي جو خاڪو**:

1. ڪنهن ڪنهن جي وچ ۾ لڙائي ٿي؟ (مڪاشفو 7:12)
2. ميڪائيل ڪير آهي؟ (مڪاشفو 7:12)
3. ابليس کي ڪهڙا ڪهڙا نالا ۽ لقب ڏنا ويا آهن؟ (مڪاشفو 9:12-10)
4. هر نالو يا لقب ڪهڙي ڳالهه جي وضاحت ڪري ٿو؟ (مڪاشفو 9:12-10)
5. ايماندار، ابليس تي ڪيئن فتح حاصل ڪري سگهي ٿو؟ (مڪاشفو 11:12)
6. عيسيٰ مسيح کي گهيٽو چو چيو ويو آهي؟ (1- پطرس 18:1-20)
7. فسح جو گهيٽو ڪهڙين ڳالهين جي ڪري عيسيٰ مسيح جي تصوير يا مثال آهي؟ (خروج 5:12، 6، 12، 13).
8. يوحنا بپتسما ڏيڻ واري، خدا جي گهيٽي جي باري ۾ ڇا چيو آهي؟ (يوحنا 29:1)
9. يوحنا رسول گهيٽي جي باري ۾ ڇا چوي ٿو؟ (مڪاشفو 6:5-10)

10. اسين خدا جي مرضي پوري ڪرڻ جي قابل ڪهڙيءَ طرح بڻايا وڃون ٿا؟ (عبرانين 13:20-21)
11. ابليس جي حملن ۾ ڇو شدت پيدا ٿي ويندي؟ (مڪاشفو 12:12)
12. آخري فتح ڪنهن کي حاصل ٿيندي؟ (مڪاشفو 14:17)

## دعا:

اي خداوند خدا، اسين تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا تہ اسان جا گناهہ تنهنجي گهيٽي جي رت سان صاف ڪيا ويا.

اي خداوند خدا، اسين تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا تہ تون اسان کي پنهنجي رت جي وسيلي هر روز پاڪ صاف ڪرين ٿو.

اي خداوند خدا، اسين تنهنجي ساراهه ڪريون ٿا تہ اسين گهيٽي جي خون جي ڪري ابليس تي غالب اچون ٿا.

هڪڙي ئي خدا پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جي ثنا ٿئي. آمين.

# مطالعو نمبر 4:
# خداوند عيسيٰ مسيح جي ثنا

**حوالو:** زبور 136 (هڪ گروپ هر آيت جو پهريون حصو پڙهي ۽ ٻيو گروپ جواب پڙهي.)

**زباني ياد ڪرڻ جي آيت:** عبرانين 15:13

**مرڪزي خيال:** جيڪڏهن خدا واقعي آهي تہ ان جي ثنا ٿيڻ کپي.





**مطالعي جو خاڪو:**

1. ڇا اسين پاڪ دل ڪانسواءِ خدا جي ستائش يا ثنا ڪري سگهون ٿا؟ (زبور 10:51، 15)
2. ڇا حمد و ثنا ڪرڻ خدا جي نعمت آهي؟ (زبور 15:51)
3. ڇا اسان کي هر روز ۽ هر حال ۾ خدا جي حمد و ثنا ڪرڻ گهرجي؟ (زبور 1:34)
4. جيڪي اهڙيءَ طرح خدا جي حمد و ثنا ڪن ٿا، پولس رسول ۽ سيلاس ڪهڙيءَ طرح انهن جي لاءِ نمونو آهن؟ (رسولن جا ڪم 16:23-25)
5. ڇا اسين پاڪ روح ڪانسواءِ يا ان جي مدد جي بغير اهڙي حمد ۽ ستائش ڪري سگهون ٿا، جيڪا خدا کي مقبول هجي؟ (يسعياه 61:1-3)
6. جيڪڏهن اسين خداوند عيسيٰ مسيح کي نہ سڃاڻندا هجون، تہ ڇا اسين لائق يا درست طور خدا جي حمد ۽ ستائش ڪري سگهون ٿا؟ (1- پطرس 2:5)
7. خدا گهڻو ڪري ٻارن ذريعي حمد ۽ ستائش ڇو قبول ڪندو آهي؟ (متي 21:16)
8. ڇا اسين رڳو پنهنجن چپن سان لائق يا درست نموني خدا جي عبادت ڪري سگهون ٿا؟ (مرقس 7:6-7)
9. گهر جي دروازن جو نالو "حمد" رکڻ جو ڇا مطلب آهي؟ (يسعياه 18:6)
10. ڇا حمد ۽ ستائش صرف خدا جي لاءِ آهي؟ (يسعياه 8:42)

## دعا:

سڀ: خدا پيءُ، پٽ ۽ روح القدس جي نالي سان.

هادي : خدا اسان جو پيءُ آهي.

جواب: اي خدا اسان جا پيءُ اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: خدا اسان جو خالق آهي.

جواب: اي خدا اسان جا خالق اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: خدا اسان جو سهارو آهي.

جواب: اي خدا اسان جا سهارا، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: خدا اسان جو مددگار آهي.

جواب: اي خدا اسان جا مددگار، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: خدا اسان جو بادشاهه آهي.

جواب: اي خدا اسان جا بادشاهه، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: خدا اسان جو خداوند آهي.

جواب: اي خدا اسان جا خداوند، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: عيسيٰ مسيح اسان جو ريدار آهي.

جواب: اي عيسيٰ مسيح اسان جا ريدار، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: عيسيٰ مسيح اسان جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي.

جواب: اي عيسيٰ مسيح اسان جا ڇوٽڪارو ڏيندڙ، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.





هادي: عيسيٰ مسيح اسان جو مالڪ آهي.

جواب: اي عيسيٰ مسيح اسان جا مالڪ، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: عيسيٰ مسيح اسان جو خداوند آهي.

جواب: اي عيسيٰ مسيح اسان جا خداوند، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: روح القدس اسان جو مددگار آهي.

جواب: اي روح القدس اسان جا مددگار، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: روح القدس اسان جو رهنما آهي.

جواب: اي روح القدس اسان جا رهنما، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: روح القدس اسان کي زندگي بخشڻ وارو آهي.

جواب: اي روح القدس اسان کي زندگي بخشڻ وارا، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

هادي: روح القدس اسان جو خداوند آهي.

جواب: اي روح القدس، اسان جا خداوند، اسين تنهنجي حمد ڪريون ٿا.

جلال، خدا پيءُ، پٽ ۽ روح القدس لاءِ آهي. آمين

# علم نجوم منهنجو مشغلو هو

(آسولڊ چڪراورتي جي زندگيءَ جي ڪهاڻي)

## ڪتاب ۽ چارٽ

مان جڏهن پندرنهن سالن جو هوس تڏهن منهنجي چاچي مون کي علم نجوم تي ڪجهه ابتدائي ڳالهيون سيکارڻ شروع ڪيون. مون کي ڪتاب ۽ زائچا وغيره پڙهندي چند مهينا ٿيا هئا ته منهنجي هڪ دوست مون کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو. مون فيصلو ڪيو ته هن جو هٿ ڏسڻ جي بجاءِ ان وقت جو زائچو ٺاهيان، جنهن وقت هن مون کان عرض ڪيو هو. جڏهن مون هن جو هٿ ڏسڻ کان سواءِ هن جي ماضيءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون هن کي ٻڌائي ڇڏيون ته هو ڏاڍو حيران ٿيو. مون اڳڪٿي ڪئي ته هن کي هڪ ڪارخاني ۾ نوڪري ملي ويندي ته هن منهنجو يقين نه ڪيو. پر چند هفتن کان پوءِ هو اچي مون کي مبارڪ ڏيڻ لڳو ڇو ته منهنجي ڪيل اڳڪٿي درست ثابت ٿي هئي. اهڙا واقعا منهنجي حوصلہ افزائي ڪندا رهيا ته علم نجوم جو وڌيڪ مطالعو ڪندو رهان.

پر پوءِ خدا مون کي روحاني طور تي جيئرو ڪيو ۽ ڪجهه مهينن تائين منهنجي علم نجوم مان دلچسپي گهٽجي ويئي. مون ڪجهه دوستن سان مشورو ڪيو ته مون





کي هن علم جو مطالعو جاري رکڻ گهرجي يا نه. انهن دوستن جو خيال هو ته علم نجوم هڪ سائنسي علم آهي ۽ ان کي پڙهڻ سان ڪوبه حرج نه آهي، پر ان سان ته ماڻهن جي مدد ڪري سگهجي ٿي. پر اها انهن جي وڏي غلطي هئي.

مون هن علم جا گهڻا ئي ڪتاب پڙهيا. جڏهن ڪوبه مون وٽ صلاح جي لاءِ ايندو هو ته مان ان وقت جو زائچو تيار ڪندو هوس، جنهن جي باري ۾ مون کان سوال ڪيل هوندو هو. زائچي ۾ جيڪو ڪجهه ظاهر هوندو هو، مان سوال کي ذهن ۾ رکي انهن تمام ڳالهين تي غور ڪندو هوس. منهنجي دماغ ۾ ڪيترائي خيال ايندا هئا ۽ يڪدم جواب منهنجي زبان تي اچي ويندو هو. منهنجون ڪيل اڳڪٿيون خود مون کي عجيب ۽ غريب معلوم ٿيندو هيون ۽ مان پاڻ حيران هوندو هوس ته اهي ڪيئن پوريون ٿينديون. پر اهي درست ثابت ٿينديون هيون.

ان وقت تائين مان علم نجوم ۾ گم ٿي چڪو هوس. مان هر ڳالهه کي علم نجوم جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ۽ مون کي اهو خيال به ٿيندو هو ته هاڻي بائيبل مقدس مون کي بور ڪرڻ لڳو آهي ۽ دعا گهرڻ تي منهنجي دل به نه چوندي هئي. ان کان پوءِ منهنجي دلچسپي صرف ۽ صرف علم نجوم، هٿ ڏسڻ، علم هندسہ ۽ علم الاعدان تائين محدود ٿي چڪي هئي، ۽ جلد ئي پوءِ مان تنتر جو به مطالعو ڪرڻ لڳس.

## حيرت:

1970ع ۾ منهنجي ڪاليج جي هڪ استاد مون کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو ۽ جيڪي ڪجهه هن پڇڻ چاهيو، اهو

مون هن کي ٻڌايو. هن مون کي ٻڌايو تہ منھنجو پيءُ بہ نجومي آهي ۽ هن مون کي پنھنجي گھر اچڻ جي دعوت ڏني.

هن جو پيءُ واقعي هڪ ڪامياب نجومي هو پر جز وقتي نجومي هو. اڳڪتي ڪرڻ کان پهريان هو مختلف ستارن جي ديوتائن جي پوڄا ڪندو هو تہ جيئن انهن کي خوش ڪري تہ جيئن اهي ديوتا مٿس ۽ سندس خاندان تي ڪو خراب اثر نہ وجهن.

هن اها ڳالھ بہ ٻڌائي تہ علم نجوم کي گھڻو پڙهڻ ڪري هن جو ڀاءُ فائنل امتحان پاس نہ ڪري سگھيو. پوءِ ڪجھ عرصي جي لاءِ هن علم نجوم ڇڏي ڏنو ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لڳو. ائين مطالعي ۾ سندس ڌيان پختو ٿيڻ شروع ٿيو ۽ ان کان پوءِ جڏهن هن امتحان ڏنو تہ هو پاس ٿي ويو.

ان ڳالھ کان پوءِ مون کي بہ پنھنجي هڪ پراڻي ڳالھ ياد آئي تہ مان بہ امتحان ۾ هڪ دفعو ڪامياب نہ ٿي سگھيو هوس. جيڪو ڪجھ هن نجومي مون کي ٻڌايو ان ڳالھ جي شاهدي ڪتابن ۾ بہ هئي. پر مان ڄاڻندو هوس تہ غير معبودن جي عبادت ڪرڻ سان خدا جي حڪمن جي خلاف ورزي ٿئي ٿي. ڏهن حڪمن مان پهريان بہ حڪم هن ڳالھ جي ئي باري ۾ ٻڌايا ويا آهن:

"مون کان سواءِ اوهان جي لاءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ هجي. اوهين پنھنجي لاءِ ڪابہ تراشيل مورت يا ڪنهن بہ شيءِ جي صورت نہ جوڙيو، جيڪا آسمان ۾، زمين تي يا زمين جي هيٺان پاڻيءَ ۾ آهي." (خروج 20:3-4) سو مون بہ





ستارن جي ديوتائن جي پوڄا نہ ڪئي.

انهن ڏينهن ۾ منھنجي مزاج ۾ ڪاوڙ ۽ چڙ شامل ٿي ويئي هئي. ڪيئي دفعا منھنجي دماغ ۾ شيطاني خيالن جو طوفان اٿندو هو ۽ مان سوچڻ لڳندو هوس تہ مان چريو ٿي چڪو آهيان. ڪيترائي ڀيرا منھنجي دل ۾ خيال آيو تہ مان ماڻهن کي قتل ڪيان ۽ پوءِ مان پنھنجو پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو هوس. جڏهن طبيعت ۾ ڪجھ سڪون ايندو هو تہ مان ٻاهر نڪري ايندو هوس. مٿي ۾ سور لڳندو هو ۽ گھبراهٽ جو شڪار هوندو هوس. جڏهن بہ ڪنهن ٻئي لاءِ علم نجوم جي قدرت استعمال ڪئي تہ پاڻ ڪمزور ۽ ٿڪل ٿيس.

هڪ ڳالھ اها بہ منھنجي مشاهدي ۾ آئي تہ جيترا بہ ماڻهو علم نجوم جي باري ۾ مون کان صلاح مشورو ڪندا هئا، اهي بہ بائيبل مقدس کان پري ٿي ويا هئا ۽ اهي بہ بائيبل مقدس جو مطالعو نہ ڪندا هئا ۽ خداوند عيسيٰ مسيح جي ڳالھ کان پنھنجي بيزاريءَ جو اظهار ڪندا هئا. مون کي اها ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي تہ جيڪي آءٌ انهن کي ڳالهيون ٻڌائيندو هوس اهي درست ثابت ٿينديون هيون. تہ پوءِ هن ڪم ۾ غلطي يا برائي ڪهڙي هئي؟

## مشغلو منھنجو آقا:

منھنجي ڪاليج ۾ مون سان گڏ هڪ ڇوڪرو پڙهندو هو. اسان ٻئي ڄڻا ڪاليج اچڻ لاءِ گڏ بس ۾ سفر ڪندا هئاسون. هڪ ڏينهن مون ڏٺو تہ هن جي چهري جي حالت نهايت عجيب ٿي چڪي هئي. مون کي لڳو تہ هو جلد مرڻ

وارو آهي. ٻئي ڏينهن اسان ٻئي هڪ استاد سان گڏ بس اسٽاپ تي بيٺا هئاسين ته هڪ تيز رفتار ٽرڪ کيس چيڀاٽيندي هلي وئي ۽ اهو ڇوڪرو ان وقت ئي مري ويو.

ان کان پوءِ هڪ مهيني جي اندر مون پنهنجي هڪ دوست جي اکين ۾ به اهڙي ئي حالت ڏٺي هئي، جيڪا ان مري ويل ڇوڪري جي چهري تي مون ڏٺي هئي. ان کان پوءِ مون جڏهن ٻئي ڏينهن جي اخبار پڙهي ته ان ۾ سندس کنهن حادثي ۾ مري وڃڻ جي خبر هئي. پوءِ مون تي خوف ڇانئجي ويو. مون ۾ هڪ دهشت ناڪ طاقت اچي ويئي هئي ۽ مان ان طاقت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ بي وس هوس.

ڪيترا ئي ڀيرا مون کي خيال آيو ته مان خودڪشي ڪريان. پر خدا مون کي روڪيو ۽ سمجهايو ته اهو خيال غلط آهي ۽ مون کي ان مان آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ائين لڳندو هو ڄڻ ته مون کي پنهنجو پاڻ تي ڪوبه اختيار نه آهي، پر ڪنهن بيروني طاقت مون تي قبضو ڪيو آهي ۽ اها مون کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ گهري ٿي. مون علم نجوم کي هڪ مشغلي طور ڪنيو هو، پر هاڻي هو منهنجو آقا ٿي ويو هو. هاڻي مان ان مان جند ڇڏائڻ لاءِ بيتاب هوس.

هاڻي اهو نجومي مون کي ياد آيو، جنهن مون کي نجوم ڇڏڻ جي نصيحت ڪئي. آئون ساڻس مليس. ان مون کي صلاح ڏني ته علم نجوم کجهه وقت جي لاءِ ڇڏي ڏيان ۽ ستارن جي ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ ڇيو.





هاڻي مون کي خبر پيئي ته مان هڪ مصيبت ۾ مبتلا ٿي چڪو آهيان ۽ شيطان جي ڄار مان نه ٿو نڪري سگهان. مان ڪوشش ڪندو هوس ته خداوند عيسيٰ مسيح کان دعا گهران پر مون کي گوڏن پر بيهڻ ۽ جهڪڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. پر خدا ڏاڍو رحيم آهي. جڏهن خدا ڏٺو ته مان دل سان چاهيان ٿو ته شيطان جي ڄار مان نڪران، ته پوءِ هن منهنجي دل ۾ بائيبل مقدس جي مطالعي جو شوق جاڳايو.

ڀهريان مون پنهنجو فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ اجان وڌيڪ سنجيدگيءَ سان بائيبل مقدس جو مطالعو ڪرڻ لڳس. چند مهينن ۾ مون کي معلوم ٿيو ته مان علم نجوم ڇڏي چڪو هوس. هاڻي مون ۾ همت ۽ جرئت پيدا ٿي ته جيڪي به ماڻهو مون سان مشورو ڪرڻ ۽ قسمت جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ مون وٽ ايندا هئا، مان انهن کي صاف انڪار ڪري ڇڏيندو هوس. هو گهڻو حيران ٿيندا هئا، پر مان ڄاڻندو هوس ته شيطاني طاقتن کي استعمال ڪرڻ سان ڪهڙو نقصان ٿي سگهي ٿو ۽ انهن جو ڪيترو خراب اثر ٿي سگهي ٿو. ٻيو ته خداوند انهن کي استعمال ڪرڻ کان منع ڪيو آهي: ”اوهان منجهه ڪو به اهڙو ماڻهو نه هجي جو پنهنجي پٽ يا ڌيءَ کي قرباني طور ساڙي، يا جيڪو غيب جون ڳالهيون ڪري، قسمت جو حال ٻڌائي، فال وجهي، جادوگري ڪري، يا جيڪو منتر پڙهي،مئلن جي روحن کان پڇا ڳاڇا ڪري ۽ ساڻن صلاح مشورو ڪري. ڇالاءِجو جيڪي اهي ڪم ڪن ٿا، سي سڀ خداوند جي نظر ۾ نفرت

جي لائق آهن. اهڙن ئي ڪراهت جهڙن ڪمن جي ڪري خداوند اوهان جو خدا انهن کي اوهان جي اڳيان اتان پڇائي ڪڍندو.“ (شريعت جو ڏؤر 18:10-12)

## ڪتابن کي ساڙڻ:

ڊسمبر 1971 ۾ منهنجي وڏي خواهش هئي ته لڪل طاقتن جي متعلق سڀ ڪتاب ساڙي ڇڏيان. پر منهنجي دل ان ڳالهه کي قبول نه ڪيو، ڇو جو مون انهن نقشن ۽ نوٽن کي تيار ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳايو هو. تنهنڪري مون دل مان اهو خيال ڪڍي ڇڏيو. ٻن هفتن گذرڻ کان پوءِ مون کي ٻيهر اهو خيال آيو ته لڪل طاقتن متعلق جيڪو به مواد مون وٽ آهي ان کي ساڙڻ گهرجي. هاڻي مون خداوند عيسيٰ مسيح کان دعا گهري ته جيڪڏهن هي خيال تنهنجي طرف کان آهي ته پوءِ قائم رهي نه ته ختم ٿي وڃي. هڪ مهينو گذري ويو، پر اهو ساڳيو خيال جيئن جو تيئن قائم رهيو. تنهنڪري مون سڀ ڪتاب ڪڍي ساڙي ڇڏيا. پر ان رات مون کي ننڊ نه آئي. بار بار هيءَ خواهش هئي ته علم نجوم جا سڀئي نشان ختم ڪريان. ان ڳالهه جو اهو مطلب هو ته اهي چارٽ ۽ نقشا جيڪي مون وڏي محنت ۽ دماغ سوزيءَ سان ناهيا هئا انهن کي به ساڙي ڇڏيان.

ٻئي ڏينهن صبح جو مون سڀ ڪجهه آخري صفحي تائين ساڙي ڇڏيو. پوءِ منهنجي دل ۽ دماغ تان ڄڻ بار هلڪو ٿي پيو ۽ مون کي سڪون مليو. هاڻي بائيبل مقدس جي





مطالعي ۽ دعا ڪرڻ ۾ مون کي مزو اچڻ لڳو ۽ پوءِ مسيح جي فرمانبرداري ڪرڻ سان، هن جي ۽ منهنجي دوستي بحال ٿي ويئي.

هن مرحلي تي مون فيصلو ڪيو ته پنهنجو پاڻ کي نئين سر خداوند عيسيٰ مسيح جي سپرد ڪريان جنهن ڪري آءٌ تمام خوش ۽ شادمان ٿيس. منهنجي گهٻراهٽ ۽ پريشان خيالن جو طوفان ختم ٿي ويو. مون لاوي سرشتي ۾ هي آيت پڙهي: ”جيڪو ماڻهو مئل ماڻهن جي روحن سان ڳالهائيندڙن ۽ پوپن ڏانهن مائل ٿيندو ۽ انهن جي پيروي ڪري مون سان بي وفائي ڪندو، ته آءٌ انهيءَ ماڻهوءَ جي خلاف ٿيندس ۽ انهيءَ کي قوم مان خارج ڪري ڇڏيندس.“ (6:20) منهنجي زندگي ۾ اهو ئي ٿيو هو. منهنجي تجربي هن آيت جي سچائي کي ثابت ڪيو.

مون شيطان جي ڪمن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ خدا جي طرف رجوع ڪيو، تنهن تي جيڪي ڳالهيون منهنجي معتلق پيشنگوئيون ٿيل هيون سي سچ ثابت نه ٿيون. هاڻي منهنجو مستقبل انهيءَ هستيءَ جي هٿن ۾ هو جيڪو مستقبل آسانيءَ سان تبديل ڪري سگهي ٿو. هن منهنجي ماضيءَ جي خطائن کي معاف ڪيو هو ۽ منهنجي مستقبل جو زميوار ٿيو هو.

پر چند مهينن کان پوءِ مون وري غلطي ڪئي جڏهن مون ڪنهن شخص جو هٿ ڏنو ۽ هن جي ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌايون. انهيءَ رات ۽ ٻي صبح جو دعا گهرڻ ۽ بائيبل مقدس پڙهڻ جو شوق نه هو، سو مون کي

پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو. مون وري خدا کان معافي گهري ۽ فيصلو ڪيو تہ اڳتي ڪڏهن بہ وري ڪنهن جو هٿ يا زائچو نہ ڏسندس.

جڏهن مان پنهنجي ماضيءَ تي غور ڪريان ٿو ۽ مان ڏسان ٿو تہ علم نجوم منهنجي روحاني زندگيءَ کي مفلوج ڪيو هو. عيسيٰ مسيح مون کي معاف ڪري منهنجي روح، بدن ۽ دماغ کي صحت ۽ تازگي عطا ڪئي. ان کان وڌيڪ هن مون کي هڪ نئون روح ڏنو آهي جيڪو شيطان جي مڪاري ۽ دوکيبازيءَ جو اعلان ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ چاهي ٿو. بائيبل مقدس جي نافرمانيءَ سان ڪيترو نہ نقصان ٿي سگهي ٿو. هي اهو ئي ڪتاب آهي جيڪو اسانجي بهتري ۽ فائدي لاءِ ڏنو ويو آهي.

قادرِ مطلق خداوند عيسيٰ مسيح جو شڪر ۽ حمد ٿئي. هن جي محبت ۽ قدرت مون کي انهن قوتن کان آزاد ڪيو جيڪي مون تي غالب رهيون هيون.

(پورو ٿيو)





## آخري صحفي تي ڏسو!



چاھ اوھان توريت‌شريف ، پاڪ زبور ۽ انجيل مقدس جي واقفيت حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا؟

جيڪڏهن جواب ”هائو“ ۾ آهي ته پوءِ هيٺ صاف اکرن ۾ پنهنجو نالو ۽ مڪمل پتو لکي، هي پنو ڦاڙي لفافي ۾ وجهي اسان ڏانهن موڪليو. اسين مفت ڪورس جو پهريون سبق جلدي اوهان ڏانهن موڪليندا‌سين.

مهرباني ڪري لفافي تي بڪ پوسٽ جي موجب ٽڪلي هڻندا.

نالو......................................................................................

پتو........................................................................................

تعلقو..................... ضلعو..................... عمر..............

اي-ميل..................................................................................

فون.......................................................................................

(نوٽ: 18 سالن کان گهٽ عمر وارن دوستن ڏانهن ڪورس نه موڪليو ويندو)






# مسيحي ادبي انجمن

Masihi Adabi Anjuman

پوسٽ باڪس نمبر 358

حيدرآباد، سنڌ

Phone: 0301 354 6751

E-Mail: maasindh@gmail.com